هڪ شيءِ کان وڌيڪ نہ آهن ۽ اهي سڀ شيون"روح قدسي" جو اولڙو يا عڪس آهن. جهانن ۽ جهانن وارن ۾ اهو روح قدسي، هڪ ئي آهي.

اي عزيز! ڄاڻ تہ انساني جسم ۾ نفس، خراب صفتن جو مرڪز آهي، جيئن روح سهڻين صفتن جو مرڪز آهي، تيئن نفس جي اوگڻن يعني بيڇڙين صفتن جي ڪا انتها ۽ ڇيهہ نہ آهي. جن کي زبان ۽ قلم بيان ڪرڻ کان عاجز آهي، پر الله تعالي بنده نواز ۽ ڪارساز آهي، چاهي تہ هن عاجز ۽ پنهنجن سيني ۽ ڀانهن کي نفس جي شرارتن ۽ وسوسن کان محفوظ رکي. جيتوڻيڪ نفس جون بيڇڙيون صفتون بي انت ۽ بيشمار آهن، پر انهن مان ڪي خراب صفتون، حد کان وڌيڪ ڪنيون ۽ بيڇڙيون آهن. جن مان ڪي هي آهن: ۱-نفس پرستي. انساني نفس، هميشه گهرندو آهي تہ ان جون جائز ۽ ناجائز خواهشون ۽ لڏتون پوريون ٿيندیون رهن. تانجو ماڻهو ان جي ائين اطاعت ۽ تابعداري ڪن، جيئن الله جي تابعداري ۽ اطاعت ڪندو آهي. ان حقيقت کي الله تعالي هن طرح بيان فرمائي ٿو تہ:

أَفَرَأَيْتَ مَنِ اتَّخَذَ إِلَٰهَهُ هَوَاهُ[1]

[ڇا تو انهيءَ شخص کي ڏٺو جنهن پنهنجي نفس کي، پنهنجو معبود ٺاهيو آهي.](216)

جيستائين ماڻهو انهيءَ خراب صفت کان پاڻ کي پاڪ نٿو ڪري، تيستائين الله جي محبت حاصل ڪري نٿو سگهي. ۲- نفس جي ٻي بيڇڙي صفت نفاق آهي. يعني انسان جي ظاهر ۽ باطن ۾ يڪسانيت نہ هجي. ماڻهن جي سامهون پاڻ کي چگو ثابت ڪري، پر ان جي اندروني حالت ۾ فتنو فتور ۽ فساد هجي. انهيءَ خراب صفت جو ازالو ان وقت ٿي سگهي ٿو. جڏهن ماڻهو سچ ۽ سچائي جي رستي تي هلي. ۳- نفس جي ٽين بيڇڙي صفت اڳواڻي ۽ رياست جي ريس ۽ محبت آهي. نفس سدائين گهرندو آهي تہ پاڻ کي، ماڻهن ۾ محترم، مشهور، مَانَ وارو ۽ انهن جو سائين ثابت ڪري. جيتوڻيڪ الله وٽ ڪريل ۽ ڪرايل چو نہ هجي. مثلاً مال ۽

[1] سورة الجاثية آيت : ۲۳

www.maktabah.org

دولت تي فخر جي ذريعي، ساڙ ۽ حسد جي ذريعي، ظلم ۽ ڏاڍ جي ذريعي. اهڙو انسان اُهي ڪم ڪندو آهي، جيڪي ماڻهن ۾ بيڇڙا ليکيا ويندا آهن ۽ ڳجهه ۾ اُهي ڪم ڪندو آهي، جيڪي الله کي پسند نه هوندا آهن. مثلاً فقر، فاقي ۽ مسڪينيءَ جي زندگي گذارڻ کي عيب سمجهندو آهي. انهيءَ خراب عادت کان جان تڏهن ڇٽي سگهي ٿي، جڏهن ڪائنات جي هر شيءِ کي خسيس ۽ بي قدر سمجهي.

ڇيو ويو آهي ته نفس هر حالت ۾ رياڪار، اڪثر حالتن ۾ منافق ۽ بعض حالتن ۾ مشرڪ هوندو آهي. ڇاڻڻ گهرجي ته رياڪار نفس جو مثال ٻاه وانگر آهي. ٻاه، پنهنجي چگي وصف، يعني روشنيءَ کي ظاهر ڪندي آهي ۽ پنهنجي خراب خصلت يعني ساڙڻ جي صلاحيت کي لڪائيندي آهي. پر ان جي اها عياري ۽ چالاڪي محققن کان ڳجهي نه رهندي آهي. ڪي چون ٿا ته نفس جو مثال انهيءَ صاف ۽ شفاف پاڻي وانگر آهي، جيڪو بيٽل هجي. جيڪڏهن اهو پاڻي حرڪت ڪري، يعني جاري ٿئي ته ان جي هيٺان جيڪا گَپَ چڪَ هوندي آهي، سا ظاهر ٿي پوندي آهي. نفس جي برائي ظاهر هجي يا ڳجهي، پر جيڪي ڪوتاه نظر ماڻهو هوندا آهن ۽ جن جي نظر ۾ قصور ۽ فتور هوندو آهي ۽ جيڪي ٻاراڻي طبيعت وارا هوندا آهن، اهي نفس جي خراب حرڪتن کان واقف نه هوندا آهن، پر صاحب نظر شخص جي اڳيان نفس جون خراب صفتون ڳجهيون نه هونديون آهن. انهن کي سندس خرابيون، چگيءَ طرح نظر ايندیون آهن. ان کي هڪ مثال سان سمجهي سگهجي ٿو. نقلي وارن جي ڇُڇ (جنهن کي وگ به چوندا آهن) ۽ خسيس قسم جو فيشني لباس، بظاهر حسن ۽ زينت جي نشاني سمجهي ويندي آهي. ٻاراڻي (۽ شوبازيءَ واري) شوم ۽ نحس طبيعت رکندڙن کي اها شيءِ ڏاڍي وٽندي آهي. اُهي ان کي حسن ۽ جمال جي علامت سمجهندا آهن، ليکن جيڪي عقلمند ۽ بالغ نظر هوندا آهن، اهي انهيءَ (شوبازيءَ) جي حقيقت کان چگي طرح واقف هوندا آهن. اُهي، ان کي رياڪاري سمجهندا آهن ۽ انهن کي معلوم هوندو آهي ته اهڙا ماڻهو پاڻ کي ماڻهن جي نگاهن ۾ سهڻو ثابت ڪرڻ لاءِ

www.maktabah.org

اهڙيون حرڪتون ڪن ٿا ۽ مخلوق کان پنهنجا عيب لڪائين ٿا. اهڙن ئي ماڻهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته رياڪار شخص، پنهنجيون چڱايون ماڻهن کي ڏيکاريندو آهي ۽ ملامتي ماڻهو پنهنجيون چڱايون لڪائيندا ۽ پنهنجا عيب ظاهر ڪندا آهن. (1)

ٻنهي قسمن جا ماڻهو الله کان بيخبر هوندا آهن. خدا تعالي جي ويچاري مخلوق، انهن جي چڪرن ۾ قاتل ۽ خالق اڪبر کان بيخبر ۽ گمراه رهي ٿي ۴۰- نفس جي چوٽين خراب صفت الوهيت يعني رب سڏائڻ جي خواهش آهي. ڇاڪاڻ ته نفس پاڻ کي، الله تعالي جي مقابلي ۾ آڻي، انسان کان پنهنجي هر ڳالهه ميائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. مثلاً نفس گهرندو آهي ته خلق خدا، ان جي ساراه ڪري، ان جا حڪم احڪام بجا آڻي. جن ڳالهين کان اهو روڪي، انهن کان باز اچي. مخلوق کان ڊڄي، هر وقت هر حالت ۾ ماڻهن جي اندر طمع رکي. اها ئي ڳالهه آهي، جنهن جي تقاضا حق تعالي پنهنجن ٻانهن کان ڪندو آهي ۽ اها ئي الوهيت جي دعويٰ آهي. انهن ٻنهي قسمن جي ماڻهن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته رياڪار پنهنجيون چڱايون مخلوق جي سامهون پڌريون ڪندو آهي ۽ مخلوق کي خدا کان جدا سمجهندو آهي ۽ خيال ڪندو آهي ته خلق، خالق کان سواءِ ۽ ان جي غير آهي ۽ هن حقيقت جي معنيٰ تائين نه پهچندو آهي ته الله کانسواءِ ڪا بي شيءِ موجود ئي نه آهي. پوءِ جيڪي رياڪار آهن ۽ جيڪي پنهنجيون نيڪيون لڪائيندا آهن، اهي ٻئي الله وٽ برابر آهن، ڇاڪاڻ ته ڳالهه ڳجهي هجي يا ظاهر، الله جي اڳيان هر شيءِ آشڪار ۽ پڌري آهي. هڪ درويش چوي ٿو:

بيت

خوش آنکه لباس و هم عاشق مي بينم
حق را همه خلق و خلق را هم حق مي بينم

---

(1) "ملامتي" ملامت مان ورتل آهي. صوفين جو هڪ فرقو آهي، جنهن جو عقيدو آهي ته نيڪيون لڪائي ڪجن ۽ ظاهر ۾ برا ڪم ڪجن ته جيئن ڏسندڙ ماڻهو ملامت ۽ لعن طعن ڪن. ماڻهن جي ملامت ۽ نفرت جيتري وڌندي، اوتري الله جي رضا حاصل ٿيندي.

www.maktabah.org

[خوش آهيان جو عاشق ۽ سيني کي هڪ لباس ۾ ڏسان ٿو، حق کي سموري مخلوق ۽ مخلوق کي حق ڏسان ٿو.]

ان لحاظ سان عارفن وٽ رياکار ۽ ملامتي، بنهي قسمن جا ماڻهو مشرڪ آهن. نفس جون اهي بئي صفتون تڏهن ختم ٿي سگهن ٿيون، جڏهن، باطن تي الله تعالي جي تجلي ٿيندي رهي. ۵- نفس جي هڪ صفت خودپرستي ۽ خودپسندي آهي. اهڙي شخص کي هر وقت پنهنجي تعريف ۽ پنهنجيون چڱايون ظاهر ڪرڻ جو شوق هوندو آهي. هر حالت ۾ پاڻ کي پسند ڪرائيندو ۽ پنهنجي تعظيم ڪرائيندو آهي. جيڪڏهن بئي سان ٿورو به احسان ڪندو آهي ته ان تي احسان ڄاڻائيندو آهي ۽ سڄي عمر ان کي پنهنجو احسانمند سمجهندو آهي ۽ سالن جا سال انهيءَ معمولي پلائي کي به ڳائيندو رهندو آهي، پر جيڪڏهن ٻيو ساڻس وڌي ۾ وڌي پلائي به ڪندو آهي ته ان کي اهميت نه ڏيندو آهي ۽ ان کي وساري ڇڏيندو آهي، جيڪا هاڃيڪار صفت آهي. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي:

ثَلَاثٌ مُهْلِكَاتٌ شُحٌّ مُطَاعٌ وَهَوًى مُتَّبَعٌ وَإِعْجَابُ الْمَرْءِ بِنَفْسِهِ (1)

[ٽي ڀالهيون هلاڪ ڪندڙ آهن: ۱- سخت قسم جي بخيلي ۲- خواهشن جي غلامي ۳- خودپسندي يا خودپرستي.

ابوبڪر واسطي رح چوي ٿو ته:

اَلنَّفْسُ صَنَمٌ وَالنَّظْرُ إِلَيْهَا شِرْكٌ وَالنَّظْرُ فِيهَا عِبَادَةٌ (1)

[نفس هڪ بت آهي، ان ڏانهن نهارڻ شرڪ ۽ ان جي باري ۾ غور فڪر ڪرڻ عبادت آهي.]

نفس جي انهيءَ رڏيل صفت کي، انهيءَ وقت ختم ڪري

---

(1) تفسير قرطبي ص ١٦٧ ج ١٦، تفسير طبري ص ١٨ج ٢٥، مجمع الزوائد ص ٢٣٩ ج٥، شعب الايمان ص ٤٧١ ج ١، لسان الميزان ص ٢٦٣ ج ٢، ص ٤٣٧ ج ٤، فيض القدير ص ٥٦١ ج ٣، حلية الاولياء ص ١٠٦ ج ٢، معجم الصحابة ص ٢٠٦ ج ٢، كشف الخفاء ص ٣٨٦ ج ١، مصنف ابن ابي شيبه ص ٥٠٣ ج ٧.

(1) اهوئي قول ذوالنون مصري رح جو به آهي. (ڏسو امام بيهقي جو ڪتاب الزهد الكبير ص ١٥٦ ج ٢) ۽ حلية الأولياء ص ٢٠١ ج ١٠ ۾ اهو قول سهل بن عبدالله ڏانهن منسوب آهي.

www.maktabah.org

سگھجي ٿو. جڏهن ماڻهو صحيح معنيٰ ۾ نفس جي حقير ۽ خسيس هجڻ جي سچاڻپ ڪري. نفس جي ڇهين صفت بخيلي ۽ مال ملڪيت جو خرچ نه ڪرڻ آهي. يعني مال، ملڪيت، سامان سڙو جيڪي به مرغوب ۽ پسنديده شيون هٿ ۾ هجن، انهن کي روڪي رکڻ ۽ هٿ کي ٽنگڻ. دل کي مڪمل طرح انهن شين سان ريجهائڻ ۽ انهن کان ٻاهر نه نڪرڻ. تانجو انسان جي سموري سوچ ويچار جو مرڪز مال دولت جو ميڙڻ هوندو آهي. ان تي فخر ڪندو آهي يا فقيري ۽ تنگدستي کان ڊڄندو آهي. جڏهن نفس جي اها صفت سگهاري هوندي آهي ته ان مان حسد جي صفت پيدا ٿيندي آهي. يعني حاسد جنهن وٽ به ڪا نعمت ۽ چڱائي ڏسندو آهي، ان جي زائل ٿيڻ جي تمنا ڪندو آهي. پڙ ٻئي جي مال ۾ به بخيلي ڪندو آهي، يعني پسند نه ڪندو آهي ته ڪو شخص مسڪين، مفلس ۽ محتاج ماڻهو کي ڪا شيءِ ڏئي.[2]

جڏهن ماڻهو ۾ حسد وڌي ويندو آهي ته ان جي اندر حقد يعني ٻين جي خلاف نفرت ۽ ساڙ پيدا ٿيندو آهي ۽ جنهن کي به پنهنجي برابر ڏسندو آهي يا ان جي فضيلت تي نظر پوندي اٿس، يا ٻئي کي پاڻ کان ممتاز يا وڌيڪ نعمت وارو ڏسندو آهي، ان جي زوال ۽ هلاڪت جو طالب ٿي ويندو آهي. اهڙو شخص، ماڻهن جي مال ۾ طمع رکندو آهي. ياد رکجي ته ساڙ ۽ بخيلي جي خسيس صفت کي فقط يقين جي نور جي غلبي سان ختم ڪري سگهجي ٿو. ۷- نفس جي ستين خراب صفت حرص ۽ هوس آهي، يعني نفس سدائين شهوتن، ظاهري لذتن، جماع، کائڻ، پيئڻ، پائڻ، سمهڻ وغيره جو عادي هوندو آهي. وڌ ۾ وڌ مال جمع ڪرڻ جي ڳڻتي ۾ ڳرندو آهي. عزت، جاه ۽ مرتبي جو طالب هوندو آهي. جڏهن ان کي ڪا

---

[2] قرآن مجيد ۾ ان حقيقت کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: ولا يحض علي طعام المسكين (سوره ماعون پ ۳۰) (اهو يتيم جي کارائڻ تي رغبت نه ڏيارينداو آهي.) سوره نساء پ ۵ ۾ آهي: الذين يبخلون ويامرون الناس بالبخل (سوره النساء پ ۵) (بيشڪ الله آکڙ ۽ فخر ڪندڙن کي پسند نه ڪندو آهي، جيڪي بخيلي ڪندا آهن ۽ ماڻهن کي بخيليءَ جو حڪم ڪندا آهن).

www.maktabah.org

مادي شيءِ حاصل نہ ٿيندي آهي تہ بُڙبُڙ شروع ڪري ڏيندو آهي. هڪ گهڙي بہ قناعت نہ ڪندو آهي. ان جو مثال پرواني جو آهي. جيڪو شمع جي روشني کي ڪافي نہ سمجهندو آهي ۽ باه جي ساڙڻ کان نہ ڊڄندو آهي. آخر پاڻ کي باه ۾ ساڙي ڇڏيندو آهي. اهڙو ماڻهو جيتوڻيڪ ڪيترن ئي حادثن ۽ مصيبتن ۾ ڦاسندو آهي، پر هميشه ظاهري، مادي لذتن کي حاصل ڪرڻ جي هوس ۽ حرص ۾ ڳرندو ۽ مرندو آهي، تانجو هلاڪت جو منهن ڏسندو آهي. نفس اماره جي اها خراب خصلت تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ سان ختم ٿي سگهي ٿي. ۸- نفس جي انهن خراب صفت، ڪاوڙ ڪرڻ آهي، جنهن کي "طيش" چوندا آهن، يعني نفس کي ڪنهن بہ طرح چين ۽ سکون نصيب نہ ٿيندو آهي. پنهنجين خواهشن ۽ لذتن جي تڪميل، قول ۽ فعل جي تعميل ۾ جلد بازي ڪندو آهي ۽ جهٽ پل بہ دير برداشت نہ ڪندو آهي. گهرندو آهي تہ هڪدم ان جون خواهشون پوريون ٿين. پنهنجي مراد جي پوري ٿيڻ لاءِ هر قسم جي حرڪت ۽ هر ڪم ڪندو آهي. ڪن دانائن "طيش" (ڪاوڙ) جو مثال هن طرح ڏنو آهي تہ جيئن بال وانگر ڪو لسو پٿر هجي، جيڪو ڪنهن هموار ۽ سٽيئن سڌي سرزمين تي رکيو وڃي. اهو ڪڏهن بہ هڪ حالت تي نہ بيهندو ۽ لڳاتار چرپر ۾ رهندو. نفس جي اها خراب صفت صرف صبر سان ختم ٿيندي آهي. ۹- نفس جي نائين خراب صفت جلد رنج ٿيڻ آهي. جڏهن ان کي پلائي پهچندي آهي تہ خوش ٿيندو آهي، جڏهن ان جي بجاءِ ڪا مصيبت ڏسندو آهي تہ جلد مايوس ۽ غمگين ٿي ويندو آهي ۽ ڪاوڙ لڳندو آهي تہ مون کي جيڪا پهريائين نعمت حاصل هئي، ان جي بجاءِ منهنجي مٿان مصيبت ڇاجي ڪري آئي؟ ڇاڪاڻ تہ بعد واري حالت کي پهرئين حالت تي قياس ڪندو آهي، حالانڪ حالتون هميشه هڪجهڙيون نہ هونديون آهن ۽ ان جي بي صبري جو پيمانو پرجي ويندو آهي ۽ دل مان قرار ۽ چين ختم ٿي ويندو آهي. نفس جي انهيءَ اوگڻ جو علاج هي آهي تہ شڪر جا وظيفا پڙهندو رهي. ۱۰- نفس جي ڏهين صفت سستي آهي. جيئن تہ نفس جي خواهش هوندي آهي تہ ان جون لذتون ۽ شهوتون هڪدم پوريون ٿين، تنهن ڪري انهن کي پورو ڪرڻ ۾ اهڙو

www.maktabah.org

مشغول ۽ رڌل رهندو آهي. جو پنهنجين ذميوارين جي ادا ڪرڻ ۽ اطاعت ڪرڻ ۾ بہ سست ٿي ويندو آهي. نفس جي اها خراب عادت سخت قسم جي مجاهدن ۽ رياضتن سان ئي پوري ٿيندي آهي. جڏهن لڳاتار رياضتون ۽ مجاهدا ڪندو تہ نہ صرف ان جي عملي سستي ۽ ڪوتاهي. پر ان جي جبلي ۽ فطري سستي بہ. جيڪا انسان جي ٻي عادت ٿي ويندي آهي. تبديل ٿي ويندي ۽ انهن رياضتن جي برڪتن سان منجهس ايتري چستي اچي ويندي جو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي حڪمن ۽ احڪامن جي بجاآوريءَ ۾ سرگرم ٿي ويندو آهي. اُن جو مثال جانورن جي سڪل ڪل يا چمڙ آهي. جڏهن ان کي نرم ڪبو آهي تہ پوءِ ان مان مختلف شيون ٺاهي سگهبيون آهن. قرآن مجيد جي نص يعني پڌري بيان ۾ ان حقيقت کي هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ إِلٰى ذِكْرِ اللهِ [1]

[پوءِ الله جي ذڪر لاءِ انهن جو وجود ۽ سندن دليون نرم ٿي ويندين آهن.]

نفس جي انهيءَ بيماري جو علاج نبين سڳورن ۽ انهن جي پيروي ڪندڙ اوليائن ڪرامن جي صحبت اختيار ڪرڻ ۾ آهي. جيڪي نفس جي هر بيماري جو علاج ڪن ٿا.

جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو تہ نفس جون خراب صفتون گهڻيون ئي آهن. جن ۾ بيان ڪيل اهي ڏهہ وڏيڪ اهم ۽ خطرناڪ آهن. ٻيون نفساني بيماريون انهن مان پيدا ٿيندين آهن. بهرحال نفس جون بيماريون ۽ برائيون اصولي هجن. يا فروعي يعني وڏيون هجن يا ننڍيون. انهن سڀني برائين جو بنياد چئن قسمن جي طبيعتن تي آهي. جيڪي هي آهن: ۱- حرارت (گرمي)، ۲- برودت (ٺڏاڻ)، ۳- رطوبت (تري يا آلاڻ)، ۴- يبوست (خشڪي) هر خراب خصلت جي علاج جو دارومدار انهن چئني وصفن تي آهي. جڏهن نفس جي معرفت حاصل ٿي وڃي تہ پوءِ الله جي معرفت حاصل ڪرڻ گهرجي. رب تعالىٰ جي معرفت کان پوءِ، پنهنجي نفس جي معرفت کان وڏيڪ فائديمند ۽ اشرف

---

[1] سورة الزمر آيت: ۲۳

www.maktabah.org

ٻي ڪا شيءِ نہ آهي. بالخصوص هن ڪري ٻہ تہ معرفت الاهي جو دارو مدار خود انسان جي پنهنجي نفس جي معرفت حاصل ڪرڻ تي آهي. جيئن حديث قدسيءَ ۾ آهي تہ جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو. هتي "نفس" مان مراد "حقيقت" آهي. يعني پنهنجي ذات ۽ حقيقت کي سمورين صفتن سان سڃاڻي. انسان وجود تي اثر ڪندڙ شيطاني، ملڪوتي، روحاني ۽ نفساني سيني قوتن جي معرفت حاصل ڪري ۽ انهن جو مشاهدو ڪري. سموري مخلوق ۽ عالم صغير يعني انسان جي نسبت عالم ڪبير ڏانهن ڪري اهو هن طرح تہ جزوي قلب، جزوي نفس، جزوي عقل کي ذات جي ماتحت رکيل سمجهي. جيڪو روح اعظم ۽ قلب اعظم يعني عرش اعظم سان وابستہ آهي ۽ "نفس ڪل" ۽ "عقل ڪل" کي ذات واحد جي ماتحت سمجهي. ڪائنات ۾ جيڪي ٻيون ذاتيون آهن. انهن مان ڪا ذات انهيءَ صفت سان موصوف نہ هوندي آهي. سواءِ انساني ذات جي، پوءِ انسان جي معرفت حاصل ڪرڻ دراصل الله تعاليٰ جي معرفت لاءِ دليل ۽ روشني آهي. پر جيڪڏهن ان مان مراد نفس ناطقه ونجي، جيئن حديث مان ظاهر ٿئي ٿو تہ ٻہ ممڪن آهي. تنهن ڪري جيڪو شخص پنهنجي حقيقت عبديت جو شعور رکندو لازمي ڳالهہ آهي تہ اهو پنهنجي رب جي ربوبيت جي حقيقت حاصل ڪندو تہ بندگيءَ جو حقيقي حقدار فقط الله رب العالمين آهي. جنهن ۾ ڪو ٻہ ڳڻي ڳائيوار نہ آهي. عظمت، ڪبريائي، وڏائي، شان جبروتي، شان قهاري، عزت، صمديت، بي پرواهي ۽ قدرت فقط الله تعاليٰ سان خاص سمجهي، جيڪي ظالم ۽ مشرڪ، اهي صفتون غير الله ڏانهن منسوب ڪندا آهن. انهن جي دعوائن جي ڪري الله تعاليٰ انهن صفتن کان خالي نٿو ٿي سگهي:

وَقُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا ﴿٨١﴾ [1]

[چؤ تہ حق آيو ۽ باطل ڀڄي ويو ۽ باطل آهي ئي ڀڄڻ وارو.]

ان حقيقت جو اعلان هن طرح ٻہ ڪيو ويو آهي تہ نور غالب ٿيو ۽ ڪوڙ ڀڄي ويو.

هتي هڪ عجيب ۽ عظيم نُڪتو سامهون رکڻ گهرجي، جيڪو

---

[1] سوره بني اسرائيل آيت: ٨١

www.maktabah.org

شخص پنهنجي نفس جي صفت ۾ الله تعالي جي صفت ربوبيت کي سڃاڻي ٿو اهو ايڏا حقيقت جي گهرائيءَ تائين ناهي پهتو ۽ ان لاءِ شرڪ جو خطرو آهي ۽ جيڪو انهن ٻنهي صفتن کان ٻاهر اچي ويو اهو خالص موحد آهي.

بيت

تاكه مشرک نيست، در شرک خفي هست
چون شود مشرک، موحد خاص شد

[جيستائين "مشرڪ" نه آهي اهو ڳجهي شرڪ ۾ مبتلا آهي جڏهن "مشرڪ" ٿيو ته، خاص موحد ٿيندو يعني وحدت وجودي آهو آهي، جيڪو "خالص موحد" آهي. جيڪڏهن مرد حق ۽ يقين رکندڙ مؤمن آهين ته فنا كان فاني ٿيءُ، پوءِ تون "خالص موحد" ٿيندين.]

جنهن وقت الله تعالي پنهنجين صفتن مان ڪنهن صفت جي نفس تي تجلي ڪندو آهي ته ان وقت نفس جي باطل صفت جي دعويٰ ختم ٿي ويندي آهي ۽ منجهس عاجزي، فقيري، مسڪيني، نوڙت، پاڻ کي اڻ جاڻ سمجهڻ جون ذاتي صفتون پيدا ٿيندیون آهن. مثال طور، جيڪڏهن الله تعالي ڪنهن شخص جي نفس تي پنهنجي عظمت جي صفت جي تجلي فرمائيندو ته ان جو نفساني غرور ختم ٿي ويندو ۽ منجهس عاجزي جي صفت پيدا ٿيندي. جيڪڏهن الله تعالي پنهنجي شاهي صفت جي تجلي فرمائي ته ان جي نفس جي دعويداري جي صفت ختم ٿي ويندي ۽ پنهنجي اندر ۾ عاجزي ۽ مڃتا جي ڪيفيت لهندو. جيئن رسول الله ﷺ جن كان ثابت ٿيل ڪن دعائن ۾ آهي ته:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ تَوَاضَعَ كُلُّ شَیْءٍ لِعَظْمَتِهٖ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ ذَلَّ كُلُّ شَیْءٍ لِعِزَّتِهٖ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ خَضَعَ كُلُّ شَیْءٍ لِمُلْكِهٖ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اسْتَسْلَمَ كُلُّ شَیْءٍ لِقُدْرَتِهٖ(1)

(1) مجمع الزوائد ص ٩٦، ١٢٥ ج ١٠، المعجم الكبير ص ٢٢٤ ج ١٢، ص ١٢ ج ٢٥، الترغيب والترهيب ص ٢٨٩ ج ٢).

www.maktabah.org

[سڀ ساراه الله جي آهي، جنهن جي عظمت جي آڏو هر شيءِ عاجز آهي، سڀ ساراه الله جي آهي، جنهن جي عزت جي آڏو هر شيءِ ذليل آهي، سڀ ساراه الله جي آهي، جنهن جي حڪومت جي سامهون هر شيءِ بي وس آهي، سڀ ساراه الله جي آهي، جنهن جي طاقت جي اڳيان، هر شيءِ جهڪي ٿي.]

اهڙي طرح الله تعالي جون سموريون صفتون، جنهن، جنهن شخص جو نفس حقدار هوندو آهي، ان تي تجلي ڪندیون آهن. عارف بالله انسان، سندس هر صفت کي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۽ پنهنجي نفس ۾ ان جي معرفت حاصل ڪندو آهي. پر جنهن صفت جي معرفت ان طريقي سان حاصل نه ٿيندي آهي. اها علمي اعتبار سان حاصل ڪندو آهي. يعني معائني ۽ مشاهدي سان ان جي حقيقت حاصل ڪندو آهي. حضرت ذوالنون مصري رح کان پڇيو ويو ته پنهنجي رب کي ڪهڙي شيءِ سان سڃاتئي؟ چيائين ته جڏهن به اندر ۾ برائي جو ارادو پيدا ٿيندو آهي. الله جو جاه جلال ۽ عظمت ياد ايندي آهي ۽ سندس صفت جباري اندر ۾ ظاهر ٿيندي آهي پوءِ الله کان شرم ڪندي، برائي جو ارادو ڇڏي ڏيندو آهيان. يعني حضرت ذوالنون مصري رح جي اندر ۾ الله تعالي جي جلال ۽ عظمت جي صفت جي اثر سبب حيا ۽ شرم پيدا ٿيندو هو. اها معرفت اصولي آهي، جنهن ۾ غلطيءَ جو امڪان نه هوندو آهي. اها ڪشف ۽ عنايت جو نتيجو هوندي آهي. خبر ۽ برهان جو نتيجو نه هوندي آهي. قلب ۾ انهن خدائي صفتن جي پيدا ٿيڻ جو هڪ ٻيو سبب هي هوندو آهي ته جيئن ته انساني قلب ۾ الله جي شان ربوبيت ۽ پنهنجي شان عبوديت يعني ٻانهپ جو اعتقاد موجود هوندو آهي، تنهن ڪري منجهس الله تعالي جي عبادت ڪرڻ جي رغبت پيدا ٿيندي آهي. جيئن اصحابن سڳورن جي سيرت مان معلوم ٿئي ٿو جو قرآن مجيد انهن جي صفت بيان فرمائي ٿو ته:

رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمْ وَرَضُوا عَنْهُ [1]

---

[1] سورة المائدة آيت: ١١٩

www.maktabah.org

[الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي ان کان راضي ٿيا.]

پوءِ جيڪڏهن، پنهنجي اندر محبت الاهي جي صفت ۽ جذبو موجود لهي، پڪ ڄاڻي ته الله جي محبت ان ڏانهن متوجه ٿي رهي آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ آهي: يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّونَهُ اهو انهن سان محبت ڪندو ۽ اهي ان سان محبت ڪندا. ان آيت ۾ متين حقيقت ڏانهن اشارو آهي شاعر چوي ٿو ته:

اطال شوق الاحباب الي لقائي
و اني الي لقائهم لاشد شوقا

[منهنجي ملاقات لاءِ دوستن جو شوق ڏاڍو وڌي ويو آهي ۽ بيشڪ آءٌ پاڻ به سندن ملاقات جو ڏاڍو شوق رکان ٿو.]

هن شعر ۾ به متي بيان ڪيل حقيقت لاءِ دليل آهي ته بانهو جيڪڏهن پنهنجي اندر الله تعالي جي ياد لهي ته ڄاڻي ته انهيءَ مقدار يا اعتبار سان الله تعالي جي ويجهو آهي. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

فَاذْكُرُونِي أَذْكُرْكُمْ [1]

[پوءِ مون کي ياد ڪريو ته آئون توهان کي ياد ڪريان.]

الله جي ڪلام پاڪ ۾ ذڪر جا به مرتبا بيان ڪيا ويا آهن. يعني الله تعالي جي ياد جي شروعات يا ته بانهي جي طرفان هوندي، جيئن هن آيت ۾ آهي ته "توهان مون کي ياد ڪريو." اتي ذڪر جي نسبت بانهي ڏانهن آهي. يا وري ان جي شروعات الله جي طرفان ٿيندي آهي (جيئن سوره توبه پ ١١ آيت: ١١٨ ۾ فرمايو ويو آهي ته پوءِ الله انهن تي ٻاجهه سان موٽيو ته جيئن اهي به پنهنجي رب ڏانهن موٽن. [2]

---

[1] سورة البقرة آيت: ١٥٢

[2] ٻئي هنڌ الله تعالي انهيءَ حقيقت کي هن طرح صاف صاف بيان فرمايو آهي: پوءِ جيڪو گهري ته الله ڏانهن واٽ ونئي ۽ توهان چا گهرندا، جيستائين الله نه گهري. (سوره الدهر آيت: ٢٩- ٣٠) پڙ سوره يونس ۾ ان کان به وڌيڪ واضح آهي ته ڪنهن نفس لاءِ

www.maktabah.org

بهرحال جيڪا ب صورتحال هجي، وڏيڪ اهميت هن ڳالهه جي آهي ت الله ڀانهي کي ياد رکي، ڇاڪاڻ ت جيستائين الله تعالي ڀانهي کي ياد نٿو فرمائي، ان وقت تائين ڀانهي کي الله تعالي جي ياد جي توفيق نصيب نه ٿي ٿئي. جيڪڏهن ڀانهو پاڻ ذڪر ڪندو تڏهن ب اهو الله رب العزت جي توفيق جو نتيجو آهي.

جيڪڏهن "ذڪر" الله جي طرفان هجي ت پوءِ اها ان تي الله تعالي جي ذات ۽ مهرباني آهي.[3]

امير المؤمنين علي مرتضي رضي الله عنه انهيءَ مناسبت سان ذڪر کي بن ذڪرن جي درميان بيان فرمايو آهي.

جيڪو شخص گهري ٿو ت ڇاڻي ت الله وٽ سندس قدر قيمت ڪيتري آهي، اُن کي گهرجي ت پهريائين هن ڳالهه جو تعين ڪري ت سندس دل ۾ الله تعالي جو مانُ، مرتبو ۽ شان ڪيتري قدر آهي؟ انهيءَ اعتبار سان پاڻ کي پرکي، پوءِ پاڻ کي حق تعالي جي ويجهو خيال ڪري، جيئن حديث شريف ۾ آهي ت:

مَنْ كَانَ يُحِبُّ اَنْ يَعْلَمَ مَنْزِلَتَهٗ عِنْدَ اللّٰهِ فَلْيَنْظُرْ كَيْفَ مَنْزِلَةُ اللّٰهِ عِنْدَهٗ فَاِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى يُنْزِلُ الْعَبْدَ مِنْهُ حَيْثُ اَنْزَلَهٗ مِنْ نَفْسِهٖ [1]

[جيڪو پسند ڪري ٿو ت ڇاڻي ت الله وٽ ان جو ڪهڙو مرتبو آهي، اهو ڏسي ت الله جو وٽس ڪهڙو مرتبو آهي. ڇاڪاڻ ت الله تعالي ڀانهي کي انهيءَ مان مرتبي تي لاهيندو آهي، جنهن جو لائق هوندو آهي.]

ممڪن ئي نه آهي ت ايمان آڻي، مگر الله جي اجازت ۽ توفيق سان) نه صرف ايترو بلڪ وڏا وڏا نبي ب اهو چئي ويا ت منهنجي توفيق ت فقط الله جي مهرباني سان آهي.

[3] ابن عمر رضي الله عنهما کان روايت آهي ت نبي ﷺ جن فرمايو ت الله جو توهان کي ياد ڪرڻ، توهان جي طرفان الله کي ياد ڪرڻ کان افضل آهي: تفسير قرطبي، طبري، ابن ڪثير آيت: ولذكر الله اكبر، كتاب الدعاء ص ٢٢٧ ج١، شعب الايمان ص ٤٤٩ ج ١).

[1] حديث صحيح آهي: حاكم ص ٢٧١ ج١،ڏسو: مجمع الزوائد ص ٧٧ج ١٠، معجم الاوسط ص ٦٧ ج ٣، مسند ابي يعلي ص ٣٩٠ ج ٣، ١٠٦ ج ٤، مسند عبد بن حميد ص ٣٣٣ ج١، شعب الايمان ص ٣٩٨ ج ١١٤، ١ج٦، الترغيب ص ٢٦١ ج ٢، فيض القدير ص ٤٩ ج ٦، ميزان الاعتدال ٢٥٣ ج ٥، نوادر الاصول في احاديث الرسول ١٢٦ ج ٢.

www.maktabah.org

جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

أَنَا عِنْدَ ظَنِّ عَبْدِي بِي[2]

[مان پنهنجي بانهي جي گمان مطابق معاملو ڪندو آهيان.]

هن فقير جي پير دستگير جو فرمان آهي ته بانهي جو الله کي ياد ڪرڻ، الله تعالي جي بن ذڪرن جي درميان ۾ آهي. پهريون ذڪر هي ته اول الله، عليم عالم جو ڏٺي، عزوجل بانهي کي پاڻ ياد ڪندو آهي. پوءِ ان جي موٽ ۾ بندو الله جو ذڪر ڪندو آهي. اهو ٻيو ذڪر ٿيو. والله تعالي اعلم.[3]

---

[2] جنهن حديث جي باري ۾ نبي ﷺ فرمائي ته "الله تعالي فرمائي ٿو ان کي "حديث قدسي" چئبو آهي. هيءَ حديث درست آهي (قرطبي ص ٨٠ ج ٦، بخاري ص ٢٦٩٤، ٢٦٩٤، ٢٧٢٥ج٦، مسلم ص ٢١٠٢- ٢٠٦٧، ٢٠٦١ ج٤، احمد ص ٢٥١- ٣١٥ ج ٢، ابن ماجه ص ١٢٥٥ ج ٢، شعب الايمان ص ٨ ج٢، كشف الخفاء ص ٢٣٤- ٢٨٥ ج ١، مجمع الزوائد ص ٣١٨- ٣١٩ ج ٢، ترمذي ص ٥٨١ ج ٥، فتح الباري ص ٥١٣ ج ١٣، فيض القدير ص ٤٩٠ ج ٢، ٤٩٠، ٤٩١، ٤٩٢، ٤٩٦ ج ٤، ابن حبان ص ٤٠١، ٤٠٢.

[3] هي مطلب ته ٿي سگهي ٿو ته جڏهن بانهو الله کي پنهنجي نفس ۾ ياد ڪري ته الله، ان کي پنهنجي نفس ۾ ياد ڪري ۽ جڏهن بانهو الله کي ماڻهن جي مجلس ۾ ياد ڪري ته الله تعالي، ان کي ان کان وڌيڪ پلاري فرشتن جي جماعت ۾ ياد ڪري، جيئن گهڻين حديثن ۾ اهو مضمون آيل آهي. (بخاري حديث: ٦٩٧٠، مسلم حديث: ٢٦٧٥، قرطبي ص ٢٨٩ ج١، ابن كثير ص ١٩٧ ج١، طبري ص ١٦٧ ج ٩، جلالين ص ٣١ ج ١، مجمع الزوائد وغيره) ساڳيءَ طرح، جڏهن الله تعالي ڪنهن بانهي سان محبت ڪندو آهي ته پهريائين ان جو ذڪر، جبريل امين سان ڪندو آهي، اهو ٻين فرشتن کي ٻڌائيندو آهي، اهي وري ٻين فرشتن کي اها ڳالهه ٻڌائيندا آهن. پوءِ اها ڳالهه، هڪ آسمان کان ٻئي آسمان تائين، تانجو دنيا وارن تائين پهچي ويندي آهي. هن مضمون جي حديثن لاءِ ڏسو آيت : سيجعل الرحمن ودا (سوره مريم پ ١٦ جي تفسير ۾ آيل حديثون، جيڪي قرطبي، ابن كثير، طبري، جلالين، كان سواءِ بخاري، مسلم، مجمع الزوائد وغيرها ۾ آهن. اهڙيءَ طرح اهي ٽي ذڪر ٿيا.

www.maktaban.org

باب ارڙهون

فتح بابت حقيقت روح

اي منهنجا عزيزا! انساني جسم ۾ روح جي جوڙجڪ، نورانيت مان ٿئي ٿي. اهو نور پوري جسم تي ڇانيل ۽ سيني سهڻين صفتن ۽ چڱن لڇڻن جو سرچشمو آهي، جيئن انساني بدن ۾ روح، خير جو مرڪز هوندو آهي. تيئن نفس، شر جو مرڪز آهي، فرمايو ويو آهي: روح مڪمل پلائي جو سرچشمو ۽ نفس مڪمل برائي جو سرچشمو آهي.

روح، دل کي حياتي بخشي ٿو ته نفس، دل کي مماتي بخشي ٿو. مگر جنهن کي الله رکي ان کي ڪير چکي؟ الله تعالي پنهنجي ڪمال قدرت سان جنهن کي بچائڻ گهري ته پوءِ ڪنهن جي مجال ٿي سگهي ٿي ته دل کي ايذائي، سندس ٻاجهه سان عين ممڪن آهي ته نفس اماره جو ڏنگيل انسان به زنده تابنده ٿئي ۽ سندس دل ۾ الله تعالي جو عشق ۽ محبت جي شمع روشن ٿئي ۽ غفلت ۽ روحاني موت جا ڪارا ڪڪر هٽي وڃن ٿا. يحيي بن معاذ رح [1] جو قول آهي ته حڪمت آسمان تان لهندي آهي، جيڪا ڪنهن اهڙي دل ۾ قرار نه وٺندي آهي. جنهن ۾ چار خصلتون هجن. ۱- دنيا ڏانهن ميل محبت، ۲- سياڻي جي ڳٽتي، ۳- پنهنجي ٻاڻ سان ساڻ، ۴- شرف ۽ فضيلت جي محبت، اهڙي شخص جي

---

(1) ۽ بزرگ انهيءَ نالي سان مشهور آهن: ۱- يحيي بن معاذ رازي صوفي ۲- يحيي بن معاذ تستري محدث. هتي پهريون صاحب مراد آهي. سن ۲۰۶ ۾ وفات ڪيائين. (الفهرست ۲۶۰ج۱) سندس هڪ ڪتاب جو ذڪر "ڪتاب المريدين" جي نالي سان، ڪتابن ۾ ملي ٿو. پر ليڪي نٿو. سندس گهڻا قول رساله قشيريه ۾ ۽ ڪي قول تفسير ۽ حديث جي بعض معتبر ڪتابن ۾ به لين ٿا. مثلاً تفسير قرطبي، بيهقيءَ جي ڪتاب شعب الايمان ۽ الزهد الڪبير، تذڪرة الحفاظ، حلية الاولياء وغيره ۾. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو ته پنهنجي وقت جو وڏو بزرگ هو. مٿيون قول معمولي فرق سان حلية الاولياء ۳۲۶ ج۱۰، ۾ آهي، پر اتي نالو ڪنهن ٻئي بزرگ جو آهي.

www.maktabah.org

دل ۾ حڪمت بي اثر ثابت ٿيندي آهي، جيستائين اهي چار خصلتون دل مان ٻاهر نه ڪڍي. حڪمت، معرفت الاهي کي چئي سگهجي ٿو.]

يعني دل ۾ دنيا ۽ آخرت جي معمولي ميل ۽ محبت ۾ هوندي ته الله تعالي جي معرفت حاصل نه ٿيندي. جيڪڏهن الله تعالي جي اڻ ڪٽ باجهه ۽ فضل شامل حال ٿئي ته پوءِ دل ڪنهن جي به هجي، رب تعالي جو عشق ۽ ان جي محبت ان ۾ قرار وٺي سگهي ٿي. ان شاءَ الله تعالي، چاڪاڻ ته الله ڪائنات کي صرف پنهنجي قدرت جي اظهار ۽ انسان کي پنهنجي معرفت جي لاءِ پيدا فرمايو آهي. بس ٻانهيءَ تي فرض عين آهي ته هر حال ۾ الله جي معرفت حاصل ڪري ته جيئن انسان ڪامل ٿئي ۽ حيواني صفتن کان پاڪ صاف ٿئي.

رباعي

انسان معنوي بکند قصد معرفت
تا از کمال لطف شود کامياب او
آن کس که کامياب شد از معرفت خدا
او را بدان که گردد در فنائيت مناب او

[معنوي روحاني انسان اهو آهي، جيڪو معرفت حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪري، جيئن الله جي ڪرم ۽ مهر جي ڪمال سان ڪامياب ٿئي. جيڪو شخص خدا تعالي جي معرفت حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو ان جي باري ۾ چاڻ ته، اهو الله تعالي ڏانهن رجوع ڪرڻ سبب فنائيت ۾ مستحڪم ٿيو.]

عارف بالله جعفر خلديءَ کان پڇيو ويو ته عارف ڪير آهي؟ چيائين ته اُهي اِهي نه آهن، جيڪڏهن اِهي، اُهي ئي آهن ته پوءِ اهي بلڪل نه آهن. بلبان قدس سره چوي ٿو ته الله جي معرفت حاصل ڪريو، جيڪڏهن الله تعالي جي معرفت حاصل نٿا ڪريو ته پنهنجي معرفت به حاصل نه ڪريو. پڙ فرمائي ٿو ته: خدا سان (سچا) ٿيو، جيڪڏهن خدا سان (مخلص ۽ سچا) نٿا ٿيو ته پوءِ پاڻ سان به سچا نه ٿيندا، چاڪاڻ ته

www.maktabah.org

جيڪڏهن توهان پاڻ نه هوندا ته پوءِ خدا هوندو. شيخ ابوسعيد کان پڇيو ويو ته فلاڻو شخص، پاڻي ۾ گهمي ٿو فلاڻو هوا ۾ اڏري ٿو. چيائين ته اهو ڏاڍو آسان ڪم آهي. ڪانوَ ڪهربون، مڪيون ۽ مڇر پڙ هوا ۾ اڏرندا آهن. چيائون ته فلاڻو درويش هڪ گهڙيءَ ۾ هڪ شهر کان ٻئي شهر پهچي ٿو. چيائين ته اهو ڏاڍو آسان ڪم آهي. شيطان به هڪ ساهه ۾، اوير کان اولهه پهچي ٿو. اهميت ۽ قدر قيمت انهن شين جي نه آهي. مرد ته اهو آهي، جيڪو ماڻهن ۾ رهي زندگي گذاري ۽ انهن سان انصاف ڪري. شادي ڪري ۽ ماڻهن سان ميل جول رکڻ جي باوجود پنهنجي خدا کان گهڙي پل لاءِ به غافل نه رهي. پاڻ کي مخلوق جي شر ۽ نفس جي شر کان محفوظ رکي. شيخ الاسلام فرمائي ٿو ته تنهنجي صحبت هڻڻ سبب، حسرت جي ڳوڙهن جي جيڪا لذت حاصل ٿئي ٿي، ان کان وڌيڪ ٻانهي کي ڇا گهرجي.

اي عقلمند عزيز! جيڪي به صورتون ۽ جيڪي به حقيقتون آهن، الله تعالي جي ڪمال قدرت سان پيدا ٿيل آهن ۽ انهن جو پنهنجو ڪو ذاتي وجود نه آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته الله تعالي جي ذات به آهي ته ان جون صفات به آهن ته سندس اسماءَ به آهن ته سندس افعال به آهن. سندس ذات جي حقيقت اڻ ڪٽندڙ نور آهي. سندس اسماءَ مثلاً الله، رحمن وغيره، پر تنهنجي اندر انهن مان هر هڪ اسم جو جلوو ان وقت ظاهر ٿيندو جڏهن حقانيت جي سمنڊ ۾ پاڻ کي غرق ڪندين، بلڪ منجهس گم ٿي ويندين.

شعر

چون بحر حقانيت آيد با اوج
بطالت شود محو چون موج موج
چون درياءِ وحدت ندارد کنار
هم ڪثرت از وي شود آشڪار
وليڪن چون اماره گردد خراب
شود يک وجود آن زمان سنگ و آب
اگر در حقيقت ڪني رويءِ خويش
بيابي ڪل جزو از ڪويءِ خويش

www.maktabah.org

[جڏهن حقانيت جو سمنڊ جوش ۾ ايندو آهي تہ عارف بہ انهيءَ ۾ دليريءَ سان لهرن وانگر مَحو ۾ غرق هوندو آهي، جيئن تہ وحدت جي درياءَ جو ڪو ڪنارو نہ آهي، تنهن ڪري سموري ڪثرت ان مان ظاهر ٿيندي آهي، پر جڏهن برائي جو حڪم ڪندڙ نفس خراب ٿي ويندو آهي، ان وقت هڪ وجود پٿر ۾ پاڻي ٿي ويندو آهي، پر جيڪڏهن حقيقت ڏانهن منهن ڪندين تہ پنهنجي ئي گهٽيءَ مان ڪل ۾ جزو (جي حقيقت) کي لهندين.]

پر افسوس هزار افسوس! جو انسان فاني دنيا جي واسطن ۾ لاڇاپن جي وسيلي نيستي ۾ عدم جي قيد خاني ۾ بند آهي ۾ عالم بقا ۾ عُلوي مطلق کان، جيڪا عين هستي ۾ عين وجود آهي، تنهن کان محروم، مردود ۾ مهجور يعني پري آهي. پوءِ جيڪڏهن پنهنجي خودیءَ جي قيدخاني مان نجات لهندين تہ پنهنجي حقيقت تائين پهچندين.

شعر

داني که بجز بقا، دگر چيز نيست اما چه بايد کرد
مگر کرم و فضل الهي دستگير ي فرمايد

[پڪ ڄاڻ تہ بقا کان سواءِ ٻي ڪا بہ شيءِ نہ آهي، پر ڇا ڪجي؟ (جو ماڻهو اها حقيقت نٿا سمجهن) پر جيڪڏهن الله تعالي پنهنجي فضل ۾ باجهہ سان رهنمائي ۾ دستگيري فرمائي تہ اها ٻي ڳالهہ آهي.]

نظم

اگر فضل خدا دست بگيرد
نمايد باطل آنکه مر ترا حق
تو کرا ز قيد حق يابي رهائ
نيز دستت هم مقيد گشت است مطلق
مبر اگر شوي از نفس خود
ز ذاتت مي شوي ظاهر انا الحق
چون محو آيد صفات و ذات در ذات
ترا روشن شود آنکه هو الحق

www.maktabah.org

[جيڪڏهن الله جو فضل ساڻ ڏئي تہ باطل، جيڪو توکي بظاهر حق نظر اچي ٿو، سو توکي ان جي اصل صورت ڏيکاري. تون ڪيئن ٿو پاڻ کي حق جي قيد کان آزاد ڪري سگهين؟ تنهنجو هٿ جيڪو پڙ مقيد هو سو بہ مطلق ٿي ويو آهي. جيڪڏهن پنهنجي نفس کان آزاد ٿئين تہ تنهنجي ذات مان "انا الحق" جي صدا بلند ٿيندي. جيڪڏهن پنهنجين صفتن ۽ پنهنجي ذات کي الله جي ذات ۾ گم ڪندين تہ پوءِ تنهنجي سامهون اها حقيقت روشن ٿيندي تہ اهو الله ئي الحق يعني معبود برحق آهي.]

ڄاڻ تہ ڪي نفس نيڪ بخت آهن تہ ڪي بدبخت آهن، جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِ الضَّلٰلَةُ (1)

[هڪ گروه کي هدايت ڏنائين ۽ هڪ گروه اهو آهي، جنهن تي گمراهي مسلط ٿي چڪي.]

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو تہ:

ثُمَّ اَوْرَثْنَا الْكِتٰبَ الَّذِيْنَ اصْطَفَيْنَا مِنْ عِبَادِنَا فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهٖ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ وَّمِنْهُمْ سَابِقٌۢ بِالْخَيْرٰتِ بِاِذْنِ اللّٰهِ (2)

[پوءِ اسان پنهنجن ٻانهن مان جن ماڻهن کي چونڊيو انهن کي ڪتاب جو وارث ڪيوسون، جن مان ڪو پاڻ تي ظلم ڪندڙ آهي تہ ڪي وچڑي واٽ تي هلندڙ آهن ۽ ڪي الله جي حڪم سان ٻلائين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن.]

نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

كَمَا تَعِيْشُوْنَ تَمُوْتُوْنَ وَكَمَا تَمُوْتُوْنَ تُبْعَثُوْنَ وَكَمَا تُبْعَثُوْنَ تُحْشَرُوْنَ (1)

[جيئن توهان زنده ڪيا وجو ٿا، تيئن توهان کي ماريو ويندو ۽

---

(1) سورة الاعراف آيت: ٣٠

(2) سوره فاطر آيت: ٣٢

(1) ڪنهن حديث ۾ اهي الفاظ نہ آهن، البت قرآن مجيد ۾ اهي الفاظ مختلف آيتن ۾ مختلف ملن ٿا، مثلاً ڏسو سوره مؤمنون (پ ١٨) آيت ثم انكم بعد ذلك لميتون وغيرها.

www.maktabah.org

جيئن توهان کي ماريو وڃي ٿو. تيئن توهان کي جياريو ويندو ۽ جيئن توهان کي جياريو ويندو تيئن توهان کي ميدان حشر ۾ گڏ ڪيو ويندو.]

سڀ کان بدبخت نفس، اهو نفس اماره آهي، جنهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

فَأَمَّا مَنْ طَغَىٰ ﴿٣٧﴾ وَآثَرَ الْحَيَاةَ الدُّنْيَا ﴿٣٨﴾ فَإِنَّ الْجَحِيمَ هِيَ الْمَأْوَىٰ ﴿٣٩﴾ (2)

[پوءِ جنهن سرڪشي ڪئي ۽ دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏنائين، تنهن جو ٺڪاڻو دوزخ آهي.]

ٻئي هنڌ آهي:

لَا يَصْلَاهَا إِلَّا الْأَشْقَى ﴿١٥﴾ الَّذِي كَذَّبَ وَتَوَلَّىٰ ﴿١٦﴾ (3)

[دوزخ ۾ اهو ئي پهچندو جيڪو سڀ کان وڌيڪ بدبخت هوندو جيڪو الله (جي آيتن کي) ڪوڙو ڪري ٿو ۽ (انهن کان) منهن موڙي ٿو.]

نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته:

حُفَّتِ الْجَنَّةُ بِالْمَكَارِهِ وَحُفَّتِ النَّارُ بِالشَّهَوَاتِ (4)

[جنت کي اڻ وٽندڙ ڳالهين سان ۽ دوزخ کي شهوتن سان سينگاريو ويو آهي.]

ڄاڻ ته آخرت جي واٽ وٽ وارا ٻه گروهه آهن. ١- نيڪ بخت ۽ ٢- بدبخت. هرهڪ گروه پنهنجي پنهنجي واٽ تي هلي رهيو آهي ۽ هر هڪ جي پيچاڙي سندس عقيدي ۽ عمل مطابق جدا ٿيندي. نيڪ بخت خاص هجن يا عام. اُهي اِهي ماڻهو آهن، جيڪي نفساني خواهشن ۽ لذتن جي قدم قدم تي مخالفت ڪن ٿا. شريعت جي تابعداري ۽ پاسداري ۽ رسول الله ﷺ جن جي سنت جي فرمانبرداري ۾ زندگي گذارين

---

(2) سورة النازعات آيت ٣٧ تا ٣٩

(3) سورة اليل آيت ١٦- ١٧

(4) مسلم حديث نمبر ٢٨٢٦، بخاري حديث ٤١٢٢، قرطبي ص ٢٨ ج ٤، ١٢٥ ج ١١، ابن حبان ص ٤٩٢، ٤٩٤ ج٢، ترمذي ص ٦٩٣ ج ٤، دارمي ص ٤٣٧ ج ٢، مسند بزار ص ١٧٤ ج ٨، احمد ص ٣٨٠ ج ٢، مسند ابي يعلي ص ٣٣ ج ٥، مسند عبد بن حميد ص ٣٩١ ج ١، شعب الايمان ص ١٤٧ ج ٧، فتح الباري ص ٣٢٠- ٣٢١ ج ١١، فيض القدير ص ٣٧٣ ج ٣).

www.maktabah.org

تا. اهڙن ماڻهن جو ٺڪاڻو بهشت آهي ۽ اهي بلند درجا ماڻيندا. جيئن فرمايو ويو آهي ت:

وَاَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿۴۰﴾ فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى [1]

[پوءِ جنهن شخص الله جو خوف ڪيو ۽ نفس کي خواهشن جي پيروي ڪرڻ کان روڪيائين ته بيشڪ جنت سندس ٺڪاڻو آهي.]

(اهو عام ماڻهن جو مقام آهي) خاص ماڻهو اهي آهن. جن جو شان هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ [2]

[الله انهن کي پسند ڪري ٿو ۽ اهي الله کي پسند ڪن ٿا.]

۽ اهي سچائي واري مقام تي هوندا. جيئن فرمايو ويو آهي ت:

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّنَهَرٍ ﴿۵۴﴾ فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيْكٍ مُّقْتَدِرٍ ﴿۵۵﴾ [3]

[بيشڪ، جيڪي پرهيزگار آهن اهي طاقتور بادشاه وٽ باغن ۽ وهندڙ درياڻن وٽ سچي مقام تي هوندا.]

بدبختن جا به ڪيترائي قسم آهن. ڪي هميشه بدبخت آهن. يعني ڪافر، مشرڪ ۽ منافق ۽ ڪي نافرمان بدبخت آهن يعني گنهگار مسلمان آهن. جيڪي نفس پرستي جا غلام آهن ۽ حق جي مخالفت تي سندرو ٻڌي بيهندا آهن. ۽ رات ڏينهن لذتن ۽ شهوتن ۾ گم ۽ غرق ٿي گذارين ٿا. انهن جي عاقبت ۽ پڇاڙي هي آهي ته اهي دوزخ جو ٻل ٿيندا.

فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ﴿۳۷﴾ وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ﴿۳۸﴾ فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿۳۹﴾ [1]

[پوءِ جنهن سرڪشي ڪئي ۽ دنيا جي زندگي کي ترجيح ڏني ته ان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي) رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي: دوزخ شهوتن

---

(1) سورة النازعات آيت ۴۰-۴۱

(2) سورة المائدة آيت : ۵۴

(3) سورة القمر آيت:۵۵

(1) سورة النازعات آيت ۳۷ تا ۳۹

www.maktabah.org

سان سينگار يو ويو آهي جيئن متي حوالا ۾ تفصيل گذريا.]

پڻ فرمائين ٿا:

اَكْثَرُ مَا يُدْخِلُ أُمَّتِي النَّارَ الْجَوْفَانِ الْفَمُ وَالْفَرْجُ (2)

[منهنجي امت جا گهڻا ماڻهو حرام کائڻ ۾ حرام طريقي سان شهوت پوري ڪرڻ سبب دوزخ ۾ ويندا.]

سڀ کان وڌيڪ بدبخت ڪافر ۽ منافق آهي، جنهن جي زندگي جو مقصد دنيا ۽ ان جا مادي مفاد آهن، جيڪو هميشه شهوتن ۽ خواهشن ۾ مشغول رهندو آهي، تانجو ان مقصد لاءِ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي ناس ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙن ماڻهن کي "دنيا پرست" ۽ چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته آخرت جي باقي رهندڙ نعمتن جي بدلي ۾ دنيا جي عارضي ۽ فاني فائدن تي ريجهيل ۽ انهن ۾ رڌل ۽ غرق رهي ٿو جنهن جي ڪري ان کي آخرت ۾ ڪو ياڳو ۽ بهرو حاصل نه ٿيندو.جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

مَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الْاٰخِرَةِ نَزِدْ لَهٗ فِيْ حَرْثِهٖ وَمَنْ كَانَ يُرِيْدُ حَرْثَ الدُّنْيَا نُؤْتِهٖ مِنْهَا وَمَا لَهٗ فِي الْاٰخِرَةِ مِنْ نَّصِيْبٍ (3)

[جيڪو آخرت جي پوڪ گهرندو ته ان جي اهڙي پوڪ ۾ اضافو ڪنداسين ۽ جيڪو دنيا جي پوڪ گهرندو تنهن کي دنيا مان ئي عطا ڪنداسون ۽ آخرت ۾ ان جو ڪو ياڳو ۽ نصيب نه آهي.]

انهيءَ حالت کان، الله پاڪ جي پناه پنون ٿا.

شقي (بدبخت) ۽ اشقي (سڀ کان وڏو بدبخت) ۾ فرق هي آهي ته، بدبخت کي جيتوڻيڪ ان جو نفس، الله تعالي جي مخالفت ۽ نافرماني جي بدبختي ۾ ڦاسائي ٿو تنهن هوندي به ان جي دل ايمان ۽ اتحاد جي سعادت قبول ڪرڻ جي لائق هوندي آهي. پوءِ جيڪڏهن اهو زبان سان لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ جو اقرار ڪري ۽ دل ۾ ان جي تصديق ڪري ته پوءِ جيتوڻيڪ

---

(2) مستدرک للحاکم ص ٣٦٠ ج٤، قرطبي ص ٢٢٨ ج ١٨، ابن ڪثير ص ٢٥٠ ج ٣، ابن حبان ص ٢٢٤ج، موارد الظمآن ص ٤٧٥ ج١، ترمذي ص ٣٦٣ ج ٤، احمد ٢٩١ ج٢، شعب الايمان ٣٦١ ج٤، الترغيب ٢٧١ ج ٣، ابن ماجه حديث: ٤٢٤٤).

(3) سورة الشوري آيت: ٢٠

www.maktabah.org

شريعت جا اركان ۽ فرائض ادا نہ ڪري، تڏهن بہ (انت) حق تعالي جي ڪيل وعدي مطابق دوزخ مان ٻاهر نڪرندو جيئن فرمائي ٿو:

فَأَمَّا الَّذِينَ شَقُوا فَفِي النَّارِ لَهُمْ فِيهَا زَفِيرٌ وَشَهِيقٌ ﴿١٠٦﴾ خَالِدِينَ فِيهَا مَا دَامَتِ السَّمَاوَاتُ وَالْأَرْضُ إِلَّا مَا شَاءَ رَبُّكَ إِنَّ رَبَّكَ فَعَّالٌ لِمَا يُرِيدُ ﴿١٠٧﴾ وَأَمَّا الَّذِينَ سُعِدُوا فَفِي الْجَنَّةِ خَالِدِينَ فِيهَا مَا دَامَتِ السَّمَاوَاتُ وَالْأَرْضُ إِلَّا مَا شَاءَ رَبُّكَ عَطَاءً غَيْرَ مَجْذُوذٍ ﴿١٠٨﴾ (1)

[پوءِ باقي رهيا اهي، جيڪي بدبخت آهن، اهي دوزخي آهن جتي رڙيون ۽ هينگون ڪندا. اتي هميشہ رهندا، جيستائين آسمان ۽ زمين باقي هوندا، سواءِ ان جي جو تنهنجو رب ڪجهہ گهري، بيشڪ تنهنجو رب، جيڪي چاهيندو آهي ڪندو آهي ۽ باقي رهيا اهي ماڻهو جيڪي نيڪ بخت آهن تہ اهي جنتي آهن. ان ۾ هميشہ رهندا جيستائين آسمان ۽ زمين باقي آهن. سواءِ ان جي جو جيڪي ڪجهہ تنهنجو رب گهري. انهن لاءِ اڻ ڪٽندڙ بخشش آهي.]

باقي رهيو ڪلمہ لَاإِلٰهَ إِلَّاالله ۽ شفاعت محمد رسول الله ﷺ تہ ان جو ذڪر هتي نٿا ڪريون. خلاصو هي آهي تہ گنهگار مسلمان آخرڪار دوزخ ۾ سزا پوڳي، جنت ۾ ويندا، ڇاڪاڻ تہ اهي ڪلمي پاڪ جي سبب ايمان جي دولت سان مالامال هوندا آهن ۽ پڙ اسلام جا اركان بہ بجا آڻيندا آهن. اشقي (سڀ کان وڏو بدبخت) اهو ڪافر آهي، جيڪو سدائين دوزخ ۾ رهندو. ڇاڪاڻ تہ منجهس ڪلمہ لَاإِلٰهَ إِلَّاالله جو نور نہ هوندو آهي. جو ان ڪلمي جي برڪت سبب دوزخ مان نجات لهي ۽ حضرت محمد ﷺ جي شفاعت سان جنت جو حقدار ٿئي.

منهنجا عزيزا! ان بابت قرآن ۽ حديث ۾ سخت تنبيهون ۽ تمڪيون آيل آهن. پر الله ارحم الراحمين، احكم الحاكمين جي ڪرم ۽ رحم کان اها ڳالهہ پري نہ آهي تہ جيڪو شخص سندس مشيت ۾ ئي سڀ کان بدبخت لکيل هجي، ان کي بہ الله پاڪ هميشہ هميشہ جي لاءِ

(1) سورة هود آيت: 106_108

www.maktabah.org

دوزخ ۾ رهائي. ڪنهن عدل ۽ انصاف ڪندڙ جي شان جي باري ۾ اها ڳالهه سوچي به نٿي سگهجي. هڪڙي ڏينهن هن فقير جي بزرگ چاچي فرمايو ته، جيڪڏهن الله تعالي حقيقي انصاف فرمائي ته آخر ڪار ڪافرن کي به دوزخ کان نجات ملي ويندي.(1)

سلطان المحققين اسان جو حضرت پير دستگير فرمائيندو هو ته ڪافرن تي عذاب، انهن جي ڪفر جي لحاظ سان ٿيندو. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ اَذْهَبْتُمْ طَيِّبَاتِكُمْ فِيْ حَيَاتِكُمْ

---

(1) اهڙو ئي قول حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو به آهي ته آخرڪار الله تعالي دوزخ کي حڪم ڪندو ته دوزخين کي ڪائي ختم ڪري ڇڏي. ابن مسعود فرمائي ٿو ته جڏهن بيشمار زمانا گذرندا ته الله تعالي دوزخ جا دروازا پيچي ڇڏيندو ۽ منجهس ڪو باقي نه رهندو. (ابن جرير آيت: مادامت السماوات) پر قرطبي ابن مسعود رضي الله عنه جو قول نقل ڪندي لکي ٿو ته دوزخين کي فنا ڪري وري کين جياريندو ويندو. (قرطبي ص١٠٠، ج٩) ابو مامه رضي الله عنه جي حديث ۾ به ساڳي ڳالهه آهي (المعجم الكبير ٢٤٧١ ج ٨) پر ان جي سند ضعيف آهي. (مجمع الزوائد ص ٣٦٩ ج ١٠) اهوئي قول عبدالله بن عمرو رضي الله عنه جو به آهي. (مسند بزار ص ٤٤٢ ج ٦) ابن قيم جهڙو سخت نقاد به مٿئين قول جي آثار تي جهنم جي ختم ٿيڻ جو قائل آهي. پر اهو قول شڪي آهي. (فيض القدير مٿيون حوالو) هڪ روايت ۾ آهي ته ڪو انسان دوزخ ۾ باقي نه رهندو. پر ان جي سند ۾ ڪلام آهي. (ميزان الاعتدال ص ١٣٣ ج ٢) حسن بصري چوي ٿو ته روايت منڪر آهي. (تهذيب التهذيب ص ٤٩ ج ١٢) تابعي شعبي چوي ٿو ته آخرت ۾ جيڪا شيءِ سڀ کان اول خراب ٿيندي، اها دوزخ آهي. تابعي ابومجلز جو قول آهي ته جڏهن الله گهرندو ته دوزخين تان عذاب ختم ڪري ڇڏيندو. ابن جرير ص ١١٨ ج ١٢) دوزخ جي ختم ٿيڻ جي باري ۾ امير المؤمنين عمر بن خطاب، ابن عباس، ابن مسعود، ابو هريره، عبدالله بن عمرو، جابر، ابو سعيد رضي الله عنهم ۽ ابومجلز، شعبي، عبدالرحمن بن زيد بن اسلم، اسحاق بن راهويه جا قول نقل ڪيا وڃن ٿا، جنهن ۾ ڪا صداقت نه آهي (ابن ڪثير ص ٦٠٥ ج ٢) سدي چوي ٿو ته آيت الاما شاءَ ربک (هود آيت: ١٠٧) ڪي آيت: ١٠٧) ڪي آيت "خالدين فيها ابدا منسوخ ڪري ڇڏيو. پڙ ان آيت جي تاويل ۽ بين آيتن سان مطابقت به ناممڪن آهي يعني آخرڪار گنهگار مؤمن دوزخ مان ڪڍيا ويندا ۽ ڪافر هميشه دوزخ ۾ رهندا اهوئي امت جو عقيدو آهي.

www.maktabah.org

الدُّنْيَا وَاسْتَمْتَعْتُمْ بِهَا فَالْيَوْمَ تُجْزَوْنَ عَذَابَ الْهُوْنِ بِمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ فِي الْأَرْضِ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَبِمَا كُنْتُمْ تَفْسُقُوْنَ (1)

[ان ڏينهن ڪافرن کي دوزخ تي پيش ڪيو ويندو چيو ويندو تہ توهان پنهنجيون پاڪ شيون دنياوي زندگي ۾ ضايع ڪري ڇڏيون ۽ ان مان فائدو ونندا رهيا، پوءِ زمين ۾ توهان جيڪا ناحق وڏائي ۽ برائي ڪندا هئا، اڄ ان جي بدلي ۾ توهان کي ذلت وارو عذاب ڏنو ويندو.]

وَيَوْمَ يُعْرَضُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا عَلَى النَّارِ أَلَيْسَ هٰذَا بِالْحَقِّ قَالُوْا بَلٰى وَرَبِّنَا قَالَ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْفُرُوْنَ (2)

[ان ڏينهن ڪافرن کي دوزخ جي سامهون پيش ڪيو ويندو چيو ويندو تہ ڇا عذاب جو هي وعدو سچو نہ آهي؟ چوندا تہ هائو! اسان جي رب جو قسم! فرمائيندو تہ پوءِ جيڪي ڪفر توهان ڪندا هئا، ان جي بدلي ۾ عذاب چکو.] (3)

اي منهنجا عزيز! جيڪي ڪجهہ حق تعالي طرفان آهي، اهو عين عدل ۽ انصاف آهي، جيتوڻيڪ بظاهر ظلم نظر اچي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالي جي باري ۾ سوچي بہ نٿو سگهجي تہ ظلم ڪندو. جيئن فرمائي ٿو تہ:

إِنَّ اللّٰهَ لَا يَظْلِمُ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ (4)

[بيشڪ الله تعالي ذري جيترو بہ ظلم نہ ڪندو آهي.]

۽ حديث قدسي ۾ آهي تہ:

مَنْ سَعِدَ سَعَادَةَ الْأَزَلِ فَطُوْبٰى لَهٗ لَمْ يَكُنْ مَخْذُوْلًا بَعْدَ ذٰلِكَ وَمَنْ شَقِيَ

---

(1) سورة الاحقاف آيت: ٢٠

(2) سورة الاحقاف: ٣٤

(3) هن هنڌ سورة الاحقاف جي آيت ٢٠- ٣٤ ۾ئي خلط ملط ٿي ويون آهن. اسان ٻنهي کي جدا ڪري لکيو آهي.

(4) سورة النساء آيت: ٤٠

www.maktabah.org

شَقَاوَةَ الْأَزَلِ فَوَيْلٌ لَّهُ لَمْ يَكُنْ مَقْبُولًا بَعْدَ ذٰلِكَ قَطُّ [1]

[جيڪو شخص ازل کان نيڪ بخت آهي، ان کي خوشخبري هجي، جو اڄ کان پوءِ اهو ذليل ۽ خوار نه ٿيندو ۽ جيڪو شخص ازل کان بدبخت آهي، ان لاءِ ويل آهي جو اڄ کان پوءِ ان جو ڪو عمل مقبول نه ٿيندو.]

اها حقيقت هڪ پيرو وري ياد رکڻ گهرجي ته جيڪو نيڪي ڪري ٿو الله جي توفيق ۽ ارادي سان ڪري ٿو ۽ جيڪي ڪجهه ان کان ظاهر ٿئي ٿو، اهو الله تعالىٰ جي قدرت، مشيت ۽ علم مطابق ظاهر ٿئي ٿو. ورنه ان جي باري ۾ ڪنهن ۾ اهڙي طاقت آهي؟ ڇاڪاڻ ته هر شخص لاءِ اطاعت ۽معصيت تقدير ۾ لکيل آهي ته فلاڻو نيڪي ڪندو يا فلاڻو بدي ڪندو. بس! نيڪي جي سگهه ۽ برائي کان بچڻ جي طاقت، عظيم الله جي توفيق سان ئي ممڪن آهي. الله تعالىٰ فرمائي ٿو ته:

قُلْ كُلٌّ مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ [2]

[چؤ ته سڀ ڪجهه الله تعالىٰ جي طرفان آهي.]

يعني الله ڪريم هن ڳالهه تي سگهه وارو آهي ته پنهنجي ٻانهي تي عذاب ڪري يا ڪيس بخشي. جيئن (قرآن ڪريم حضرت عيسىٰ عليه السلام جو قول نقل) فرمائي ٿو:

إِنْ تُعَذِّبْهُمْ فَإِنَّهُمْ عِبَادُكَ وَإِنْ تَغْفِرْ لَهُمْ فَإِنَّكَ أَنْتَ الْعَزِيزُ الْحَكِيمُ [3]

[جيڪڏهن تون کين عذاب ڪندين ته تنهنجا ٻانها آهن ۽ جيڪڏهن کين بخشيندين ته تون غالب دانائي جو صاحب آهين.]

اي منهنجا عزيز! جيڪڏهن الله تعالىٰ سيني کي بخشڻ گهري ته ان جي قدرت ۽ رحمت کان ٻري نه آهي. فرمائي ٿو:

---

(1) ساڳيو حوالو ملي نه سگهيو. قرطبي ص ۳۱۱ ج ۱۵ ۾ لفظن جي معمولي اختلاف سان اهڙو قول موجود آهي. پڻ اتي وضاحت آهي ته، جڏهن ٻانهن جا اعمال توريا ويندا، انهيءَ وقت اعلان ڪرڻ وارو مٿيون اعلان ڪندو.

(2) سورة النساء آيت: ۷۸

(3) سورة المائدة آيت: ۱۱۸

www.maktabah.org

لَا تَقْنَطُوْا مِنْ رَّحْمَةِ اللّٰهِ اِنَّ اللّٰهَ يَغْفِرُ الذُّنُوْبَ جَمِيْعًا اِنَّهٗ هُوَ الْغَفُوْرُ الرَّحِيْمُ ﴿٥٣﴾ (1)

[الله جي رحمت کان مايوس نہ ٿيو اهو سڀ گناه معاف فرمائي ٿو.]

جاڻڻ گهرجي تہ الله تعالي هن ڳالهہ تي وس وارو آهي تہ مرڻ کان پوءِ هڪ ڏينهن انسانن کي جياري پاڻ وٽ آڻي، جيئن فرمائي ٿو:

اِنَّ اِلَيْنَآ اِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾ ثُمَّ اِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُمْ ﴿٢٦﴾ (2)

[بيشڪ اسان ڏانهن انهن سڀني جو موٽڻ آهي ۽ بيشڪ اسان تي ئي انهن جو حساب آهي.]

ٻئي هنڌ آهي تہ:

كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ (3)

[جيئن توهان کي پهريون پيرو پيدا ڪيائين، تيئن توهان کي پاڻ وٽ موٽائيندو.]

پڻ انسان جي نفس کي مخاطب ٿي فرمائي ٿو:

يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ (4)

[اي مطمئن نفس! پنهنجي رب ڏانهن رضا خوشيءِ سان موٽ.]

اتي مراد انسان جي ذات، روح، دل سڀ ڪجهہ آهي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالي انسان جي پيدائش وقت هر شيءِ ناهي، ان کان پوءِ جسد خاڪي ۾ روح ڦوڪڻ جو هن طرح ذڪر ڪيو ويو آهي تہ:

وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ (5)

[۽ ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان.]

معلوم ٿيو تہ اصل شيءِ روح آهي. دل، نفس وغيره ان جون

---

(1) سورة الزمر آيت: ٥٣

(2) سورة الغاشية آيت: ٢٥-٢٦ پ٣٠

(3) سورة الاعراف آيت ٢٩

(4) سورة الفجر آيت: ٢٧- ٢٨

(5) سوره ص آيت ٧٢

www.maktabah.org

شاخون آهن. الله تعالي، انسان کي "نفس" فرمائي ٿو. ذات کي به نفس چئبو آهي، جيئن چيو ويو آهي ته نفس الشيءِ وذاته، يعني ڪنهن شيءِ جو نفس ۽ ان جي ذات ساڳي ڳالهه آهي. الله تعالي پاڻ کي به "نفس" فرمائي ٿو: سوره مائده ۾ حضرت عيسيٰ جو قول نقل فرمايو ويو آهي ته پاڻ سڳورو قيامت جي ڏينهن رب ڪريم جي بارگاه اقدس ۾ عرض ڪندو:

تَعْلَمُ مَا فِي نَفْسِي وَلَا أَعْلَمُ مَا فِي نَفْسِكَ (1)

[جيڪي ڪجهه منهنجي نفس ۾ آهي، تنهن کي تون ڄاڻين ٿو ۽ تنهنجي نفس ۾ جيڪي ڪجهه آهي، آءٌ تنهن کي نٿو ڄاڻان.]

اي منهنجا عزيز! انساني تخليق جي شروعات ۾ روحن جون چار صفون هيون: صحيح حديث ۾ آهي ته:

إِنَّ الْأَرْوَاحَ جُنُودٌ مُجَنَّدَةٌ (2)

[بيشڪ روح پاڻ ۾ ڳتيل لشڪر آهن.]

١- پهرين صف سڏيءَ طرح نبين سڳورن ۽ خاص الخاص اولياءَ الله جي روحن جي صف آهي. ٢- ٻي صف، خاص اوليائن ۽ عام ماڻهن جي روحن جي صف آهي. ٣- ٽين صف، عام مؤمنن ۽ خاص گنهگارن جي روحن جي صف آهي. ۴- چوٿين صف، عام گنهگارن، منافقن ۽ ڪافرن جي روحن جي صف آهي. انهيءَ اعتبار کان، چوٿين صف جا روح، ٽين صف جي روحن تائين نٿا پهچن ۽ ٻي صف جا روح، ٽين صف جي روحن تائين نٿا پهچن ۽ پهرين صف جا روح جيڪي بغير ڪنهن واسطي جي آهن، اهي الله تعالي جي صفتن جي نورانيت مان سڏي طرح پالنا ونڻ

---

(1) سورة المائدة آيت: ١١٦

(2) ابن ڪثير ص ٧٥ ج ٣، مسلم حديث نمبر: ٢٦٣٨، بخاري حديث ٣١٥٨، ابن حبان ص ۴٢ ج ١۴، مجمع الزوائد ص ۴٠٣١، ج٢، مسند بزار ص ١١٦ ج٧، المعجم الاوسط ص ١٦١ ج٢، ابوداؤد ص ١٦ ج ٣، مسند احمد ص ٢٩٥ ج ٢، المعجم الڪبير ص ٢٦۴ ج ٦، مسند الشهاب ص ١٨٥ ج١، شعب الايمان ص ۴٩٦ ج ٦، فيض القدير ص ١٧۴ ج ٣، مسند ابي يعلي ص ٣۴۴ ج٧، فتح الباري ص ٣٦٩، ٣٩٠ ج ٦، عون المعبود ص ١٢۴ ج ١٣، حلية الاولياء ص ١٩٨ ج ١، لسان الميزان ص ٣٣٩ ج ١، التمهيد ابن عبدالبر ص ۴٣٣ ج ١٧.

www.maktabah.org

تا. تنهن ڪري الوهيت جي جذبن جا حقدار آهن تہ جيئن بشريت جي جهان مان جدا ٿي. روحانيت جي مقام تان خدا تعالي جي صفتن جي جهان ۾ پهچن. ڪافرن جي روحن جي پالنا باهہ مان ٿئي ٿي. جيڪي ان جي شعلن جي اثر ڪي قبول ڪندا آهن. تانجو جيڪڏهن ڪنهن جاءِ تي ڪنهن شعلي ڪي. يا لوهہ تي ڪو پٿر اڇلائيندا آهن تہ باهہ پڙڪا ڪائيندي آهي. يعني اهي دنيا ۾ اچي. فتني فساد جي باهہ پڙڪائيندا آهن ۽ اهڙا عمل ڪندا آهن. جن جو نتيجو دوزخ آهي. تانجو اهي ڪعبة الله شريف جي سرحد ۽ پاچي جي هيٺان رهڻ جي باوجود. ايمان جي نور کان بہ محروم رهندا آهن. ڇاڪاڻ تہ انهن کي الله تعالي جي تائيد ۽ توفيق نصيب نہ هوندي آهي. پر جن ماڻهن جي روحن کي ازل ۾ سعادتمندي نصيب هوندي آهي. اهي الله تعالي جي اڻ ڪٽ ياجهہ ۽ مهرباني سان. الله جي موڪليل رسولن جي آندل هدايت مان فيض وٺندا آهن. انهن ئي ماڻهن جي باري ۾ حديث ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

سَبْعَةٌ يُّظِلُّهُمُ اللهُ فِيْ ظِلِّهٖ يَوْمَ لَا ظِلَّ اِلَّا ظِلُّهٗ (1)

[ست ڇڻا آهن. جن کي الله تعالي قيامت جي ڏينهن پنهنجي پاچي جي هيٺان جاءِ ڏيندو. جڏهن ان جي پاچي کان سواءِ ڪو پاچو نہ هوندو.]

فرمايو ويو آهي تہ:

جَذْبَةٌ مِّنْ جَذَبَاتِ الْحَقِّ تُوَازِيْ عَمَلَ الثَّقَلَيْنِ (2)

[حق جي جذبن مان هڪ جذبو بہ ثقلين يعني سيني انسانن ۽ جنن جي عملن جي برابر آهي.]

ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن سمورا وڏا وڏا فرشتا ۽ جنّ ۽ انسان ۽ پي

---

(1) ابن ڪثير ص ۴۸۹ ج۳. مسلم حديث نمبر: ۱۰۳۱ بخاري حديث نمبر: ۶۲۹. ابن حبان ص ۳۳۸. ۱۰. ابن خزيمه ص ۱۸۵ ج ۱. ترمذي ص ۵۹۸ ج ۴. السنن الڪبري ص ۴۶۱ ج ۳. موطا مالڪ ص ۹۵۲ ج ۲. مسند احمد ص ۴۳۹ ج ۲. شعب الايمان ص ۴۰۵ ج۱. فتح الباري ص ۱۴۴ ج ۲. فيض القدير ص ۹۱ ج ۴. سير اعلام النبلاء ص ۳۷۴ ج ۱۶.

(2) مشهور ائين ئي آهي. (ڪشف الخفاء ص ۳۹۷ ج ۱. حديث: ۱۰۶۹) شرح ابن ماجه ص ۲۷۱ ج۱ ۾ شيخ الاسلام انصاري جي حوالي سان ان جو قول نقل ٿيل آهي.

www.maktabah.org

سموري مخلوق گڏجي کوشش ڪري، تڏهن به هڪ ٻانهي کي به الله تعالي جي تجلي تائين پهچائي نٿا سگهن، پر حق تعالي جو جذبو جيڪو دل ۾ پيدا ٿيندو آهي، اهو ان جي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏيندو آهي.

اي منهنجا عزيز! فنا في الله ۾ صوفي هر گهڙي نئون وجود ونندو آهي ۽ الله تعالي جي طرفان جذبي جي سبب محو ۽ گم هوندو آهي ۽ ڪيس هر دم محويت ۽ فنائيت حاصل ٿيندي آهي ته هر وقت اثبات ۽ بقا به نصيب ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته ان کي هڪ ساه ۾ به خوشيون ملنديون آهن: ۱- محويت ۽ فنائيت جي خوشي، ۲- اثبات ۽ بقائيت جي خوشي، لَاإِلٰهَ إِلَّاالله جو اهو مقام نفي ۽ اثبات سان واسطو رکي ٿو. جيڪڏهن ان کي "روح الله" ۽ "ڪلمة الله" چئجي، تڏهن به درست ٿي سگهي ٿو.

(روحن جون) مٿيون صفون، جن کي قدرت طرفان عظيم سعادت ۽ دولت حاصل آهي، هيٺين درجن وارن صفن مان انهن تائين اهي روح به پهچي ويندا آهن، جيڪي ڪمال کان محروم هوندا آهن، پر پنهنجائپ جي مقام تي پالنا وٺي، بعد ۾ ڪمال تائين پهچي ترقي ڪندا آهن. شروع ۾ اهو مقام انهن کي نصيب نه هوندو آهي، ان جو مثال داڻي جو آهي، جيڪڏهن ان کي پوکبو ته ان مان ايڪويهه داڻا ڦٽندا آهن، بلڪ سئو داڻا بلڪ ست سئو داڻا به ڦٽندا آهن. (جيئن قرآن ۾ آهي ته ان جو مثال هڪ داڻي وانگر آهي، جنهن مان ست سنگ ڦٽن، هر سنگ ۾ سئو داڻا هجن. (البقره پ ۲) اهڙي طرح، روحن جي هر صف ۾، اهڙا سعادتمند ۽ پاڪ وارا آهن، جيڪي پنهنجي پنهنجي سهڻي لياقت ۽ بهترين قابليت سبب ترقي ڪري مٿانهين صف ۾ مقام ماڻيندا آهن. انس رضي الله عنه جي صحيح حديث ۾ آهي ته هڪڙي ڳوٺاڻي عرض ڪيو ته سڳورا سائين! قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي؟ رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته تو ان لاءِ ڪهڙي تياري ڪئي آهي؟ انهيءَ عرض ڪيو ته الله ۽ ان جي رسول سڳوري ﷺ سان محبت رکان ٿو. ارشاد فرمايائون ته جنهن سان تون محبت ڪرين ٿو، ان سان گڏ هوندين. هڪ روايت جا لفظ آهن ته:

www.maktabah.org

اَلْمَرْءُ مَعَ مَنْ اَحَبَّ(1)

[ماڻهو ان سان گڏ هوندو، جنهن سان محبت ڪري ٿو.]

جيئن روحن جي جهان ۾ چار صفون آهن، ساڳي طرح انساني جهان ۾ به نفس جا چار مرتبا آهن: ۱- نفس اماره (برائي جو حڪم ڪندڙ نفس) ۲- نفس لوّامه (ملامت ڪندڙ نفس) ۳- نفس ملهمه (الهام ڪندڙ نفس) ۴- نفس مطمئنه (مطمئنّه نفس) پهرين صف وارن کي "نفس مطمئن"، بي صف وارن کي "نفس ملهمه"، ٽين صف وارن کي "نفس لوامّه" ۽ چوٿين صف وارن کي "نفس امّاره" نصيب ٿيندو آهي. پهرئين صف جي روحن کان سواءِ ڪنهن به صف وارو بي صف ۾ داخل نٿو ٿي سگهي، مگر جنهن کي الله گهري. جيڪڏهن ڪو سوال ڪري ته جڏهن سڀ روح هڪ هنڌ ۽ هڪ مقام تي رهن ٿا ته پوءِ ان جو ڪهڙو فائدو ۽ ڪهڙو سبب آهي؟ ان جو جواب آهي ته انهن ۾ ڪي نيڪ بخت هوندا آهن ته ڪي بدبخت هوندا آهن. انهيءَ حقيقت کي قرآن مجيد ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي:

وَالْعَصْرِ ۝١ إِنَّ الْإِنسَانَ لَفِي خُسْرٍ ۝٢ إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝٣(1)

[زماني جو قسم ته انسان نقصان ۾ آهي، سواءِ انهن جي جيڪي ايمان آڻين ٿا ۽ چڱا ڪم ڪن ٿا.]

ان جو مثال داڻي وانگر آهي، جيڪو زمين ۾ پوکبو آهي. جيڪڏهن خراب بج پوکبو ته ان مان خراب ٻوٽو ڦٽندو. جيڪڏهن ان جي

---

(1) ڪيترن اصحابين سڳورن کان متواتر حديث آهي ته رسول الله ﷺ جن کان، ان شخص جي باري ۾ پڇيو ويو جيڪو ڪنهن قوم سان محبت رکي ٿو پر انهن سان ناهي ملیو فرمايائون ته ماڻهو جنهن سان محبت ڪندو انهن سان ئي شامل ٿيندو. (تفسير ابن ڪثير ص ۵۲۴ ج ۱، بخاري حديث: ۵۸۱۷ مسلم حديث: ۲۶۳۹ ترمذي حديث: ۳۵۳۵ شعب الايمان حديث: ۴۶۱ احمد ۳۷۱۸، ابن ڪثير ص ۲۷۳ ج۲، مجمع الزوائد ص ۲۸۰ ج ۱۰، ابوداؤد ص ۳۳۳ ج ۴، السنن الڪبري ۳۴۴ ج ۶، ابن ابي شيبه ص ۴۵۴ ج ۷).

(1) سورة العصر آيت: ۱- ۳

www.maktabah.org

صحيح طرح رکوالي ڪبي ته زمين جي شر ۾ خرابين يعني گاهه گند مان بچي سگهندو. (مثلاً ٻير ڦٽي ته ان کي وڍي ڇڏجي) نه ته هڪ وڻ وڍي ويجهي ٻن سون يا ست سون تائين نه پهچندو. جيڪڏهن ٻج صحيح هجي، پر پوکي صحيح نه ٿئي، يا ان جي سار سنڀال نه لهجي ته نه ان مان ڪو ٻوٽو ڦٽندو ۾ نه وري وڍي وڃڻو ٿيندو ۾ نه ان مان ڪو ميوو حاصل ٿيندو.

اي منهنجا عزيز! ظالم نفس لاءِ ڇاٽڻ گهرجي ته ان تي اهو نالو هن ڪري پيو جو اهڙا ماڻهو خاص نور ايمان جي دولت حاصل هڻڻ جي باوجود به ڪفر جا ڪم ڪن ٿا ۾ پڙ گناه جا ڪم ڪري. ان کي ظلم سان ڍڪي ڇڏين ٿا ۾ پنهنجن نفسن تي ظلم ڪن ٿا ۾ اطاعت کان وڌيڪ گناه ڪن ٿا. سياڻي جڏهن قيامت قائم ٿيندي ۾ سندن عملَ توريا ويندا ته انهن جي گناهن جو پُڙ نيڪين کان وزني ثابت ٿيندو. جنهن ڪري اهي دوزخ جا حقدار ٿيندا. جيئن قرآن مجيد، انهيءَ حقيقت کي هن طرح بيان فرمائي ٿو ته:

وَأَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِينُهُ ﴿٨﴾ فَأُمُّهُ هَاوِيَةٌ ﴿٩﴾ وَمَا أَدْرَاكَ مَا هِيَهْ ﴿١٠﴾ نَارٌ حَامِيَةٌ ﴿١١﴾ (1)

[باقي رهيو اهو، جنهن جون نيڪيون هلڪيون ٿيون ته ان جو ٺڪاڻو دوزخ آهي.]

ياد رکجي ته قيامت جي ڏينهن ماڻهن جون ڪي صفون ساڄي پاسي هونديون، ته ڪي کاٻي پاسي هونديون ۾ ڪي وچ ۾ هونديون.

"ساڄي پاسي وارا" اُهي آهن، جن جي روحانيت جيتوڻيڪ ڪمال درجي تي پهتل هوندي، پر اهي نقصان به نه ڏسندا. انهن تي مَلَڪي صفت غالب هوندي. اُهي اطاعت ڪندڙ مؤمن آهن. جيتوڻيڪ انهن کان گناه به ٿيا هوندا پر پنهنجي ازلي سعادت ۾ خوش قسمتيءَ جي ڪري جنت جا حقدار ٿيندا ۾ روحانيت جي مقام تي خوشي جي زندگي گذارينداء ۲ـ "کاٻي پاسي وارا" اُهي انسان آهن، جن جي روحانيت جو ٻج، جيتوڻيڪ ضايع نٿو ٿئي، پر پنهنجي غلط ڪمن ۾ گناهن جي بدبختي

(1) سورة القارعة آيت: ٨-١١

www.maktabah.org

سبب دوزخ جا حقدار ٿيندا، جتي انهن کي مختلف طبقن ۾ ساڙي سندن گناهن جي ناپاکي ۽ گندگي ختم ڪئي ويندي. تانجو آخرڪار اتان نڪري پنهنجي اصلي مقام يعني جنت ۾ ايندا. ۳- نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙن مان مراد، اُهي جنتي آهن، جن دنيا ۾ پنهنجي روحانيت جي بج جي صحيح معني ۾ پالنا ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ نيڪي جو اجر ڏهن کان ست سون تائين ڪمايائون. انهن اڳرائي ڪندڙن جا ٻه قسم آهن: ۱- جن تي شروع کان آخر تائين روحاني صفتون غالب رهيون، جيڪي ڪڏهن ب نافرماني جي گندگي ۾ ملوث نه ٿيندا آهن. سندن باري ۾ فرمايو ويو آهي ت:

إِنَّ الَّذِينَ سَبَقَتْ لَهُمْ مِنَّا الْحُسْنَىٰ أُولَٰئِكَ عَنْهَا مُبْعَدُونَ ﴿١٠١﴾ (1)

[بيشڪ جن ماڻهن جي باري ۾ اسان جي طرفان پلائي ثابت ٿي چڪي آهي، اُهي ان دوزخ کان پري هوندا.]

اهڙا ماڻهو نفس ۽ خواهشن جي پيرويءَ کان پري ۽ پاڪ هوندا آهن. ۲- انهن مان ٻيو طبقو اهو آهي، جيڪي بشري تقاضائن سبب جيتوڻيڪ نفساني خواهشن جي ماڙيءَ ۾ ب ڪڏهن ڪڏهن قدم رکندا آهن پر اُتان، الله تعالي جي فضل ۽ ٻاجهه سبب پوئتي موٽندا آهن ۽ حيوانيت ۽ بهيميت جي صفتن کي ڇڏي، شريعت مطابق عمل ڪندا آهن ۽ الله تعالي جي ٻانهپ مطابق زندگي گذارينداآهن. اهڙن ماڻهن جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ت :

فَأُولَٰئِكَ يُبَدِّلُ اللَّهُ سَيِّئَاتِهِمْ حَسَنَاتٍ (2)

[پوءِ الله انهن جي گناهن کي نيڪين ۾ بدلائي ڇڏيندو.]

انهن ٻنهي طبقن جي ماڻهن کي سلوڪ جي قدم مطابق پنهنجي پنهنجي مقام ڏانهن واپسي نصيب ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ ت الله تعالي جي مشيت ۽ اڳرائي ڪندڙ رحمت سبب اهي "ساڄي پاسي وارا" لکيل هوندا آهن. اهو ئي سبب آهي ت هن فقير جو پير دستگير فرمائيندو هو ت اسان جي

(1) سورة الانبياء آيت: ۱۰۱
(2) سورة الفرقان آيت ۷۰

www.maktabah.org

حياتي يا مماتي ٻئي هڪجهڙيون آهن. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

سِيْرُوْا سَبَقَ الْمُفَرِّدُوْنَ[3]

[تڪڙا هلو الله کي وڌ ۾ وڌ ياد ڪندڙ اڳتي نڪري ويا.]

"نفس لوامه" وارا ساڃي پاسي وارا، هن ڪري آهن جو سندن اطاعت سندن نافرمانيءَ جي پيٺ ۾ غالب آهي، جنهن ڪري نجات لهندا آهن. سندن باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ:

فَأَمَّا مَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِينُهُ ۝٦ فَهُوَ فِي عِيشَةٍ رَّاضِيَةٍ ۝٧[1]

[باقي رهيا اُهي، جن جا اعمالناما ڳرا ثابت ٿيندا، اهي رضا خوشي واري زندگي گذارينداء]

ڪاپي پاسي وارا اُهي آهن جن جي اطاعت تي، معصيت ۽ نافرماني غالب هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي دنيا ۾ نفس پرستي ۽ خواهش پرستي ڪن ٿا، تنهن ڪري دوزخ ۾ ويندا. ان جو سبب هي آهي تہ جڏهن الله تعالي، دل کي پيدا فرمايو تہ عقل کي ان جي ساڃي پاسي، نفس کي ان جي ڪاپي پاسي ۽ عشق کي اڳيان رکيو. ساڃي پاسي وارن عقل جي، ڪاپي پاسي وارن نفس جي ۽ نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙن (السابقون) بہ عقل جي پيروي ڪئي. تنهن ڪري عقل، عقلمندن کي جنت ۾ ۽ نفس پرستي، نفس پرستن کي دوزخ ۾ ۽ عشق، عاشقن کي پنهنجي معشوق وٽ پهچائيندو. جيڪڏهن رب ڪريم جو فضل ۽ سندس ٻاجهہ چاهيندي آهي تہ مرڻ مهل هڪ گهڙي سوا بہ اڳ نافرمان ۽ گنهگار انسان کي توبہ جي توفيق عطا ٿيندي آهي. سندن گناه بخشيا

---

(3) پوري حديث هن طرح آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن مڪي جي هڪ رستي تان گذري رهيا هئا. "جمدان" نالي جبل وٽ پهتا تہ ٻيرا ارشاد فرمايائون تہ، هيءُ جمدان جبل اچي ويو. جلدي هلو مفردون اڳتي نڪري ويا. عرض ڪيائون تہ اي الله جا رسول ﷺ "مفردون" مان ڪير مراد آهن؟ فرمايائون تہ الله کي سڀ کان وڌيڪ ياد ڪندڙ مرد ۽ الله کي سڀ کان وڌيڪ ياد ڪندڙ عورتون. (ابن ڪثير ص ۴۸۹ ج ۳- مسلم ص ۲۰۶۲ ج ۴، ابن حبان ص ۱۴۰ ج ۳- مستدرک ص ۶۷۳ ج ۱، ترمذي ص ۵۷۷ ج ۵، مجمع الزوائد ص ۷۵ ج ۱۰، احمد ص ۳۲۳ ج ۲، شعب الايمان ص ۳۸۹ ج ۱.

(1) سورة القارعة آيت ۶-۷

www.maktabah.org

ويندا آهن. پوءِ اهو الله جي مقبول بانهن ۾ محبن مان ٿيندو آهي. الله تعالي فرمائي ٿو ته:

إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ التَّوَّابِينَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِينَ ﴿٢٢٢﴾ (2)

[بيشڪ الله تعالي پسند ڪري ٿو توبه ڪندڙن کي ۽ پسند ڪري ٿو وڌ ۾ وڌ پاڪ صاف رهندڙن کي.]

نفس لوامه، جيتوٽيڪ عالم ارواح ۾ ٽين صف ۾ آهي، پر جڏهن انهن مان ڪنهن کي الله تعالي پنهنجي رحمت سبب شراب طهور پياريندو آهي ته اهو به مالامال ٿي ويندو آهي ۽ ان جي قسمت جاڳي پوندي آهي:

وَسَقَاهُمْ رَبُّهُمْ شَرَابًا طَهُورًا ﴿٢١﴾ (1)

[۽ کين سندن رب، شراب طهور پياريندو.]

اهڙي طرح ڪيس نبين، رسولن سڳورن، خاص ولين جي صف ۾ آٿي، پنهنجي جمال جو مشاهدو ڪرائيندو. جيڪڏهن شراب طهور جو ڇُڪو عوام الناس کي به پياري ته دنيا جي خرابات يعني شهوتن، لذتن ۽ خواهشن ۾ مست ۽ مدهوش رهڻ جي باوجود، جيئن ته اُهي اطاعت جو ذوق به رکن ٿا، تنهن ڪري قيامت جي ڏينهن کين به آرام ۽ سکون جي زندگي نصيب ٿيندي.

انهن جي مقابلي ۾ اهي بي خبر ماڻهو آهن، جيڪي دنياوي جي زندگي ۾ پاڻ کي غافل ۽ مغرور رکن ٿا ۽ ڪجهه ڏينهن جي عارضي زندگي تي راضي ٿين ٿا ۽ سندن نفس، حياتي جي فاني نعمتن تي ريجهي ويهن ٿا. جن جو حال هن طرح بيان ڪيو ويو آهي ته:

وَرَضُوا بِالْحَيَاةِ الدُّنْيَا وَاطْمَأَنُّوا بِهَا وَالَّذِينَ هُمْ عَنْ آيَاتِنَا غَافِلُونَ ﴿٧﴾ (2)

[جيڪي دنياوي زندگي تي راضي ۽ مطمئن آهن ۽ جيڪي اسان جي آيتن کان غافل آهن، اهڙا ماڻهو هميشه لاءِ دوزخ جو ڪاڄ ٿيندا رهندا.]

---

(2) سورة البقرة آيت: ٢٢٢

(1) سورة الدهر آيت: ٢١

(2) سوره يونس آيت ٧

www.maktabah.org

انهن جي ٻيٽ ۾ اهي ماڻهو آهن، جن جي حالت هيءَ آهي تہ:

خَلَطُوْا عَمَلًا صَالِحًا وَّاٰخَرَ سَيِّئًا (3)

[جن نيڪ ۽ خراب گاڏڙ ساڏڙ عمل ڪيا.]

پر جڏهن دنياوي شهوتن جي شراب خاني ۾ ويهي گناهن جو پيالو پيئندا آهن تہ سندن نفس لوامه کين ملامت ڪندو آهي ۽ انهن کي آخرت جي يادگيري ڏيارينڊو آهي تہ جيئن الله تعالىٰ جي اڻ ڪٽ عنايتن سان مالا مال ٿين. انهن جي باري ۾ فرمان آهي تہ:

عَسَى اللّٰهُ اَنْ يَّتُوْبَ عَلَيْهِمْ (4)

[ويجهو آهي تہ الله انهن تي ٻاجهہ سان موٽي.]

آخرڪار انهن تي پنهنجي مهر ڪندي الله تعالىٰ کين توبه جو شوق ڏيئي، گناهن کان پاڪ صاف ڪندو ۽ پنهنجي محبت جي تعلق ۾ شامل فرمائيندو.

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوَّابِيْنَ (1)

[بيشڪ الله توبه ڪندڙن سان محبت ڪندو آهي.]

الله تعالىٰ اهڙن ماڻهن جي "نفس لوامه" جو قسم ڪٽي فرمائي ٿو تہ:

لَآ اُقْسِمُ بِيَوْمِ الْقِيٰمَةِ ۝١ وَلَآ اُقْسِمُ بِالنَّفْسِ اللَّوَّامَةِ ۝٢ (2)

[آءٌ قيامت جي ڏينهن جو قسم ڪٽان ٿو ۽ نفس لوامه جو قسم ڪٽان ٿو.]

نفس ملهمه جي باري ۾ آهي تہ:

كَيْفَ تَكْفُرُوْنَ بِاللّٰهِ وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيٰكُمْ ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ (3)

[توهان الله جو ڪفر ڪيئن ٿا ڪريو؟ حالانڪ توهان بي جان هئا، پوءِ توهان کي جيئرو ڪيائين، پوءِ توهان کي مارينڊو، پوءِ وري توهان کي جيارينڊو، پوءِ توهان کي ان ڏانهن موٽڻو آهي.]

---

(3) سورة التوبه آيت ١٠٢
(4) سورة التوبه آيت: ١٠٢
(1) سورة البقرة آيت: ٢٢٢
(2) سورة القيامة آيت: ١-٢
(3) سورة البقرة آيت: ٢٨

www.maktabah.org

نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

مُوتُوا قَبْلَ أَنْ تَمُوتُوا (4)

[موت جي اچڻ کان اڳ پاڻ کي ماري ڇڏيو.]

نفس ملهمه يعني اهو نفس، جنهن ڏانهن الله تعالي وحي فرمايو ۽ جنهن کي هي مرتبو حاصل آهي تہ الله سائين ان جو قسم کڻي فرمائي ٿو:

وَنَفْسٍ وَمَا سَوَّاهَا ۝٧ فَأَلْهَمَهَا فُجُورَهَا وَتَقْوَاهَا ۝٨ (1)

[۽ قسم آهي نفس جو، جنهن ۾ پلائيءَ جو ۽ برائيءَ جو الهام ڪيائين.]

روحن جي جهان ۾ نفس ملهمه، بي صف ۾ آهي ۽ قرآن ۾ ٻه ٻئي نمبر تي آهي:

فَمِنْهُمْ ظَالِمٌ لِّنَفْسِهِ وَمِنْهُمْ مُّقْتَصِدٌ (2)

[پوءِ انهن مان کو پنهنجي نفس تي ظلم ڪندڙ آهي تہ کو وچولي واٽ تي هلندڙ آهي.]

جيئن تہ، اهڙو شخص انصاف جي واٽ تي هلندڙ آهي، تنهن ڪري ان جي وصف سابق بالخيرات آهي، يعني نيڪين ۾ اڳرائي ڪندڙ آهن. ان جي ٻيٽ ۾ نفس تي ظلم ڪندڙ آهن. اهي عام، خاص، عوام ۽

---

(4) حافظ ابن حجر فرمائي ٿو تہ حديث ثابت نہ آهي. (المصنوع ص ١٩٨ ج ١) ملا علي قاري چوي ٿو تہ اهو صوفين جو ڪلام آهي. (ڪشف الخفاء ص ٣٨٤ ج٢) آءٌ عرض ڪريان ٿو تہ پر اهوئي مضمون ٻين لفظن سان حديث مان ثابت آهي. نبي سائين ﷺ جن حضرت ابن عمر رضي الله عنهما کي فرمايو تہ: .... وعد نفسک في اهل القبور (پاڻ کي قبر وارن ۾، ۽ ٻي روايت جي لفظن ۾، مئن ۾ شمار ڪر. (ترمذي حديث: ٢٣٣٣، مجمع الزوائد ص ٢٢٧ ج ١٠، ابن ماجه حديث: ٤١٤، ابن ابي شيبه ٤٣٣٠٤، مسند أحمد حديث: ٥٠٠٢، شعب الايمان حديث: ١٠٢٤٦، المعجم الكبير حديث: ١٣٣٥٧، فتح الباري ص ٢٣٤ج ١١، فيض القدير ٥٥١ ج ٢) جنهن ۾ مٽئين روايت ڏانهن اشارو آهي. (تحفة الاحوذي ص ٥١٥ ج ٦) يعني ان کان اڳ جو توهان جو احتساب ٿئي، پاڻ پنهنجو محاسبو ڪريو جيئن حضرت عمر رضہ جو قول آهي تہ حاسبوا قبل ان تحاسبوا (ان کان اڳ جو توهان جو حساب ڪيو ويجي. پنهنجو پاڻ محاسبو ڪريو) (ابن ڪثير ص ٢٦ ج ١، ترمذي حديث: ٢٤٥٩، ابن ابي شيبه حديث: ٣٤٤٥٩).

(1) سورة اليل آيت: ٧-٨

(2) سورة فاطر: آيت: ٣٢

www.maktabah.org

اولياءَ الله آهن. جن کي واسطي سان حق تعالي جي طرفان الهام جو شرف نصيب ٿيندو آهي. عالم ارواح ۾ اُهي نبين سڳورن ۽ خاص ولين سان هوندا آهن ۽ دنيا ۾ اچي پهرين صف جي روحن جي ذريعي الله تعالي جو فيض ۽ رضا ماڻيندا آهن. پهرين صف يعني نبين ۽ رسولن جو اولڙو يا عڪس ٻي صف تي پوندو آهي. جن کان اُهي پنهنجو نصيب حاصل ڪندا آهن ۽ حجاب جي واسطي سان الله تعالي سان مخاطب ٿيڻ جو ذوق شوق رکندا آهن. هن دنيا ۾ اچي جيتوڻيڪ نفس اماره جا ڏنگيل هوندا آهن. پر جيئن ته فطرت ۾ انهن لاءِ حق ۽ سچائي جو فيض لکيل هوندو آهي ۽ ازل ۾ الله انهن کي خطاب فرمائيندو آهي ته:

اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ (3)

[چا آءٌ توهان جو رب نہ آهيان؟]

تنهن ڪري انهيءَ مخاطبت جي شوق سبب منجهن روحانيت موجود هوندي آهي. انهن جي دل، فاني جهان جي اسفل السافلين ۾ رڌل هوندي آهي. پر سندن طبيعت ۾ عبادت ڪري. اعلي عليين تائين پهچڻ جو جذبو هوندو آهي. تنهن ڪري اهڙا ماڻهو نفس جو تزڪيو يعني پاڪائي ڪندا آهن ۽ ازل کان روحانيت جو جيڪو بج سندن اندر وديعت يعني رکيل هوندو آهي. ان جي پالنا جي ڪري چگا ڪم ڪندا آهن. شريعت ۽ طريقت جي واٽ تي هلندا آهن. جنهن جي نتيجي ۾ نفس اماره جي اونداهين تي شريعت جو نور غالب ايندو آهي. تڏهن. سندن اندر جي وجود جو حجاب. ڪجهه هٽي ويندو آهي. پوءِ عبادت جي ڪشادي ۽ پر فيض ميدان ۾ ساهه ڪڍندا آهن ۽ نفس جي قيدخاني مان نجات ونڊي ڪاميابي ماڻيندا آهن. الله تعالي انهن جي باري ۾ فرمائي ٿو ته: قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى (بيشڪ، ڪامياب ٿيو اهو شخص، جنهن پنهنجي نفس کي پاڪ ڪيو.) ان کي "نفس لوامه" چوندا آهن. ڇاڪاڻ ته اهڙا ماڻهو گناهن جي زندگي تي راضي ۽ مطمئن ٿي نہ ويهندا آهن. پر ان کي تبديل ڪري. نيڪي ۽ فلاح جي رستي تي هلندا آهن. پنهنجي حالت ۽ هلت کي

(3) سورة الاعراف آيت: ۱۷۲

www.maktabah.org

مَتائيندا آهن، جنهن جي ڪري ازلي تاثير منجهن هر گهڙيءِ عبادت جو روح ڦوڪيندي رهندي آهي. هر وقت انهن جو عشق وڌندو رهندو آهي. پنهنجي شوق ۽ ذوق ۽ رغبت جي ڪثرت سبب مجاهدن ۽ رياضتن ۾ مشغول ٿي ويندا آهن ۽ شريعت جي قانون مطابق جيڪا به چرپر ڪندا آهن، ان جي نتيجي ۾ منجهن نئون نور ظاهر ٿيندو آهي ۽ انهن جي ايماني قوت وڌندي آهي، جيئن فرمائي ٿو تہ:

لِيَزْدَادُوْٓا اِيْمَانًا مَّعَ اِيْمَانِهِمْ (1)

[جيئن اُهي ايمان مٿان ايمان ۾ وڌن.]

پڙ فرمائي ٿو تہ:

ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ ثُمَّ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٨﴾ (2)

[پوءِ توهان کي مارينڊو، وري توهان کي جيارينڊو، پوءِ توهان کي ان ڏانهن موڪلبو آهي.]

عبادت جي وڻ ۾ هر گهڙيءِ نئين تازگي پيدا ٿيندي رهندي آهي ۽ عبادت گذار انسان عالم سُفلي کان، عالم عُلوي ڏانهن ترقي ڪندو رهندو آهي، جيئن داڻي مان پورو وڻ ڦٽي ٻاهر نڪري ايندو آهي. وَكُنْتُمْ اَمْوَاتًا فَاَحْيٰكُمْ (۽ توهان بي جان هئا، پوءِ توهان کي زندگي عطا ڪري ٿو.) ثُمَّ يُمِيْتُكُمْ (پوءِ توهان کي ماري ٿو.) يعني داڻو مڪمل طرح وڻ ۾ بدلجي وڃي ٿو. ثُمَّ يُحْيِيْكُمْ (پوءِ توهان کي جيارينڊو) يعني الله تعالىٰ وري انهيءَ داڻي کي شگوفي جي شڪل ڏيئي، وڻ مان ڦٽائي ٻاهر آڻيندو آهي، جيتوڻيڪ اهو داڻو وڻ جي شڪل اختيار ڪندو آهي، مگر انهيءَ وڻ مان جيڪي داڻا يا ميوا ڦٽندا آهن، اُهي به تہ اُن پهرئين داڻي جي ترقي ورتل صورت ئي آهن. پوءِ جڏهن وڻ جو ميوو پڪي تيار ٿي ويندو آهي تہ ان پهرين داڻي جو هڪ قدم، وڻ جي صورت ۾ ۽ ٻيو قدم ٻن داڻن يا ميون جي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي. انهيءَ حالت ۾ وڏو خطرو به سامهون ايندو آهي. جو معمولي آفت يا جهولو ۽ ساڙو به، ان کي ناس ڪري سگهندو آهي.

---

(1) سورة الفتح: آيت ۴

(2) سورة البقرة آيت: ۲۸ پ۱

www.maktabah.org

"نفس سابق" مان مراد "نفس مطمئنه" آهي، جنهن کي مخاطب ٿي، الله تعالي فرمائي ٿو ته:

يَٰٓأَيَّتُهَا ٱلنَّفْسُ ٱلْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ ٱرْجِعِىٓ إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ فَٱدْخُلِى فِى عِبَٰدِى ﴿٢٩﴾ وَٱدْخُلِى جَنَّتِى ﴿٣٠﴾ (1)

[اي مطمئن نفس! پنهنجي رب ڏانهن رضا خوشي سان موٽي اچ. پوءِ منهنجن (سچن) بانهن ۾ داخل ٿيءُ ۽ منهنجيءَ جنت ۾ داخل ٿيءُ.]

اي عزيز! جاڻ ته "نفس مطمئنه" نبين، ولين ۽ خاص اوليائن جا هوندا آهن، جيڪي ازل ۾ انهيءَ ڏينهن پهرين صف ۾ هئا، جڏهن الله تعالي، انسان ذات کان پنهنجي بانهپ جو عهد ۽ اقرار ورتو هو. جيتوٽيڪ نبين ۽ ولين سڳورن مان، اطمينان ۽ يقين ۾ هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو درجو آهي، جيئن ساڃي پاسي وارن ۽ ڪاپي پاسي وارن مان، هر هڪ جو پنهنجو پنهنجو مقام ۽ درجو آهي. جيڪي ماٺهو نفس اماره جي مقام کان نفس لوامه جي مقام تي ۽ نفس لوامه جي مقام کان نفس ملهمه جي مقام تي ۽ نفس ملهمه جي مقام کان، نفس مطمئنه جي مقام تي پهچندا آهن، اهي حق تعالي جي تصرف ۽ جذبه کان سواءِ، نه پهچندا آهن ڇاڪاڻ ته شريعت شريفه جو عام اصول اهو ئي آهي ته:

إِنَّ ٱلنَّفْسَ لَأَمَّارَةٌۢ بِٱلسُّوٓءِ (1)

[بيشڪ، نفس برائيءَ جو حڪم ڪري ٿو.]

نبي ۽ ولي ڪامل کان سواءِ شروع ۾ سيني جا نفس برائيءَ جو حڪم ڪندڙ هوندا آهن پوءِ شريعت جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري سندن نفس "نفس مطمئنه" ٿيندا آهن، جيڪو انسانيت جي ڪمال جو سڀ کان مٿانهون مقام آهي. انهيءَ وقت اهي نفس هن لائق ٿي ويندا آهن ته انهن کي اِرجِعِي جو خداوندي حڪم ٿيندو آهي.

عالم ارواح ۾ شروع ۾ روح جو جسم سان تعلق هوندو آهي،

---

(1) سورة الفجر آيت: ٢٧ تا ٣٠

(1) سوره يوسف آيت: ٥٣

www.maktabah.org

جنهن جي ڪري اهي روح، فرشتن، مَلَڪوتي طاقتن، آسمانن، ستارن وغيره وٽان گذري "اسفل السافلين" جي درجي ۾ پهچندا آهن. جيڪو انساني مرتبو آهي، الله پاڪ فرمائي ٿو تہ: ثُمَّ رَدَدْنَاهُ أَسْفَلَ سَافِلِينَ يعني پوءِ اسان ان کي سڀ کان هيٺاهين درجي ۾ موڪلائيندا آهيون. آخرڪار ايماني نور ۽ نيڪ عملن جي نتيجي ۾ ان کي هي مقام نصيب ٿيندو آهي تہ: إِلَّا الَّذِينَ آمَنُوا وَعَمِلُوا الصَّالِحَاتِ يعني سواءِ انهن ماڻهن جي جيڪي ايمان آڻين ۽ چڱا ڪم ڪن ٿا. يعني اهي هيٺاهين درجي کان مٿانهين درجي ڏانهن موڪلندا آهن. پر جيستائين ڪين يَا أَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ارْجِعِي إِلَىٰ رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً يعني اي مطمئن نفس! رضا خوشيءَ سان پنهنجي رب ڏانهن موٽي اچ جو خطاب نٿو ٿئي. انهيءَ وقت تائين ائين ٿيڻ ناممڪن آهي جو منجهس ايماني نور ۽ عمل صالح جي طاقت پيدا ٿئي. پڙ نفس کي اهو معلوم نہ ٿيندو آهي تہ، اهو خداوندي خطاب ڪڏهن ٿيندو؟ بلڪ نفس اماره انسان کي ڊيڄاريندو آهي تہ اها حق ۽ صداقت جي جيڪا واٽ تون هلين ٿو تنهن جا نتيجا هاڃيڪار نڪرندا، تانجو الله تعالي پنهنجو حڪم جاري فرمائي، جيئن ابراهيم عليه السلام جي باري ۾ ڀاڻ کي خطاب ٿيو تہ:

يَا نَارُ كُونِي بَرْدًا وَسَلَامًا عَلَىٰ إِبْرَاهِيمَ (1)

[اي ڀاڻ! ابراهيم تي ٿڌي ۽ سلامتي واري ٿيءُ.]

حالانڪ ڀاڻ جي خاصيت ساڙڻ آهي. پر جڏهن ان کي الله جل جلاله جو حڪم ٿيندو آهي تہ ان جي اها صفت ختم ٿي ويندي آهي. ساڃيءَ طرح، نفس ۾ گناه ڪرڻ جي جيڪا خراب وصف هوندي آهي جڏهن الله تعالي، ان کي خطاب فرمائيندو آهي تہ ان جي اها منفي صفت بہ ختم ٿي ويندي آهي ۽ اهو نيڪيون ڪري، الله جي خاص ٻانهن ۾ شامل ٿي ويندو آهي ۽ جنت جو حقدار ٿي ويندو آهي ۽ اها جنت اها هوندي آهي، جنهن کي ٻين جنتن تي اهڙي فضيلت ۽ شرف حاصل آهي، جنهن جو خيال ۽ تصور ڪرڻ بہ مشڪل آهي ۽ ان کي ڪا ظاهري شيءِ

(1) سورة الانبياء آيت: ٦٩

www.maktaban.org

محسوس بہ ڪري نہ سگھندي آهي، جيئن حديث ۾ آهي تہ الله پاڪ فرمائي ٿو تہ:

اَعْدَدْتُّ لِعِبَادِيَ الصَّالِحِيْنَ مَا لَا عَيْنٌ رَاَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلٰى قَلْبِ بَشَرٍ (2)

[مون پنهنجن نيڪ بانهن لاءِ اهي نعمتون تيار ڪيون آهن، جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي، نہ ڪنهن ڪن ٻڌو آهي ۽ نہ ڪنهن انسان جي قلب ۾ ان جو خيال آيو آهي.]

نفس جي امارگي (برائي) جي حقيقت هن طرح آهي تہ نفس پوري انساني جسم يا خاڪي مجسمي جو امير يعني مٿس حڪم هلائيندڙ آهي. "اماره" مبالغي جو صيغو آهي، يعني حڪم هلائيندڙ انساني نفس، انساني جسم جي مملڪت ۾ پنهنجي خواهشن مطابق ڪم هلائيندو آهي ۽ سيني جسماني عضون کي، حق تعالي جي حڪمن جي برخلاف هلائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. جڏهن تہ انسان جي دل گهرندي آهي تہ، انساني جسم تي الله تعالي جا حڪم احڪام هلن. نفس جي انهيءَ سرڪشيءَ ڪري جسم جي مملڪت ۾ فساد پيدا ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هڪ مملڪت ۾ ٻہ بادشاه هوندا تہ لازمي ڳالهہ آهي تہ اتي فتنو ۽ فساد پيدا ٿيندو جيئن ان ڏس ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

لَوْ كَانَ فِيْهِمَآ اٰلِهَةٌ اِلَّا اللّٰهُ لَفَسَدَتَا (1)

---

(2) بخاري حديث: ۴۵۰۱، ۳۰۷۲، ۷۰۵۹ من حديث ابي هريرة، احمد حديث: ۸۸۱۳، ۹۲۶۸، ۹۳۸۰، مسلم حديث: ۲۸۲۴، ترمذي حديث: ۳۱۹۷، سنن كبري حديث: ۱۱۰۸۵، ابن ماجه حديث: ۴۳۲۸، قرطبي ص ۷۷ ج۱، ص ۱۳ ج ۱۷، ابن جرير ص ۲۱۶ ج ۴، ابن كثير ص ۳۵۳ ج۱، ۴۴۳ج۱، مجمع الزوائد ص ۱۸۲ ج ۳، من حديث انس، ومن حديث ابن مسعود ص ۹۰ ج ۷، ومن حديث ابن عباس ص ۳۹۷ ج ۱۰، ومن حديث ابي سعيد ص ۴۱۲ ج ۱۰، حاكم من حديث سهل بن سعد حديث: ۳۵۴۹، ومن حديث كعب ص ۳۳۴ج ۴.

(1) سورة الانبياء آيت: ۲۲

www.maktabah.org

[جيڪڏهن زمين ۽ آسمانن ۾هي ۾، الله کان سواءِ ڪي ٻيا معبود هجن ها تہ ضرور انهن ۾هي ۾ فساد پيدا ٿئي ها.]

اي منهنجا عزيزا! الله تعاليٰ ئي حقيقي معبود ۽ حقيقي موجود آهي، تنهن ڪري نفس کي، پنهنجو معبود بڻائڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو معنوي شرڪ آهي. تنهن ڪري هر حالت ۾ شرڪ کان بچڻ گهرجي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو: "۽ الله کان سواءِ ٻيا معبود نہ بڻايو." يعني نفس کي پنهنجو معبو نہ بڻايو. جيستائين نفس پنهنجين خراب خواهشن کان باز نٿو اچي، الله تعاليٰ جي هدايت واري واٽ نٿو ونڃي، ۽ شريعت جي پيروي ڪري پنهنجي صفت امارگيءَ يعني شريسندي کي ختم نٿو ڪري، تيستائين ان جي ڪا ڳالهہ نہ ميججي. اهو ئي ڪاميابي جو راز آهي. الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾ (2)

[يعني جنهن پنهنجي نفس کي خواهشن کان روڪيو، اهو ئي ڪامياب ٿيو.]

نفس جون اهي ٻئي صفتون يعني الله تعاليٰ جي اطاعت ۽ سندس امارگي هڪ ٻئي جي بر خلاف وصفون آهن. نفس، جيستائين حڪم هلائيندڙ ٿيندو، ان وقت تائين ممڪن ئي نہ آهي تہ الله عزوجل جي حڪم تي بہ هلي ۽ جڏهن مامور يعني الله جو مطيع ٿيندو، انهيءَ وقت ان جي "امارگي" خوبخود ختم ٿي ويندي.

فلسفين جي غلطي

هن مقام تي فلسفين کان هڪ زبردست غلطي ٿي آهي. اهي چون ٿا تہ نفس اماره جون بيڙيون صفتون، حيواني وصفون آهن ۽ سهڻن اخلاقن جي پيدا ڪرڻ ۽ نفس کي خراب صفتن جي ڇڏڻ سبب ڏاڍي تڪليف ٿيندي آهي، تنهن ڪري اسان کي انسان ۾ سهڻن اخلاقن جي پيدا ڪرڻ لاءِ نبين جي شريعت ۽ ولين جي طريقت تي هلڻ جي ضرورت

(2) سورة النازعات آيت: ۴۰

www.maktabah.org

نہ آهي، حالانڪ اهي هدايت واري رستي جا رهبر آهن. اهي چون ٿا تہ اسان انهيءَ مقصد لاءِ عقل کان ڪم ونڊي اهڙا طريقا اختيار ۽ ايجاد ڪنداسون، جن سان نفس جي اصلاح بہ ٿيندي ۽ نفس جي حيواني خواهشن تي بہ ڪو فرق نہ پوندو. اهڙي طرح شيطان، انهن کي دوزخ ڏانهن گهلي ٿو. انهن کي حقيقي ايمان جو نورحاصل نہ آهي، تنهن ڪري عقليت کان ٻاهر ڪنهن شيءِ ڏانهن اک کٽي نٿا نهارين ۽ طبيعت جي حجابن کان ٻاهر نٿا نڪرن. چاهي نفس جي اصلاح جا، عقلي اعتبار سان هزارين رستا ڪڍيا وڃن، پر نفس (پنهنجي شرارت ۽ شيطانيت جا) هزارين بهانا ڪيندو آهي. توهان جيڪڏهن، بعض طبعي حجابن کي هٽائي چڏيندا تہ نفس پنهنجن سيني حجابن کي مضبوط ڪري چڏيندو ۽ پنهنجي ڪدورت يعني اندر جي ميراڻ ۽ انڊائي کي وڌيڪ مستحڪم ڪري چڏيندو، چاڪاڻ تہ نفساني خواهشن جي موجودگي ۾ نورانيت جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پوءِ طالب ڪٿان روشني حاصل ڪندو؟ حقيقي طالب اهو ئي آهي جيڪو پنهنجي اندر جي انڊائپ کي ختم ڪري، جو اهو ئي حجاب اعظم آهي ۽ اهو مقام ۽ مرتبو رڳو صاحبدل انسان کي ئي نصيب ٿيندو آهي. جنهن کي الله تعالي جي تائيد، توفيق ۽ ايماني نور نصيب هجي، جيئن حديث ۾ آهي تہ:

اِتَّقُوْا مِنْ فِرَاسَةِ الْمُؤْمِنِ فَاِنَّهٗ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللّٰهِ (1)

[مؤمن جي فراست ۽ بصيرت کان ڊڄو پوءِ بيشڪ اهو الله جي نور سان ڏسندو آهي.]

---

(1) تفسير ابن ڪثير ص ٣٢٦ ج ١، قرطبي ص ٤٣، ج ١٠، ترمذي ص ٢٩٨ ج٥، مجمع الزوائد ص ٢٦٨ ج ١٠، المعجم الاوسط ص ٣١٢ ج ٣، المعجم الكبير ص ٢١ ج ٨، مسند الشهاب ص ٣٨٧ ج١، الزهد الكبير ص ١٦٩ ج ٢، فتح الباري ص ٣٨٨ ج ١٢، تحفة الاحوذي ص ٤٤١ ج ٨، شرح سنن ابن ماجه ص ٢٩٣ ج ١، فيض القدير ص ١٨٦ج١، ٥٥٨ ج ٢، التاريخ الكبير ص ٣٥٤ ج ٧، حلية الاولياء ص ١١٨ ج ٦، ٢٨٢ ج ١٠، ميزان الاعتدال ص ٣١١٠ ج ٦، لسان الميزان ص ٣٥١ ج ٥، كشف الخفاء ص ٤٢ ج ١- ٤٣ ج ١.

www.maktabah.org

يعني اهو حقيقت جي نور سان ڏسندو آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته جن ماڻهن جي طبيعت اسفل هوندي آهي، انهن جو نفس شريعت جي برخلاف هوندو آهي ۽ جنهن کي شريعت جو نور يعني حق تعالي جو جذبو ان جي رحمت ۽ راضپو نصيب ٿيندو آهي، ان جي نفس جي امارگي يعني شرپسندي ختم ٿيندي آهي. جيئن سوره يوسف جي آيت ۵۳ ۾ الله تعالي فرمائي ٿو يوسف عليه السلام چيو ته اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ يعني نفس برائي جو حڪم ڪندڙ آهي، مگر جنهن تي منهنجو رب رحم فرمائي. هن مقام تي (اهو ڄاڻڻ ضروري آهي ته) حق جي هدايت جو ايماني نور نصيب هوندو ته الله تعالي جي عنايت ۽انهي کي اسفل طبيعت مان ڇڪي، بلند درجي تي پهچائيندي. جنهن کي سوره فجر پ ۳۰ ۾ هن طرح بيان فرمايو ويو آهي ته اي مطمئن نفس رضا خوشي سان پنهنجي رب ڏانهن موٽ يعني پنهنجي رب ڏانهن رجوع ڪر. "رجوع الي الله" يعني الله ڏانهن موٽڻ جون حالتون مختلف آهن، جيڪو شخص شروعاتي حالت ۾ هوندو آهي، اهو شروعاتي درجي تي ۽ جيڪو آخري حالت ۾ هوندو آهي، اهو بلند درجي تي هوندو آهي. انهيءَ مناسبت سان چيو ويو آهي ته حڪمت ۽ دانائي تڏهن عطا ٿيندي آهي جڏهن ست هزار ۽ ٽن سو جهانن جو مطالعو ڪيو وڃي. بلڪ انهن سيني جهانن جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، جن جي تعداد کي الله تعالي کان سواءِ ڪو نٿو ڄاڻي ۽ "ڪنجيءَ واري جهان" کي جيڪو هر ٻئي جهان ۾ پهچڻ جو ذريعو ۽ وسيلو آهي، ان کي پنهنجي هٿ ۾ ونجي ۽ ان ۾ جيڪي اسرار سمايل آهن انهن کي ڄاڻڻ گهرجي ۽ سمجهڻ گهرجي . ڇاڪاڻ ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

وَعَلَّمَ اٰدَمَ الْاَسْمَآءَ كُلَّهَا[1]

[۽ الله پاڪ آدم کي سڀ نالا سيکاري ڇڏيا.]

روحانيت جي شروعات ۾ ڪليات جو جهان هوندو آهي. اُن جون جزئيات نه هونديون آهن. اهو غيب جو جهان هو ان جو ظاهر نه هو جڏهن انسان، هن جهان ۾ خدا تعالي جي خلافت جا فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ

(1) سورة البقرة آيت: ۳۱

www.maktabah.org

اچي پالنا وٺڻ شروع ڪئي تہ ان وقت ان جي سامهون ڪجهہ ۽ ظاهر جا راز نڪري نروار ٿيندا ويا. چاڪاڻ تہ عالم ارواح ۾، ان کي الله تعالي جي خلافت جا معاملا سرانجام ڏيڻ جي سگهہ نہ هئي. اها سگهہ ۽ قدرت ان کي هتي هن دنيا ۾ اچي حاصل ٿئي ٿي، جنهن جي ڪري خلافت جي ڪمال جي درجي تي مقرر ٿيندو آهي.

اي عزيزا! ڄاڻ تہ هن خاڪي عالم جي خاصيت، جيڪا نفس جي عبادت آهي، سيني ظلمتن (اونداهين) ڪدورتن (ميراڻ) ثقل (سختي) جو موجب آهي. ظلمت ۽ جهالت جي خاصيت مان انڊائپ پيدا ٿيندي آهي، "ڪدورت" يعني ميراڻ ۽ مٽي جي خاصيت جو نتيجو آهي جو انسان هر شيءِ سان تعلق جوڙي ٿو يا ان کان جدا ٿئي ٿو. "ڪثافت" يعني گندگي مان بيرحمي ، ڪنور پن ۽ سنگدلي پيدا ٿيندي آهي. "ثقل" مان طبيعت جي سختي، هلڪو پن، بي همتي، خواري، سستي ظاهر ٿيندي آهي. سالڪ، انهن خراب صفتن کان پاڪ صاف ٿيندو آهي. ڪرم، مروت، نهٺائپ، بلند همتي، همدردي، رحمت، شفقت، علم، يقين، دينداري،پاڪائي، صفائي، سچائي، اطمينان قلب، نرمي، نورانيت، هلڪائي، وغيره سيني سهڻين صفتن جو روح سان تعلق هوندو آهي ۽ اهي ڪجهي جهان سان لاڳاپو جوڙيندا آهن. بس ڄاڻڻ گهرجي تہ خاڪي مقام کان ڀانهو ان وقت تائين گذري نٿو سگهي، جيستائين مٽي بيان ڪيل انهن خراب صفتن ۽ اوگڻن کان، جن جو تعلق مٽيءَ سان آهي. پاڻ کي پاڪ صاف نٿو ڪري ۽ انهن سهڻين صفتن سان جن جو تعلق روح سان آهي، پاڻ کي موصوف نٿو ڪري. جڏهن انهن خراب صفتن کي رد ڪري، انهن جي ڄار مان ٻاهر ايندو آهي تہ پوءِ ڪيس خلافت جي سلطنت ملندي آهي الله تعالي جي جانشيني ۽ نيابت جي خلعت پهريندو آهي ۽ ڪجهہ ۽ ظاهر جي سيني شين ۽ مملڪتن جي اڳواڻي حاصل ڪندو آهي ۽ ممڪلت جي اختيارن جون واڳون سندس هٿن ۾ اچي ويندیون آهن. الله تعالي فرمائي ٿو:

www.maktabah.org

قُلِ اللّٰهُمَّ مٰلِكَ الْمُلْكِ[1]

[چؤ اي الله! ملڪ جا بادشاهه!.]

پوءِ جڏهن اهو ملڪن جو بادشاه ٿي ويندو آهي ۽ پنهنجن شاهي اختيارن مطابق عمل دخل ڪندو آهي تہ ڪجهہ ۽ ظاهر جي سيني جهانن تي ڪيس حق تعالي جي طرفان خلافت ملندي آهي ۽ توحيد جي ماٿريءَ ۾ ڪيس قرار نصيب ٿيندو آهي.

غزل

تا خاک راه کويَ توام توتيا شده
کحل الجواهر از گوهر اشک شده
تا ريخته نفخت چون اکسير بر تنم
خاک وجود ما هم چون کيميا شده
فرموده يار دلبر فَاَحببت زان دلم
بسرمايه محبت و عشق ولا شده
تا سايهء عنايت يارم بفرق ماست
بنگر که خاصيت سايهء ما چون هما شده
تا شمع دل بنور محبت تو روشن است
بر نار مويَ قالب ما پُر ضيا شده
ماهتاب حسن جمالت ظهور گردد
خورشيد گوشه ءگير ز شرم و حيا شده
خوشبو زلف يار بمن رسيده
زان جمله ء وجود ما به چُنان مشک شده
هر ذره زمين و زمان آشنا ز ما است
تا يار آشنا قديم آشنا شده
چون يار يافتم بخدا از کرم خدا
نظرم بطالبان خدا را رهنما شده
چون راه يافتم بخدا بتطلف خدا

---

(1) سوره آل عمران آيت: ٢٦

www.maktabah.org

ازان من با طالبان حضرت راهنما شده
سلطان روزگار شدم من ز دولتش
چون فضل کردگار بحال این گدا شده
چون سلطنت گدائ درت دیده
شاه نشین از آرزوئ ملوکیت گدا شده
اي راح روح و جان و دل من! نگر مرا
مقصود از دو کون رضا و لقا شده

[جڏهن محبوب جي گهٽي جي متيءَ جو سرمو ٽيندين، تڏهن موتين وارو سرمو ٽيندين، جيڪو اکين لاءِ جوهر ۽ نور ٽيندو آهي. جڏهن انساني جسم تي "نفخت" جو مرحلو آيو، يعني الله تعالي ان ۾ پنهنجو روح ڦوڪيو، تڏهن اسان جي وجود جي متي ۾ ڪيميا ٽي وئي. منهنجو دلبر فرمائي ٿو ته پوءِ مون پسند ڪيو ته جيڪا ڳالهه منهنجي دل ۾ آهي، ان کي ظاهر ڪريان، تنهن ڪري اهو (انسان جيڪو مظهر خدا آهي) محبت ۽ عشق جي سرمائي جو والي ٽي ويو. جڏهن کان مون تي منهنجي يار جي مهر جو پاڇو ٽيو آهي، ڏس ته اسان جي پاڇي ۾ اها خاصيت پيدا ٽي وئي آهي، جو اهو جنهن تي پوي ٿو اهو "هما" پکي وانگر، مبارڪ ٽئي ٿو. جيستائين منهنجي دل جي شمع، تنهنجي محبت جي نور سان روشن آهي، اسان جي جسم جو انگ انگ روشن ٽي ويو آهي. جڏهن کان تنهنجي روشن چنڊ جي جمال ۽ حسن جا جلوا ظاهر ٽيا آهن، تڏهن کان سج ۾ شرم ۽ حيا جي ڪري گوشه نشين ٽي ويو آهي. يار جي زلف جي خوشبو مون تائين ڇا پهتي آهي، بس! منهنجو سمورو وجود، مشڪ عنبر سان مهڪجي ويو آهي. زمين ۽ زماني جو هر ذرو اسان جو آشنا آهي، ڇاڪاڻ ته يار جيڪو ازل ۾ آشنا هو سو اڄ آشنا ٽي ويو آهي. جڏهن کان پنهجي يار کي لڌو اٿم، الله جو قسم! الله جي فضل سان منهنجي نظر خدا جي طالبن لاءِ رهنمائي ٽي وئي آهي. الله جي ٻاجهه سان جڏهن کان الله جي واٽ لڌي اٿم، آئون الله جي ڪرم نوازيءَ سان طالبن لاءِ رهبر ٽي ويو آهيان. جڏهن کان، هن فقير سان پالٽهار جو فضل شامل حال ٽيو آهي، تڏهن کان، سندس فضل ۽ ٻاجهه جي ڪري زماني جو

www.maktabah.org

بادشاه ٿي ويو آهيان. جڏهن کان، تنهنجي در جي گدا جي بادشاهي ڏني آهي، تڏهن کان،بادشاهه به تنهنجي بادشاهي جي گدا ٿيڻ جي آرزو رکي ٿو. اي منهنجا روح ۽ جان ۽ دل جا روح روان! ڏس ته مون کي ٻنهي جهانن جي رب جي رضا ۽ ملاقات نصيب ٿي آهي.]

پڙ فرمايو ويو آهي ته جڏهن انساني روح، الله تعالي جل جلاله سان قلبي تعلق ۽ ڳانڍاپو قائم ڪندو آهي، تڏهن ان کي سيني فرشتن ۽ سيني جهانن تي عبور حاصل ٿي ويندو آهي ۽ جيڪي به مختلف جهان آهن اهي ان تي ظاهر ٿي ويندا آهن. نفعي ۽ نقصان جي هر شيءِ مٿس روشن ٿي ويندي آهي. هزارين روحاني ۽ جسماني جهان، ان جي قلب سان جُڙي ويندا آهن. تانجو دل تي ستر هزار نوراني ۽ ظلماتي حجاب اچي ويندا آهن. انهن حجابن جي واسطي سان عالم ملڪوتي جو مطالعو ۽ جمال احديت جو مشاهدو ڪندو رهندو آهي. جنهن ڪري حق تعالي جي خطاب ۽ قربت جي شرف کان محروم(1) رهجي ويندو آهي. طبيعت ۾ اسفل السافلين جي جيڪا ڪيفيت هوندي آهي، سا اعلي عليين سان جڙجي ويندي آهي. اهي مختصر ڏينهن، جڏهن جسم سان ان روح پاڪ جو تعلق قائم ٿي ويندو آهي، جنهن کي ڪيترائي هزار سال خاص خلوت ۾ بغير واسطي جي قربت جو شرف نصيب ٿيندو آهي. پوءِ ان تي ڪي حجاب اهڙا چڙهي ويندا آهن جو هو پنهنجي ان سموري سعادت ۽ شرف کي وساري ويهندو آهي. اهڙن ماڻهن جي باري ۾ الله تعالي قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو ته:

وَلَا تَكُونُوا كَالَّذِينَ نَسُوا اللَّهَ فَأَنسَاهُمْ أَنفُسَهُمْ(1)

[۽ انهن ماڻهن وانگر نه ٿيو جن الله کي وساريو.]

اڄ اهو شخص ڳٽتي ۾ هوندو ان پاڪ جهان کان کا (مبارڪ) هوا وٽس نه ايندي، جيڪڏهن اها بدبختي انهن حجابن جي ڪري هجي ها ته سدائين الله کي نه وساري ها، (راحت جي بجاءِ) سندس حالت وحشت ۾ نه بدلجي ها ۽ هرگز هن غير حقيقي جهان جي جهنجهٽن ۾ گم نه ٿئي ها

(1) شايد ڪاتب جي غلطيءَ سان لفظ "نه" رهجي ويو آهي. (والله اعلم بالصواب).
(1) سورة الحشر آيت ١٩

www.maktabah.org

۽ قربت حق جي ياد ۽ انس کي هرگز نہ وساري ها ۽ الله تعالي کيس هن طرح خطاب نہ ڪري ها تہ الله کي وساريندڙ انسانو! اهي انس ۽ محبت وارا ڏينهن ياد ڪريو. الله تعالي موسيٰ ، مٿس الله جون، سندس فرشتن، سندس نبين ۽ سمورن ماڻهن جو رحمتون هجن، فرمائي ٿو تہ:

وَذَكِّرْهُمْ بِأَيَّامِ اللهِ (2)

[۽ انهن کي ياد ڏيار الله جا ڏينهن.]

يعني جيڪي دنياوي ڪمن ۾ مشغول آهن، ان کي چؤ تہ، الله تعالي کي ياد ڪن تہ جيئن کين الله جي قربت نصيب ٿئي، جنهن سان سندن دل ۾ رب ڪريم جي محبت ۽ مهر پيدا ٿيندي، ۽ ٻيهر کيس پنهنجو اصلي وطن ۽ حقيقي منزل حاصل ٿيندي. لَعَلَّهُمْ يَتَفَكَّرُوْنَ (شايد اهي فڪر ڪن) لَعَلَّهُمْ يَتَذَكَّرُوْنَ (شايد اهي نصيحت وٺن) لَعَلَّهُمْ يَرْجِعُوْنَ (شايد اهي موٽن) جيڪڏهن پنهنجي اصلي وطن جي سندن دل ۾ تحريڪ پيدا ٿئي تہ پوءِ پڪ اها ئي ايمان جي عين حقيقت آهي، ڇاڪاڻ تہ فرمايو ويو آهي تہ:

حُبُّ الْوَطَنِ مِنَ الْإِيْمَانِ (3)

[وطن جي محبت ايمان مان آهي.]

پر ان جي ابتڙ جيڪڏهن اها محبت ۽ ٻاجهہ واري ڪيفيت منجهس پيدا نٿي ٿئي، ان جي اندر پنهنجي حقيقي وطن ڏانهن موٽڻ جي رغبت نہ آهي. سندس دل هن فاني جهان تي ريجهيل ۽ ان ۾ رُڌل آهي تہ پوءِ اها بي ايماني جي نشاني آهي. الله تعالي فرمائي ٿو:

وَلَوْ شِئْنَا لَرَفَعْنَاهُ بِهَا وَلٰكِنَّهٗٓ اَخْلَدَ اِلَى الْاَرْضِ وَاتَّبَعَ هَوٰىهُ فَمَثَلُهٗ

---

(2) سوره ابراهيم آيت:۵

(3) حديث جي عالمن وٽ اها حديث ثابت نہ آهي: المصنوع ص ۹۱ ج ۱، صغاني چوي ٿو تہ حديث موضوع آهي. "المقاصد" ۾ آهي تہ آءٌ هن حديث کان واقف نہ آهيان. پر معنوي اعتبار سان حديث صحيح آهي. مگر ملا علي قاري ان تي اعتراض ڪندي چوي ٿو تہ اهو چوڻ تہ معنوي اعتبار سان حديث صحيح آهي. عجيب قول آهي. ڇاڪاڻ تہ ضروري نہ آهي تہ جتي وطن جي محبت هجي اتي ايمان بہ هجي. (ڪشف الخفاء ص ۴۱۳- ۴۱۴ ج۱)

www.maktabah.org

كَمَثَلِ الْكَلْبِ[1]

[۽ جيڪڏهن گهرون ها تہ سندس درجا بلند ڪريون ها، پر دنيا پرستي ۽ پنهنجي نفس جي پيروي ڪيائين، پوءِ ان جو مثال ڪتي وانگر آهي.]

اي منهنجا سمجهدار عزيز! جڏهن ٻار ڄمندو آهي تہ سندس حجاب مضبوط نہ هوندا آهن. ان جي اندر الله تعالىٰ جي محبت ۽ انس جو ذوق موجود هوندو آهي. جڏهن پنهنجي ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر نڪرندو اهي تہ ان وقت، انهيءَ جهان مان جدائي سبب ڪيس رنج ٿيندو آهي ۽ الله تعالىٰ جي محبت جي غلبي سبب هر گهڙيءَ رڙندو ۽ آه وزاري ڪندو رهندو آهي، جنهن جي ڪري سندس دل ۽ جان ڳڻتي ۾ مبتلا هوندي آهي. ڄڻ تہ پنهنجي زبان حال سان الله ذوالجلال والاڪرام کي چوندو آهي تہ اي الله! هيءَ منهنجي دل تنهنجي عشق ۽ محبت ۾ سڙي پچي رهي آهي. ۽ فرياد ڪري رهي آهي، پر جيئن تہ هن جهان ۾ هر گهڙي ان ٻار کي نت نئين شيءِ جو حسن ۽ خوشي محسوس ٿيندي آهي، تنهن ڪري اهو انهن فاني شين ۾ مشغول ٿي ويندو آهي تانجو پنهنجي حقيقي ۽ شاندار جهان کي وساري ڇڏيندو آهي ۽ هن خسيس جهان تي ريجهي ويهندو آهي. مگر ٿوري وقت کان پوءِ ڪيس انهيءَ مٽاڻهين جهان جي سڪ لڳندي آهي، جنهن ڪري ان جي مهربان ماءُ ڪيس هنج ۾ ڪٽي وات ۾ ببو ڏيندي آهي ۽ ٻار کير پيئندو آهي. آهستي آهستي کير جو چسڪو ۽ چوس ان کي ايتري تہ وٽي ويندي آهي جو ان لاءِ ماءُ جي کير کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ پياري نہ هوندي آهي. اهڙي طرح انهيءَ حقيقي جهان جي محبت کي آهستي آهستي وساري ڇڏيندو آهي. وري جڏهن ڪجهہ وڏو ٿيندو آهي تہ ڪائڻ ۽ پيئڻ جي شين ڏانهن منجهس رغبت پيدا ٿيندي آهي. جڏهن ڪجهہ سمجهہ پريو ۽ شعور وارو ٿيندو آهي تہ ماءُ، پيءُ، ياءُ، پيٽ ۽ ماحول جي محبت ان جي دل ۾ گهر ڪري ويندي آهي ۽ اهڙي طرح ان جي دل ۾ دنيا جي ٻين شين سان واسطو ۽ وابستگي مضبوط ٿيندي ويندي آهي. وڏو ٿيندو آهي تہ زال مال ۽ اهل عيال، نوڪري چاڪري، عهدي ۽ منصب، عزيزن، دوستن جي

---

(1) سورة الاعراف آيت: ١٧٦

www.maktabah.org

محبت، پراين ۽ دشمنن جي دشمني جا جذبا زور وٺندا آهن ۽ اهڙي ريت عالم سفلي ۾ جيڪي به شيون محسوس ٿيندڙ آهن، نظر ۽ عقل ۾ ايندڙ آهن. پلائي ۽ برائي جون جيڪي به وصفون آهن، اهي منجهس پيدا ٿيندڙ آهن ۽ آهستي آهستي عالم علوي کان پري ٿيندو ويندو آهي. جيئن ته باطن جي عالم مقدس کان غافل هوندو آهي ۽ مڪمل نموني عالم سفلي ۾ موجود هوندو آهي ۽ هن فاني جهان جي شين سان ڪامل وابستگي رکندو آهي ۽ عالم علويءَ کي دل مان بلڪل وساري ويهندو آهي. رات ڏينهن دنيا پرستي ۽ نفس پرستي ۾ مشغول هوندو آهي، هن فاني جهان جي سامان ۽ لذتن ۾ غرق هوندو آهي. ڪيس سدائين عارضي فائدو ڏيندڙ شين جي ميڙ ۾ جو جنون ۽ انهن کي نقصان پهچڻ جو خدشو ۽ خطرو مسلط هوندو آهي، تنهن ڪري ان جي مٿان ظلمات جا حجابن مٿان حجاب چڙهي ويندا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڪو شخص انهيءَ عالم علوي جون ڳالهيون ياد ۽ ڏياريندو آهي ته انهن کي قبول نه ڪندو آهي. انهن تي ايمان نه آڻيندو آهي، عالم علوي يا عالم آخرت جي اميد ۽ ان مان ختم ٿي ويندي آهي. ان جي دل جا دروازا بلڪل بند ٿي ويندا آهن. جنهن ڪري ڪفر مان نڪري، ايمان ۾ اچڻ ان لاءِ ممڪن نه هوندو آهي: الا ما شاءَ الله. انهيءَ حالت وارن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي ته:

سَوَآءٌ عَلَيْهِمْ ءَأَنذَرْتَهُمْ أَمْ لَمْ تُنذِرْهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ۝ خَتَمَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَعَلَىٰ سَمْعِهِمْ وَعَلَىٰ أَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ[1]

[برابر آهي ته انهن کي ڊيڄارين يا نه ڊيڄارين، اهي ايمان نه آڻيندا. الله سندن دلين تي مهر هڻي ڇڏي ۽ سندن ڪنن ۽ اکين تي پردا آهن.]

البت هڪڙو گروهه، جنهن تي الله تعالي جي ڪرم جي نظر هوندي آهي ۽ جنهن جي دل ۾ الله تعالي جي الفت ۽ انسيت جو اثر موجود هوندو آهي. جيتوڻيڪ انهيءَ گروهه جي ماڻهن کي پاڻ به اها ڳالهه معلوم نه هوندي آهي، پر جيئن نبي ڪريم ﷺ جن، انهن جي باري ۾ خبر ڏني آهي ته، جيڪي روح، عالم ارواح ۾ پاڻ ۾ ملندا آهن دنيا ۾ به انهن ۾

(1) سورة البقرة آيت: ٦-٧

www.maktabah.org

لاڳاپو قائم ٿيندو آهي ۽ هڪ ٻئي کي هتي ٻه سڃاڻيندا آهن. سڃائي جي انهيءَ اثر هيٺ، اهي حق ڳالهه کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار هوندا آهن. حق ۽ حقيقت جي تصديق ڪندا ۽ ايمان آڻيندا آهن. ڪي ٻانها اهڙا هوندا آهن، جن جا حجاب، الله تعاليٰ از خود هٽائي ڇڏيندو آهي ته جيئن اهي سمورا جسماني ۽ روحاني مقام، جيڪي عبور ڪري آيا آهن، انهن کي ڏسن وائسن. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته، جڏهن روح جو جسم سان تعلق قائم ٿيندو آهي. ان وقت ڪن کي ويسر کان محفوظ رکيو ويندو آهي ته جيئن، الله تعاليٰ جي قدرت جو اظهار ۽ ان جي حجت جو اثبات ٿئي. پهريون مقام يعني عالم ارواح ۽ جيڪو تعلق ان جو سموري مخلوق جي روحن سان هوندو آهي، انهن وٽان گذري انديا ۾ ايندا آهن.

ڪي ٻانها اهڙا هوندا آهن، جن جا حجاب الله تعاليٰ ازخود هٽائي ڇڏيندو آهي ته جيئن اهي سمورا جسماني ۽ روحاني مقام، جيڪي عبور ڪري آيا آهن، انهن کي وري ڏسن، وائسن. ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته جڏهن، روح جو جسم سان تعلق قائم ٿيندو آهي، ان وقت ڪن کي ويسر ۽ غفلت کان پري رکيو ويندو آهي ته جيئن الله تعاليٰ جي قدرت ظاهر ۽ سندس حجت ثابت ٿئي. سندس پهرئين مقام يعني عالم ارواح ۾ سموري مخلوق جي روحن سان جيڪو تعلق هوندو آهي، انهن وٽان گذري، پوءِ ماءُ ۽ پيءُ جي صلب يا تخم ۾ ايندو آهي ۽ انهن جي واسطي سان هن جهان ۾ ايندو آهي. اهي سڀ ڳالهيون يا مرحلا، ڪيس دل ۾ ياد هوندا آهن. جيئن شيخ محمد ڪوفي، شيخ علي مؤذن جي باري ۾ فرمائي ٿو ته مون کي اها ڳالهه هينئر به ياد آهي ته جڏهن مون کي، الله تعاليٰ جي قربت کان پري هن عالم سُفلي ڏانهن آندو ٿي ويو ته آسمان جي فرشتن کي، مون تي رئڻ آيو ۽ اهي افسوس ڪرڻ لڳا ته هن ويچاري کي مقام قرب کان، مقام بعد ڏانهن پري موڪليو وڃي ٿو اعليٰ مقام کان، اسفل مقام ڏانهن روانو ڪيو وڃي ٿو عزت جي مقام تان لاهي دنيا جي قيدخاني ڏانهن منتقل ڪيو وڃي ٿو. اهڙي موقعي تي الله تعاليٰ جي طرفان کين خطاب ٿيندو آهي ته، هن روح کي دنيا ۾ هن ڪري نٿو موڪليو وڃي جو ان کي خوار ڪرڻ مطلوب آهي. مون کي پنهنجي شان

www.maktabah.org

خداوندي جو قسم آهي، جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي پوري عمر هن دنيا ۾ گذاري ۽ ان دوران هڪ پيرو به ڪوهه مان پاڻي جو دلو پري، ان مان پاڻي جو پيالو پري، ڪنهن پوڙهي عورت جي مدد ڪري ته اها ڳالهه، هن کان بهتر آهي ته ان شخص جو روح حظيره قدسيءَ ۾ رهي عبادت ۾ مشغول رهي. (اي فرشتؤ!) توهان سيني جو حال هي آهي ته:

كُلُّ حِزْبٍۭ بِمَا لَدَيْهِمْ فَرِحُوْنَ ﴿٣٢﴾ (1)

[هر گروه پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ خوش آهي.]

منهنجي خدائي ڪمن کي، منهنجي لاءِ ئي چڏي ڏيو چاڪاڻ ته:

اِنِّيْٓ اَعْلَمُ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٠﴾ (2)

[بيشڪ جيڪي آءُ ڄاڻان ٿو ان کي توهان نٿا ڄاڻو.]

پڙ هڪ پيري هن فقير جي پير مرشد قدس الله سره جن فرمايو ته، جڏهن روز ازل ۾ الله جل جلاله جي بارگاه اقدس ۾ روح صفون ٻڌي بيٺا هئا ته پهرئين صف ۾ نبين سڳورن عليهم السلام ۽ خاص الخاص ولين جا روح هئا. هر هڪ نبي سڳوري جي پرسان يا پويان هڪ ولي جو روح بيٺل هو. پڙ اها وضاحت فرمايائون ته، فلاڻي ولي جو روح فلاڻي نبي جي پاسي ۾ هو. خير، جڏهن الله تعالي آواز ڏئي پڇيو ته اَلَسْتُ بِرَبِّكُمْ ڇا آءُ توهان جو رب نه آهيان؟ ان وقت، امام غزالي رح جو روح مٿان هيٺ لهي آيو. ڪن روحن جواب ڏنو ته هائو! تون اسان جو رب آهين ۽ ڪي خاموش هئا. ان دوران امام غزالي جي روح هن فقير جي روح کان پڇيو ته آءُ به هائو چوان يا نه چوان؟ هن فقير چيو ته ضرور هائو چئو غرض ته الله جي ولين مان ڪن کي ان موقعي کان اڳ ۽ پوءِ جون ڳالهيون ياد هونديون آهن ۽ ظاهري وجود ۾ اچڻ کان پوءِ به ياد رهنديون آهن. جيئن هن فقير جي پيردستگير هن ظاهري جهان ۾ اچڻ کان پوءِ به، مثال طور ڪن ماڻهن جا احوال بيان فرمائيندو هو جن جي سچائي جي باري ۾ دل ۾ ڪو شڪ شبهو نه آهي، چاڪاڻ ته الله تعالي، انسان کي ڪمال جي مرتبي تي پهچڻ کان پوءِ، ڪرامت سان هر

(1) سورة الروم آيت:32

(2) سورة البقرة آيت ٣٠

www.maktabah.org

قسم جي عمل دخل جو شرف عطا فرمائي ٿو.

غزل

اشرف الاشهاد انسان آمد
نويد عالم همه ايشان شدند
مركز پركار دوران آمد
آنكه زنده عالم و اشرف دوكون
از خلائق جمله انسان آمد
اولياءَ الله را به نگر كه چون
بر آدمي ظل سبحان آمد
زان كه سايهء مهر حق بر فرق اوست
در دو عالم بين كه انسان آمده
كاملان اين جهان و آن جهان
واقفان اين و آن هم آمد
مرشد و داعي دليل و راهنما
توشه و همراه و برهان آمد
غوث و قطب و عارف و معروف هم
در جهان بہ نگر كه انسان در آمد
با صفات اربعه كه موصوفست
و بس از تمام خلق انسان آمد
مطلع ملكوتيت اگر دارد اطلاع وهم
وقوف برصفات و ذات حق انسان آمد
مطلع ملكوت وجبروت است
ملک هم بر لاهوت انسان آمد
از عنايت حق تو "فقيري" را نگر
در جهان هم جنس انسان آمد

[سڀ كان وڏي شرف وارو شاهدي ڏيندڙ انسان دنيا ۾ آيو. جنهن جي خوشخبري جو اعلان سيني جهانن ۾ ٿيو. زماني جي دائري جو

www.maktabah.org

مرڪزي ڪردار اچي ويو. مرحبا جا نعرا لڳي ويا ته ٻنهي جهانن جي مخلوق ۾ سڀ کان وڏيڪ علم ۽ وڏيڪ شرف وارو انسان اچي ويو آهي. الله جي ولين کي ڏس! جڏ ته ماڻهن تي الله جو پاڇو اچي ويو. ٻنهي جهانن ۾ هِن جهان يعني دنيا ۽ انهيءَ جهان يعني آخرت ۾ سڀ کان ڪامل و اڪمل ۽ اُنهن يعني دنيا وارن ۽ هِنن يعني فرشتن ۽ سڀني جو واقف ڪار انسان اچي ويو. اهو انسان، جيڪو مرشد به آهي، داعي به آهي، حُجت ۽ رهبر به آهي (سفر آخرت جو) سامان به آهي ته ساڻي ۽ رهبر به آهي، سو اچي ويو. غوث ۽ قطب به آهي ۽ عارف ۽ معروف به. هن جهان ۾ ڏس ته انسان اچي ويو. سندس چار صفتون آهن (جيڪي ٻين ۾ نه آهن) بس! ائين سمجهه ته سموري مخلوق کان افضل ۽ اشرف يعني انسان اچي ويو. جيڪڏهن مَلَڪوتي جهان کان آگاه آهي ته، الله تعالي جي صفتن ۽ ذات جو علم به رکي ٿو. جيڪڏهن عالم مَلَڪوت ۽ عالم جبروت کان آگاه آهي ته، عالم مَلَڪوتي ۽ عالم لاهوتي کان به با خبر انسان اچي ويو. جيڪڏهن توهان کي حق تعالي جي عنايت حاصل آهي ته هن فقير کي ڏس! هن دنيا ۾ انسان جو هم جنس اچي ويو.]

جيئن ته نفس جي معرفت حق تعالي جي معرفت جي چابي آهي. تنهن ڪري ان نفس کي سڃاڻڻ گهرجي ته جيئن الله تعالي جي شناخت ٿئي. نفس کي سڃاڻڻ جو مطلب اهو نه آهي ته، انسان جا هٿ پير، مٿو، اکيون، ڪن، نڪ وات، زبان، ڪائڻ پيئڻ، خواهش نفساني، ڪاروبار ۽ معمولات سرانجام ڏيڻ جي ڄاڻ حاصل ڪجي، بلڪ حڪم آهي ته:

مَنْ عَرَفَ نَفْسَهٗ (1) بِالْعِجْزِ وَالْفَنَاءِ فَقَدْ عَرَفَ رَبَّهٗ بِالْقُدْرَةِ وَالْبَقَاءِ

(1) صوفي صاحبن جي ڪتابن ۾ هن قول کي اڪثر ڏهرايو ويو ۽ ان کي حديث ياور ڪرايو ويو آهي. جيئن هن ڪتاب ۾ به آهي. اسان بيان ڪري چڪا آهيون ته سَنَدَ ۽ حوالي سان اصل کان اها حديث ثابت ٿئي نه آهي، بلڪ عام شخص جو قول آهي، جنهن جي ناجائز نسبت الله جي رسول پاڪ ﷺ ڏانهن ڪئي وئي آهي. هتي ان جي علمي تحقيق پيش ڪريون ٿا: تفسير بغوي ص ۱۱۷ ج ۱ ۾ بغير سند جي اهو قول ذڪر ڪري، هڪ اسرائيلي روايت تائيد ۾ آڻي ٿو ته الله تعالي داؤد عليه السلام ڏانهن وحي ڪئي ته "پاڻ کي سڃاڻ ته مون کي سڃاڻندين." عرض ڪيائين ته يا رب پاڻ کي

www.maktabah.org

[جنهن پنهنجي نفس کي عاجزي ۽ قناعت سان سڃاتو ان پنهنجي رب کي قدرت ۽ بقا سان سڃاتو.]

يعني انسان، پنهنجي وجود ۽ قدرت کي ڪجهه به نه سمجهي. ڇاڪاڻ ته سندس وجود ۽ قدرت، الله رب العزة واجب الوجود جي قدرت ۽ حڪم سان آهي ۽ سندس حڪم سان رهندو. اهڙي طرح انسان جو قول، فعل ، حرڪت يعني چرپر، ساڪن رهڻ، جسم، جان، جند، بلڪ هر شيءِ الله تعالي جي پيدا ڪيل آهي. جيئن سوره الصافات آيت ۹۶ ۾ ارشاد فرمائي ٿو: وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ(۽ الله تعالي توهان کي به پيدا ڪيو ۽ جيڪي ڪم توهان ڪريو تا انهن کي به پيدا ڪيو آهي.)

پڻ فرمائي ٿو:

سَنُرِيْهِمْ اٰيٰتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيْٓ اَنْفُسِهِمْ حَتّٰى يَتَبَيَّنَ لَهُمْ اَنَّهُ الْحَقُّ (1)

[سگهوئي کين جهانن ۾ ۽ سندن نفسن ۾ به پنهنجون نشانيون ڏيکارينداسون، تانجو انهن لاءِ ظاهر ٿئي ته الله ئي حق آهي.]

ٻئي هنڌ آهي ته:

اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ (1)

ڪيئن سڃاڻان؟ فرمايائين، ته "پاڻ کي عاجزي، ضعيفي، فنا سان ۽ مون کي قوت، قدرت ۽ بقا سان سڃاڻ." پر ان قول جو ماخذ ۽ حوالو بيان نٿو ڪري. تفسير ابي السعود ۾ ص ۱۷۵ ج ۹ ۾ اهو قول بغير حوالي جي آهي. تفسير ثعالبيءَ ص ۲۸۷ ج۴ ۾ بغير سند جي بيان ڪري تائيد ۾ علي بن ابي طالب رضي الله عنه جو قول آڻي ٿو ته: اعرف نفسک تعرف ربک ۽ من لم يعرف نفسه لم يعرف ربه، پر ان جو ماخذ به بيان نٿو ڪري. بيضاوي ص ۳۵۶ ج ۱ ۾ اها روايت "قيل" سان آهي. يعني خبر نه آهي ته ڪنهن جو قول آهي؟ ابن تيميه فرمائي ٿو ته اها نبي ﷺ جن جي حديث نه آهي: (فتاوي ابن تيميه في التفسير ص ۳۴۹ ج ۱۶) تفسير روح المعاني ص ۱۶۴ ج ۱۵ ۾ ان کي "قيل" سان بيان ڪري ٿو. يعني "چيو ويو آهي" پر چوندڙ ڪير آهي؟ جواب نداردا!! ص ۷۹ ج ۱ ۾ بغير حوالي جي بيان ڪري ٿو. ص ۱۷۵ ج ۳۰ ۾ آهي ته اهو يحي بن معاذ رازيءَ جو قول آهي. ماٿهو پائڻين تا ته حديث آهي. پر ثابت نه آهي. جيئن نووي چوي ٿو. ساڳيو مفسر ص ۱۲۴ ج ۲۱ ۾ فرمائي ٿو ته اهو ابوبڪر رازيءَ جو ڪلام آهي.

(1) سوره فصلت آيت: ۵۳

(1) سوره فصلت آيت ۵۳

www.maktabah.org

[چا تنهنجي رب جي باري ۾ اها ڳالهه ڪافي نه آهي، ته اهو هر شيءِ کي ڏسندڙ آهي.]

أَلَآ إِنَّهُمْ فِي مِرْيَةٍ مِّن لِّقَآءِ رَبِّهِمْ (2)

[ٻڌو! اهي پنهنجي رب جي ملاقات جي باري ۾ شڪ ۾ آهن.]

أَلَآ إِنَّهُۥ بِكُلِّ شَيْءٍ مُّحِيطٌ ﴿٥٤﴾ (3)

[ٻڌو! انهيءَ الله هر شيءِ کي گهيري ۾ ورتو آهي.]

اي عزيز! ڄاڻ ته انسان جي اندر ڏهه حواس آهن، پنج ظاهري، پنج باطني. ظاهري حواس هي آهن: ٻڌڻ، ڏسڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ. باطني حواس هي آهن: خيال، وهم، فڪر، ياد رکڻ، مٽي، هوا، ٻاهه. انسانن جون چار طبيعتون هي آهن. رطوبت (تري)، يبوست (خشڪي)، برودت (ٺڏاڻ)، حرارت (گرمي)، انسان ۾ اندر چار جوهر هي آهن: روح، عشق، عقل نفس. انسان فانوسي وانگر آهي، جنهن ۾ روشني هجي ۽ روح نباتاتي جگر ۾ شيشي وانگر آهي ۽ روح حيواني دل ۾ ڪپڙي جي وٽ وانگر آهي، جيڪا تيل ۾ هوندي آهي ۽ جنهن سان ڏيئو ٻرندو آهي. پڙ روح دماغ ۾ تيل وانگر آهي. الله تعالي فرمائي ٿو:

ٱللَّهُ نُورُ ٱلسَّمَٰوَٰتِ وَٱلْأَرْضِ ۚ مَثَلُ نُورِهِۦ كَمِشْكَوٰةٍ فِيهَا مِصْبَاحٌ ۖ ٱلْمِصْبَاحُ فِى زُجَاجَةٍ ۖ ٱلزُّجَاجَةُ كَأَنَّهَا كَوْكَبٌ دُرِّىٌّ يُوقَدُ مِن شَجَرَةٍ مُّبَٰرَكَةٍ زَيْتُونَةٍ لَّا شَرْقِيَّةٍ وَلَا غَرْبِيَّةٍ يَكَادُ زَيْتُهَا يُضِىٓءُ وَلَوْ لَمْ تَمْسَسْهُ نَارٌ ۚ نُّورٌ عَلَىٰ نُورٍ ۗ يَهْدِى ٱللَّهُ لِنُورِهِۦ مَن يَشَآءُ ۚ وَيَضْرِبُ ٱللَّهُ ٱلْأَمْثَالَ لِلنَّاسِ ۗ وَٱللَّهُ بِكُلِّ شَىْءٍ عَلِيمٌ ﴿٣٥﴾ (4)

[الله، آسمان ۽ زمين جو نور آهي، سندس نور جو مثال انهيءَ فانوسي وانگر آهي، جنهن ۾ ڏيئو هُجي، ڏيئو شيشي ۾ هجي، شيشو جڙ ته روشن ستارو آهي، جنهن کي زيتون جي مبارڪ وڻ جي تيل سان ٻاريو وڃي جيڪو نه ايرندي پاسي هجي، نه الهندي پاسي. ويجهو آهي ته ان جو تيل ٻري، توڻي کٽي ان کي باه به نه ڏجي. نور جي مثان نور آهي، الله جنهن

(2) سوره فصلت آيت: ۵۴
(3) سوره فصلت آيت: ۵۴
(4) سورة النور آيت ۳۵

www.maktabah.org

کي گهري ٿو. نور واري وات وٺائي ٿو. (الله ماٺهن لاءِ) مثال بيان ڪري ٿو ۽ الله هر شيءِ جو علم رکندڙ آهي.]

يعني الله تعالي آسمانن ۽ زمينن جو حق آهي. ٻين لفظن ۾ الله ڪريم تي زمين ۽ آسمانن جي هر شيءِ ظاهر آهي، يا حضرت محمد ﷺ جن، جهانن جو ظهور آهن. اهي سڀ صفتون انسان ۾ جمع آهن. جنهن ڄاتو تنهن ڄاتو ۽ ان کان سواءِ انساني جسم ۾ ڪي ظاهري ڇڳايون آهن، مثلاً هٿ، پير، مٿو، اکيون، ڪن، نڪ، وات، زبان ۽ ڪي ڇڳايون منجهس باطني آهن. مثلاً دل، دماغ، جگر، گردا، معدو، آنڊا، رڳون، هڏيون وغيره، اهي سڀ شيون الله تعالي، حڪيم، خبير جي حڪمت کان خالي نه آهن. فعل الحڪيم لا يخلو عن الحڪمة (داناءُ جو ڪم حڪمت کان خالي نه هوندو آهي) اهي سڀ شيون انسان جي فائدي، آسائش ۽ آرام لاءِ آهن. انهن جي مجموعي کي "نفس مربوب" به چوندا آهن. يعني پالڻ نفس. جيڪو ڪاڏو انسان ڪائيندو آهي، ان جون ٽي سو سٺ صفتون آهن. جڏهن ڪاڏو تنهنجي سامهون ايندو آهي ته پهريائين تنهنجي دل ۾ ان جي رغبت پيدا ٿيندي آهي ته ڪاڏو ڪاءِ. جڏهن ڪاڏو معدي ۾ پهچندو آهي ته اتان دل ۾، اتان دماغ ۾، ان جو اثر پهچندو آهي. دماغ مان رڳن ۾ ۽ رڳن مان طاقت ۽ قوت ملندي آهي، پوءِ انسان حرڪت ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح انساني جسم جو هر حصو ڪاڏي ۾ شريڪ ٿيندو آهي. هٿن سان ماني پورا پورا ڪري وات ۾ وجهندو آهي. ڏند، گرهه کي چٻاڙيندا آهن، زبان ان کي نڙي کان هيٺ پهچائيندي آهي، اهو گرهه لعاب سميت معدي ۾ ويندو آهي، اتان جگر تائين غذا پهچندي آهي، جنهن ۾ ڪجهه غذا مان ڳاڙهي رنگ جي رت ٺهندي آهي. ماٺهو کي ان غذا جو سواد يا ٽيسٽ محسوس ٿيندو آهي. فالتو غذا آنڊن ۾ پهچندي آهي، جنهن جو رنگ ڪڪو هوندو آهي، جنهن کي "صفراءُ" چوندا آهن ۽ اهڙي طرح غذا هضم ٿي انساني بدن جو جزو ٿيندي آهي. جڏهن رت، جگر مان ٻاهر ايندي آهي ته سخت ۽ بغير قوام جي هوندي آهي، پوءِ گردو ان ۾ پاڻي ملائيندو آهي، جيئن رت، صفراءَ ۽ سوداءَ کان سواءِ جسم جي رڳن ۾ آساني سان پهچي. اهڙي ريت غذا ستن عضون مان گذري، انسان کي طاقت ۽ قوت ڏيندي

www.maktabah.org

آهي. انهن مان هڪ قوت باطني آهي، جيڪا مرد جي پٺي ۾ ۽ عورت جي سيني ۾، رت مان اڇي رنگ جو "ماده منويه" تيار ڪندي آهي. استعمال ٿيل غذا جو ردي حصو آنڊن جي رستي ٻاهر ايندو آهي تہ ان کي "ڪاڪوس" چوندا آهن ۽ خراب پاڻيائيون شيون انساني بدن مان پيشاب واري رستي ٻاهر ايندیون آهن تہ ان کي "پيشاب" چوندا آهن. اهي جملہ پنج قوتون آهن، يعني قوت جاذبه، قوت ماسڪه، قوت دافعه، قوت واقعه، قوت ناميه. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ ۾ ڪا خرابي ۽ بيماري پيدا ٿي پوندي تہ پوري انساني جسم ۾ خلل واقع ٿيندو.

انسان، عالم ڪبير آهي

ان کان سواءِ انسان عالم ڪبير آهي، يعني ڪائنات ۾ جيڪي ڪجهہ آهي اهي سڀ شيون انساني جسم ۾ موجود آهن، (جنهن کي نفس ۽ عالم صغير چوندا آهن.) مثلاً عرش جي جاءِ تي دل، ڪرسيءَ جي جاءِ تي دماغ، لوح محفوظ جي جاءِ تي روح، ملائڪن جي جاءِ تي قدرت جي قوت جاذبه ۽ آسمان جي جاءِ تي دماغ کان مٿانهون حصو آهي. آسمان جا ٽي سو ست درجا آهن، ساڳيءَ طرح ماڻهو جي اندر ۾ بہ ٽي سو ست جوڙ آهن. الله تعالي فرمائي ٿو:

لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ (1)

[ضرور هڪ درجي کان ٻئي درجي تي چڙهندين.]

اکيون، روح لاءِ دروازا آهن، ڪَن، گردن، ٻانهون، ٻُبيون، سينو دُن، خصيا، پيٽ، پنيون ۽ پير ستن ستارن (ڪَتي) ۽ ٽيڙوءَ جي جاءِ تي آهن. دل، سج وانگر آهي. جگر، مُشتري ستارو هٿ، چنڊ، گردو، زهره، زُحل، مريخ دماغ، عُطارد، جسم جو گوشت، زمين، هڏيون، جبل، رڳون، درياءَ، وجود، وٽ، حياءَ، بهار آهي. ڪُراڙپ جي ڪُپ خزان آهي. جواني گرميءَ جي موسم ۽ پيرسني، سرديءَ جي موسم آهي. ناراضگي ۽ غصو ديوانگي، جسم، نباتات، قلب، خزانو، روح، ڪاٺ، حياتي، حيوانيت، مُنهن، آبادي، پُٽي، برپٽ،

(1) سورة الانشقاق آيت: ١٩

www.maktabah.org

صدا آواز گجگوڙ اکيون، ڪنوڻ، روئڙ، ٻوڙ، پگهر ۽ مينهن وانگر آهي. انساني جسم ۾ ست پردا آهن، جيڪي ستن زمينن جي بجاءِ آهن. مغز جي متئين حصي ۾ ست عضوا آهن. جيڪي ستن آسمانن جي بجاءِ آهن. عقل دماغ ۾، حياءُ اکين ۾، سمجهڻ ۽ ٻڌڻ جي سگهه ڪنن ۾، ڏسڻ جي قوت اکين جي تارن ۾، ڳالهائڻ جي قوت زبان ۾، علم سيني ۾، فڪر دل ۾ آهي. جسم جي سلطنت جو بادشاه قلب آهي، جنهن جو وزير عقل آهي. سندس عملدار شهوت، ڪينو ۽ ڪاوڙ آهن. سمورا عضوا ان جي رعيت آهن. جيئن الله تعالي جي ذات حق آهي ۽ پوري ڪائنات تي ڇانيل آهي، تيئن روح پوري جسم تي ڇانيل آهي. الله تعالي فرمائي ٿو: وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ (۽ انهيءَ ۾ پنهنجو روح ڦوڪيان.)

اي عزيز! ڄاڻ ته اهي سڀ نعمتون ۽ صفتون جيڪي توکي الله تعالي عطا ڪيون آهن، سي سڀ تنهنجي لاءِ پيدا ڪيون ويون آهن. انهيءَ لحاظ سان روح ۽ نفس ۾ ڪو فرق نه آهي. مٿي بيان ٿي چڪو ته وڏو نفس، ننڍو جهان آهي ۽ ڪائنات عالم ڪبير يعني وڏو جهان آهي. پڙ ڄاڻڻ گهرجي ته ڪامل انسان جو نفس "عالم ڪبير" آهي. سهڻي سمجهه رکندڙ نفس ۾، مالڪ جي ماپڻ جي گنجائش آهي. جيئن فرمائي ٿو ته آءٌ نه پنهنجي زمين ۾ ماپان ٿون ۽ نه پنهنجن آسمانن ۾ ماپان ٿو، پر مون کي مؤمن ٻانهي جي دل، پنهنجي اندر ماپائي ٿي.

شريعت طريقت، حقيقت، معرفت، ملڪ، ملڪوت، جبروت، لاهوت، سڀ انساني جسم جي اندر آهن. جسم، انساني شريعت ۽ بادشاهي آهي. ان جي دل، ملڪوت ۽ طريقت آهي. جبروت ۽ حقيقت لاهوت آهي. معرفت، راز آهي. پوءِ پڪ ڄاڻ ته الله تعالي انسان کي پنهنجي عظيم بادشاهي جي قدرت عطا ڪئي ۽ هڪ جامع نسخو سندس حوالي فرمايو آهي، جنهن کي "نفس" چئجي ٿو. جيڪو نفس کي سڃاڻندو، اهو خدا تعالي کي سڃاڻندو جيئن حديث ۾ آهي ته جنهن پنهنجي نفس کي سڃاتو تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو.

اي منهنجا عزيز! ماڻهوءَ جي ظاهري جسم جي اندر جنهن کي "نفس" پڙ چيو وڃي ٿو، "غليظ نطفو" يعني ٻوس مادو رکيل آهي. اهڙي

www.maktabah.org

گهاڻي شيءِ ۽ منجهس ايتريون اڻ ڳڻيون صفتون ۽ نعمتون آهن. جن جو تصور به نه ٿو ڪري سگهجي. اهو ڪهڙي مقصد لاءِ آهي. ڪتان آيو آهي. ان جو اصل ۽ ان جي فرع يعني شاخ ڪهڙي آهي؟ ۽ ان جي شروعات ڪتان ٿي ۽ ان جو انجام ڪهڙو ٿيندو؟ جيڪڏهن اها شيءِ ازخود وجود ۾ آئي آهي ته خير آهي! پر جيڪڏهن ان جو حقيقي صانع ۽ خالق آهي ته پوءِ هر شخص تي ان جي معرفت حاصل ڪرڻ فرض آهي. ڄاڻڻ گهرجي ته ان جو اصل هي آهي. جيئن فرمايو ويو آهي ته:

وَكُنتُ كَنزًا مَّخْفِيًّا (1)

[۽ مان ڳجهو خزانو هيس.]

۽ ان جي شاخ هيءَ آهي:

إِنَّ اللَّهَ خَلَقَ آدَمَ عَلَىٰ صُورَتِهِ (2)

[بيشڪ الله تعالي آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي.]

انسان جي شروعات ۽ پڇاڙي انا لله و انا اليه راجعون آهي. يعني بيشڪ اسان الله جا آهيون ۽ الله ڏانهن موٽڻ وارا آهيون. (البقره آيت ١٥٦)

---

(1) ابجد العلوم ص ١٥٩ ج٢. التعريفات ص ٢١٨. التعاريف ص ٥٦٨ ج١. الاحكام للآمدي ص ٣١ ج ١. هن جي شرح ۾ ڪتاب نالي "شرح كنت كنزا مخفيا" شيخ بالي خليفه صوفيءَ لکيو. جنهن جو سن وفات ٩٥٠ع کان پوءِ جو آهي. (كشف الظنون ص ١٠٤٠ ج ٢) جڏهن ته عالمن جي بيان مطابق اها حديث باطل آهي. (تدريب الراوي ص ١٧٦ ج ٢) علامه سخاوي چوي ٿو ته حديث باطل آهي. (المصنوع ص ١٤١ ج١) علامه ابن تيميه چوي ٿو ته اها حديث نه ڪنهن صحيح سند سان ثابت آهي ۽ نه ڪنهن ضعيف سند سان. اهوئي قول زرڪشي. حافظ ابن حجر. سيوطي وغيره جو آهي. ملا علي قاري چوي ٿو ته معنوي لحاظ سان اها صحيح آهي. ڇاڪاڻ ته قرآن مجيد ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو ته مون انسانن ۽ جنن کي فقط پنهنجي بندگيءَ جي لاءِ پيدا ڪيو آهي ۽ ابن عباس رضي الله عنهما فرمائي ٿو ته يعني جيئن منهنجي سڃاڻپ ڪن. (كشف الخفا ص ١٧٣ ج ٢)

(2) حديث ثابت آهي: قرطبي ص ٢٠٠. ٣٩٢ ج ٥. ١١٤ ج ٢٠. ابن كثير ص ١٣ ج ٣- صحيح مسلم حديث: ٢٦١١. ٢٨٤١. بخاري حديث: ٥٨٧٣. ابن حبان ص ١٨ ج ١٣. احمد ص ٢٤٤ ج ٢. فتح الباري ص ١٨٣ ج ١٠٥ ص ٣٦٦ ج ٦.

www.maktabah.org

ان جو مقصد الله تعالي جي ذات ۽ سندس صفتن کي ظاهر ڪرڻ آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته نفس ۽ روح سڀ هڪ ئي وجود آهن ۽ هڪ کي ٻئي تي کو امتياز نه آهي. حضرت آدم عليٰ نبينا و عليه السلام جي دعا آهي ته:

رَبَّنَا ظَلَمْنَا أَنْفُسَنَا وَإِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُونَنَّ مِنَ الْخَاسِرِينَ ﴿٢٣﴾ (1)

[رب اسان جا! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو ۽ جيڪڏهن تون اسان جي مغفرت نه ڪندين ۽ اسان تي رحم نه ڪندين ته ضرور اسان نقصان وارن مان ٿيندا سون.]

"ظلم" مان مراد آهي گناه يا دنيا ۽ آخرت جي نعمتن جي هوس رکڻ، يا پاڻ ڏانهن ڪنهن قول، فعل، حرڪت، خيال، خطري جي نسبت ڪرڻ، يا بين کان ڏڃڻ ۽ خطرو رکڻ. مٿين آيت سڳوري جي معنيٰ مطابق "ظلم" ظاهري ڪفر آهي، نه ته بيان ٿي چڪو آهي ته ظلم جا ٻيا به قسم آهن.

جاڻڻ گهرجي ته ڪي حضرات جسم کي "نفس" چون ٿا ته ڪي دل جي منبع ۽ سرچشمي کي "نفس" چون ٿا. ڪي نباتاتي روح کي "نفس" چون ٿا ته ڪي حيواني روح کي "نفس" چون ٿا. ڪي رت کي "نفس" چون ٿا ته ڪي انهن سڀني شين جي مجموعي کي نفس چون ٿا. پڙ چيو ويو آهي ته عين جسم ئي نفس آهي ۽ ان جي باري ۾ (هڪ حديث) آهي ته:

أَعْدَىٰ عَدُوِّكَ نَفْسُكَ الَّتِي بَيْنَ جَنْبَيْكَ (2)

[بيشڪ تنهنجو بدترين دشمن اهو نفس آهي، جيڪو تنهنجي پنهي پاسيرين جي وچ ۾ آهي.]

ڪيترائي نبي سڳورا ۽ اولياءَ الله آهن، جن کي سندن نفس ستايو ۽ رڙايو آهي، تانجو سلطان الانبياءِ، حضرت محمد مصطفيٰ احمد

---

(1) سورة الاعراف آيت: ٢٣

(2) جامع العلوم والحكم ص ١٩٦ ج١، الزهد الكبير ص ١٥٧ ج ٢، شرح الزرقاني ص ٣٢٧ ج ٤، شرح سنن ابن ماجه ج ٢٠ ص ١، فيض القدير ص ٣٥٨ ج ٥، حلية الاولياء ص ٣٢٣ ج ١٠، كشف الخفاء ص ١٤٨ ج ١. اها حديث امام بيهقيءَ ضعيف سند سان بيان ڪئي آهي. جنهن جا شواهد موجود آهن. كشف الخفاء ص ٢٢٢ ج ٢).

www.maktabah.org

مجتبيٰ ﷺ جن کي فرمائڻو پيو تہ

يَالَيْتَ رَبُّ مُحَمَّدٍ لَمْ يَخْلُقْ نَفْسِيْ(1)

[اي ڪاش! محمد ﷺ جو رب، منهنجي نفس کي پيدا نہ ڪري ها.]

رسول الله ﷺ جن پنهنجين اڻ ڪٿ فضيلتن ۽ ڪمالن جي باوجود، پنهنجي نفس جي باري ۾ ائين ارشاد فرمايو آهي، جنهن مان سمجهه ۾ اچي ٿو تہ نفس جسم آهي، مگر نبين سڳورن، نفس جي چيره دستين جي خلاف فرياد ۽ نفرت ڪئي آهي، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ نبين جو نفس، جسم نہ آهي، چاڪاڻ تہ انهن جي ظاهر ۽ باطن ۾ خير ۽ پلائي کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ هوندي آهي. ان جو دليل هي آهي تہ الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفات کان سواءِ، نہ ڪنهن جون صفتون آهن ۽ نہ ڪنهن جي ذات آهي. اهو ئي سبب آهي تہ جڏهن الله تعالىٰ جي ذات هئي، تڏهن نہ ڪنهن جي ذات هئي ۽ نہ ڪنهن جو نفس هو. الله جيڪو عين مطلق آهي، انهيءَ سيني کي وجود عطا ڪري، پنهنجي قبضي جي قيدخاني ۾ آندو پوءِ ڪل، پنهنجي جزو ۾ نہ رهيو ۽ واجب الممڪن، يعني جنهن شيءِ جو وجود ۾ اچڻ ممڪن آهي، اهو حجاب ۾ محدود نہ رهيو ۽ نفس جو طعنو نہ ڏنائين.

بيت

از همان گنجم که مخفي بود در اسرار غيب
ليک از علت ظهور طعنه بهتان يافتم

[آءٌ انهيءَ خزاني مان آهيان، جيڪو غيب ۽ اسرار ۾ هو پر ظاهر ٿيڻ جي سبب ڪري، بهتان جو طعنو برداشت ڪيو اٿم.]

نفس ۽ ڪائنات بہ انهن شين مان آهن، جن جي باري ۾ فرمايو ويو آهي تہ پهريائين غير الله ڪان سواءِ ڪا شيءِ نہ هئي، تنهن ڪري نفس

---

(1) حديث جي ڪتابن ۾ اها حديث نٿي ملي. بلڪ سعد بن ابي وقاص رضي الله عنه موت جي تمنا ڪئي تہ ڪيس ڪيترا پيرا فرمايائون تہ اي سعد! ڇا منهنجي موجودگيءَ ۾ موت جي تمنا ڪرين ٿو؟ (ابن ڪثير ص ۴۹۳ ج ۲، مجمع الزوائد ص ۲۰۳ ج ۱۰، احمد ص ۲۶۶ ج ۵، المعجم الڪبير ص ۲۱۷ ج ۸)

www.maktabah.org

هجي يا كائنات، ان جي كا شيءِ بہ الله كان سواءِ كجهہ نہ آهي.

بيت

نيک ديدم كه انفس و آفاق
نيست چيزي دگر بجز خلاف
واين آن گاه پرتو جلوه گر آيد
درظاهر شود نقطه ذات نهاني

[بلكل ٹيک ڏٺم تہ نفس ۽ آفاق هڪ ٻئي كان جدا شيون نہ آهن، پر هڪ شيءِ آهي، فقط ظاهري اختلاف نظر اچي ٿو. جڏهن ڪجهہ جو اولڙو يا جلوو ظاهر ٿيندو آهي تہ لِكل ذات جو نُكتو يعني ان جي اصل حقيقت سامهون اچي ويندي آهي.]

بس جيكو ذات جي نُكتي كي لهندو تنهن جو نفس عين روح ٿي ويندو. ان وقت سندس روح فقط (الله جي) ذات آهي ۽ اهو (الله) مخلوق نہ آهي. ذات جو اهو نُكتو محبت جي كمال كان سواءِ سمجهہ ۾ نہ ايندو ۽ محبت جو كمال محبوبيت آهي ۽ حقيقت جو حاصل ڪرڻ محبت آهي. جنهن جو دارومدار نفس جي دشمني تي آهي. نفس جي دشمني جي نشاني سندس خواهشن جي مخالفت ڪرڻ آهي ۽ نفس جي مخالفت جي تكميل هكدم حاصل نہ ٿيندي، بلڪ اهو درجو آهستي آهستي نصيب ٿيندو آهي. غرض تہ جيكو شخص انهيءَ ذات جي نُكتي كي لهندو ان جو نفس، عين ذات ٿي ويندو باوجود هن حقيقت جي تہ سندس نفس جون صفتون روح ۾ تبديل ٿين ٿيون. هن معنيٰ ۾ تہ جيتوٽيڪ سندس صورت حيوانن وانگر ۽ سندس مقصد نفسن ۽ ڪائنات جي صورت ۾ آهي، ليكن اهو بہ الله جي ذات كان سواءِ كجهہ نہ آهي ۽ انسان ۾ انهي خالق اكبر جي ظهور جي صورت آهي. بلڪ سموري ڪائنات، سندس مظهر آهي.

اي سمجهدارعزيز! ڄاڻ تہ نفس، جسم، دل ۽ روح سيني شين جو خالق ۽ ناهيندڙ الله تعالىٰ جل جلاله جي ذات اقدس آهي ۽ سيني جو تت ۽ خلاصو آهي:

www.maktabah.org

إِنَّا لِلَّهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ ﴿١٥٦﴾[1]

[بيشڪ اسان الله لاءِ آهيون ۽ اسان کي الله ڏانهن موٽڻو آهي.]

ڇاڪاڻ ته هر شيءِ کي جوڙيندڙ الله جل جلاله آهي ۽ هر هڪ شيءِ انهيءَ ڏانهن ئي موٽي ٿي. جيئن ڏٺي سڳوري ارشاد فرمائي ٿو:

وَأَنَّ إِلَىٰ رَبِّكَ الْمُنتَهَىٰ ﴿٤٢﴾[2]

[۽ هر شيءِ جو تنهنجي رب ڏانهن موٽڻ آهي.]

ان جي هڪ ٻي معنيٰ به آهي، يعني شروعاتي مريد، آخرڪار پنهنجي آخري درجي تي پهچندو آهي. جيئن الله تعاليٰ انسان کي ماءُ جي پيٽ مان خلقي، صورت عطا ڪري ۽ منجهس روح ڦوڪي. ڪامل انسان جي صورت ۾ ٻاهر ڪيي ٿو.

فقير جي غايت ۽ انتها هيءَ آهي ته ٻانهو فقط الله تعاليٰ جي محتاجي ڪيي ۽ الله تي توڪل جي انتها، سندس هي يقيني علم آهي ته سندس حفاظت ۽ پالنا ڪندڙ فقط الله تعاليٰ آهي. ٻانهي جي انتهائي ڪمزوري ۽ عاجزي، لاچاري، ذلت ۽ بيوسيءَ جي حالت آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ مقام تي پهچڻ کان اڳ انسان ۾ ساڙ حسد، خودپسندي، حرص ۽ هوس جهڙيون بيڇڙيون صفتون موجود هونديون آهن، پر جيڪو شخص عارف بالله هوندو آهي، ان جي هر وقت هيءَ حالت هوندي آهي ته پاڻ کي رڳو الله جو محتاج سمجهندو آهي. عام ۽ خاص ماڻهن مان ڪنهن به شخص کي، نفس مان فائدو نڪو پهچي سگهي، ڇاڪاڻ ته پاڪ پيغمبرن ۽ ڪامل ولين کي به نفس جي شرارتن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. (جيئن يوسف عليه السلام جو قول، قرآن مجيد بيان ڪري ٿو ته: آءٌ پنهنجي نفس کي پاڪ نڪو چوان، بيشڪ نفس برائي جو حڪم ڪندڙ آهي. سواءِ ان جي، جنهن تي الله رحم ڪري.) پر بهرحال الله تعاليٰ هر شيءِ تي غالب آهي، جيئن فرمائي ٿو ته:

---

(1) سورة البقرة آيت: ١٥٦

(2) سوره نجم: ٤٢

www.maktabah.org

وَاللّٰهُ غَالِبٌ عَلٰٓى اَمْرِهٖ[1]

[۽ الله پنهنجي معاملي تي غالب آهي.]

جيڪي ماڻهو اسرارن ۽ رازن کان واقف آهن، اهي نفس جي شر کي دفع ڪرڻ لاءِ سدائين پاڻ پتوڙيندا رهندا آهن، ڇاڪاڻ ته اها ئي دانائي جي نشاني آهي. الله تعالي پنهنجي حڪمت ۽ دانائي جي ڪمال سان سچي ۽ ڪوڙي انسان کي نفس ۽ خواهشن جي ذريعي پرکيندو ۽ جدا ڪندو آهي. ارشاد فرمائي ٿو:

لِيَمِيزَ اللّٰهُ الْخَبِيْثَ مِنَ الطَّيِّبِ[2]

[ته جيئن الله تعالي پاڪ شيءِ کي خراب شيءِ کان جدا ڪري.]

سچو انسان، سدائين شوق جي باه ۽ نفس جي شرارت جي حرارت ۾ سڙندو ڳرندو آهي. ڪوڙو انسان، نفس ۽ خواهش کي پنهنجو معبود ۽ مقصود سمجهندو رهندو آهي ۽ دوکي ۾ رهندو آهي. سچو انسان، هر گهڙي نفس جي شر جا زهريلا پيالا پيئندو رهندو آهي ۽ ڪوڙو انسان، هر گهڙي نفس جي غفلت ۽ خوشي جي شراب جا پيالا پيئندو آهي. سچو انسان هر گهڙيءَ نفس جي شرارت کان الله ڏانهن پڃندو آهي. ڪوڙو انسان نفس جي عيش عشرت ۽ لذت ۾ غرق رهندو آهي. نبي ﷺ جن فرمايو آهي ته:

اِنَّ اللّٰهَ عَزَّوَ جَلَّ لَا يَنْظُرُ اِلٰى صُوَرِكُمْ وَلٰكِنْ يَنْظُرُ اِلٰى قُلُوْبِكُمْ وَ اَعْمَالِكُمْ[3]

[بيشڪ الله تعالي توهان جي صورتن ۽ توهان جي مالن ڏانهن نٿو نهاري، پر توهان جي قلبن ۽ عملن ڏانهن نهاري ٿو.]

عالمن سڳورن، (الله تعالي انهن کي وڏائي ۽ ترقي ونائي،) هن

---

(1) سوره يوسف: آيت:٢١

(2) سورة الانفال آيت: ٣٧

(3) مسلم حديث: ٤٦٥١- احمد قرطبي ص ٣٢٦ ج ١٦- ابن كثير ص ٢٢٩ ج ١، ابن حبان حديث: ٢٩٤- شعب الايمان حديث: ١٠٤٧٧، فيض القدير ص ١٠٦ ج ١، حلية الاولياء ص ٩٨ ج ٤، نوادر الاصول ص ٩٥ ج ٤.

www.maktabah.org

حديث جي شرح هن طرح ڪئي آهي ته دل ڏينهن رات ۾ ٽي سو ست ڀيرا نفس جي ظلم ۽ تعدي کان بارگاه الهي ۾ روئندي رڙندي رهندي آهي ۽ الله تعالي ايترا ئي ڀيرا ان دل ڏانهن ڪرم جي نگاه ڪندو آهي، جنهن جي ڪري ان کي تسلي ۽ تشفي نصيب ٿيندي آهي، جيئن نبي سائين ﷺ جن فرمايو آهي ته :

إِنَّ اللهَ يَنْظُرُ فِيْ كُلِّ يَوْمٍ وَلَيْلَةٍ ثَلَاثَ مِائَةَ وَسِتِّيْنَ نَظْرَةً فِيْ قَلْبِ كُلِّ مُؤْمِنٍ وَ مُؤْمِنَةٍ

[بيشڪ الله تعالي هر ڏينهن رات ۾، ٽي سو ست ڀيرا هر مؤمن مرد ۽ عورت جي دل ڏانهن نهاريندو آهي.]

اي منهنجا عزيز! الله تعالي جون اهي ڪرم واريون سموريون نظرون نفس جي ڪري آهن، پوءِ سندس مهربانين جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي. غرض ته حق تعالي جي طرفان جيڪا به شيءِ پيدا ڪئي وئي آهي، سا بلڪل برحق آهي. چاهي نفس هجي، چاهي دل هجي، چاهي روح هجي، سڀ خدا تعالي جا خلقيل آهن ۽ فرمايو ويو آهي ته داناءَ جو ڪو ڪم حڪمت کان خالي نه هوندو آهي. تنهن ڪري اهي سڀ شيون بالڪل برحق آهن.

بيت

هرچه حق كرده آن همه حق است
كرده حق را مگو كه ناحق است

[جيڪو ڪم حق تعالي ڪيو آهي، سو سڀ برحق آهي، حق تعالي جي ڪم کي ناحق نه چؤ.]

اي سمجهدار عزيز! جنهن کي حقيقت جي نعمت ۽ دولت حاصل آهي، اهي سيني شين کي حق جي اک سان ڏسن ٿا. پنهنجي نفس کان گذري سمورا جهان عبور ڪندا آهن ۽ سمورن جهانن کان ٻاهر، پنهنجي مراد کي چڏي، دوست جي مراد کي حاصل ڪري آرام حاصل ڪندا آهن ۽ ٻنهي جهانن جي نعمتن ۽ پنهنجي دوست جي وصال جي نعمت سان ڪامياب ٿيندا آهن، چاڪاڻ ته الله جي محبت حاصل ٿيڻ کان پوءِ نه ڪا وحشت باقي رهندي آهي ۽ نڪي غير الله جي موجودگي ۾ ڪا

www.maktabah.org

راحت لپندي آهي. چيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن شخص کي سموري ڪائنات جي خزانن جون چابيون ڏجن ۽ سندس لاءِ سڀ شيون مهيا ڪجن، پر حق تعالي کان مٿس حجابِ چڙهيل هجن ته سندس حياتي رنج، مصيبت ۽ عذاب سان گذرندي. خواجه سري سقطي چوي ٿو ته اي الله! مون کي هر شيءِ سان پلي عذاب ڏي، پر مون تي حجاب چاڙهي، مون کي عذاب نه ڏي. تانجو اکيون ۽ دل هڪ ٻئي کان جدا ٿين ته اهو به قبول آهي، پر تنهنجي جدائي قبول نه آهي.

الله جي ولين جي دلين ۾ بهشت ۽ دوزخ جي ڪا اهميت نه هوندي آهي ۽ نڪا ٻنهي جهانن جي نعمتن لاءِ سندن سيني ۾ جاءِ هوندي آهي. سندن هٿ، الله کان سواءِ هر شيءِ لاءِ تنگ هوندا آهن، چاڪاڻ ته اهي "لا انا ولا غيري" جي مقام تي هوندا آهن، يعني الله کان سواءِ، نه پنهنجي خبر هوندي اٽن ۽ نه غير جي. الله جي ٻاجهه ۽ فضل سان سندن دليون انهيءَ مقام تي هونديون آهن. جتان اهي پنهنجي وجود ۽ بين سيني شين کي هڪ ڏسندا آهن.

شعر

تا مهر رخت در دل من پرتو تو انداخت
خسرو خاور جان و دلم نور قمر روشن تر بساخت
بانوار منور از ظلمت زلفت که جهان بود شب تار رخت
جلوه گر آمد خورشيد صفت فلک چون نور ونو بهار است
بصد نور و انوار خورشيد جهان تاب جلالت که درخشيد
از ممکن شب غيب در دائره سايهء کون و مکان سايه انداخت
جهان کرد منور از مخزن اسرار که درپرده نهان بود بدان
هر چه ظهور است خود گنج عيان شد همه از خويشتن افراشت
چه عرض است، چه جوهر، انواع جواهر همه در بحر نهانند
وليکن عجب ست آنکه باحکمت خود قادر اين بحر نهان داشت
در اقسام جواهر گر عاشق مشتاق بيک ز نگاهش مي گردد مقتول
باز ازوست صد شوق جگر چون هدف انداخت
بااميد نه کرد تا داغ تو در کيسه "فقري" در مي کرد

www.maktabah.org

از غايت سامان آن دولت بسيار مرا مستغني ساخت .

[جڏهن تنهنجي رخ جي چنڊ منهنجي دل تي عڪس ۾ اولڙو وڌو تہ منهنجي دل ۾ جان جو سج چنڊ کان وڌيڪ روشن ٿي ويو. تنهنجي زلفن جي ڪاراڻ سبب جهان ۾ گهپ اونده هئي. پوءِ جڏهن غيب جي رات مان تنهنجي جلال جا جلوا ڪون ۾ مڪان تي ظاهر ٿيا تہ اهي سڀ روشن ۾ نوڀهار ٿي ويا. جهان کي نورانيت بخشيندڙ تنهنجي جلال جي نور سان سج جهڙيون سوين شيون منور آهن. تو. اسرارن جي ڳجهي خزاني مان جهان کي منور ڪري ڇڏيو. (اي انسان! پڪ) جاڻ تہ جيڪي ڪجهہ ظاهر آهي. سو انهيءَ (الله پاڪ) پنهنجي غيبي خزاني مان پاڻ ظاهر ڪيو آهي. ۽ عجب اهو آهي تہ قادر ڪريم پنهنجي حڪمت سبب انهيءَ سمنڊ کي ڳجهو رکيو آهي. جواهرن جي قسمن ۾ عاشق هجي يا مشتاق ۾ معشوق. سڀ هڪ نگاه (جي تير) سان قتل ٿين ٿا. ورِي ان کان پوءِ مقصد ماڻڻ لاءِ سيني ۾ سوين قسم جا شوق ۽ پيدا ٿين ٿا. (اي سالڪ!) ڪنهن ۾ ڪا بہ اميد نہ رک. جيئن تنهنجي فقيري جي گودڙي ۾ دنيا جو ڪو بہ داغ ڏبو نہ لڳي. مون کي فقيري جي جيڪا بي بها دولت حاصل آهي انهيءَ مون کي. سون. چانديءَ ۾ سيني شين جي دولت کان بي پرواه ۾ بيگانو ڪري ڇڏيو آهي.]

معرفت ۾ ان جا قسم

(اي سالڪ!) جاڻ تہ نفس جي معرفت. دراصل الله تعالي جي معرفت حاصل ڪرڻ جي لاءِ محبت جي هڪ نشاني آهي. الله تعالي سيني جهانن کي پنهنجي قدرت جي ظاهر ڪرڻ ۾ انسان کي پنهنجي معرفت جي حاصل ڪرڻ جي مقصد هيٺ پيدا فرمايو آهي. ان ڏس ۾ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْإِنْسَ إِلَّا لِيَعْبُدُونِ (1)

[۽ مون جنن ۽ انسانن کي فقط پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي.]

---

(1) سورة الذاريات آيت:٥٦

www.maktabah.org

يعني رڳو ڪين پنهنجي معرفت جي لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي. جيئن متي هي قول بيان ڪيو ويو ته الله تعالي فرمائي ٿو ته آءٌ ڳجهو خزانو هيس، پوءِ مون پسند ڪيو ته مون کي سڃاتو وڃي، تنهن ڪري مون مخلوق کي پيدا ڪيو ته جيئن آءٌ سڃاتو وڃان. ان کان سواءِ قرآن مجيد ۾ ٻئي هنڌ الله تعالي فرمائي ٿو:

وَمَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا لٰعِبِيْنَ ﴿٣٨﴾ (1)

[۽ اسان آسمانن، زمينن کي ۽ جيڪي ڪجهه منجهن آهي، انهن کي راند روند لاءِ يعني بيڪار پيدا نه ڪيو آهي.]

پڻ فرمائي ٿو:

اَفَحَسِبْتُمْ اَنَّمَا خَلَقْنٰكُمْ عَبَثًا وَّاَنَّكُمْ اِلَيْنَا لَا تُرْجَعُوْنَ ﴿١١٥﴾ (2)

[ڇا توهان گمان ڪريون ٿا ته اسان توهان کي اجايو پيدا ڪيو آهي ۽ توهان کي اسان ڏانهن موٽايو نه ويندؤ.]

ٻئي هنڌ پنهنجي حبيب لبيب حضرت محمد مصطفي ﷺ کي ارشاد فرمايو ويو آهي ته:

وَاعْبُدْ رَبَّكَ حَتّٰى يَاْتِيَكَ الْيَقِيْنُ ﴿٩٩﴾ (3)

[۽ پنهنجي رب جي عبادت ڪر، تانجو تو وٽ يقين يعني موت اچي.]

يعني جيستائين زنده آهين، انهيءَ وقت تائين الله تعالي جي عبادت ۾ مشغول رهه. هتي "عبادت" مان مراد حق تعالي جي معرفت آهي ۽ ان ۾ گهٽيون ڳالهيون آهن. جيئن ته الله پاڪ انسان کي پنهنجي معرفت لاءِ پيدا فرمايو آهي، تنهن ڪري انسان تي فرض عين آهي ته پاڻ کي سڃاڻي. تان ته کيس الله تعالي جي سڃاڻپ نصيب ٿئي ۽ معرفت جي دولت، دل سان حاصل ٿيندي آهي ڇاڪاڻ ته انساني دل اسرارن جو هڪ ڳجهو خزانو ۽ الله تعالي جي معرفت جو بهترين ذريعو آهي.

---

(1) سوره الدخان آيت:٣٨

(2) سورة المؤمنون آيت ١١٥

(3) سورة الحجر: آيت٩٩

www.maktabah.org

معرفت بن قسمن جي آهي: علمي ۽ حالي. علماءِ ۽ فقهاءِ (الله انهن کي وڏائي)، علم جي درستي کي معرفت چون ٿا ۽ الله پاڪ جي درگاه جا فقير حال جي درستي کي معرفت چون ٿا ۽ حال جي معرفت، علم جي معرفت کان افضل آهي.

شَمَّةُ الْمَعْرِفَةِ خَيْرٌ مِنْ كَثْرَةِ الْعِلْمِ

[معرفت جي بوءِ، علم جي گهٽائي کان چڱي آهي.]

پڙ چيو ويو آهي ته:

اَلْمَعْرِفَةُ هُوَ الْاِيْمَانُ وَالْاِيْقَانُ

[معرفت ئي ايمان ۽ يقين آهي.]

چاڪاڻ ته حال جي درستي، علم جي درستي کان سواءِ ٿيندي آهي، مگر علم جي درستي حال جي درستي کان سواءِ نه ٿيندي آهي. يعني جيڪو شخص الله تعالي کي نٿو ڄاڻي، اهو عارف نٿو ٿي سگهي، پر جيڪو حق جو عارف نه هجي، اهو عالم ٿي سگهي ٿو. جيڪو عارف ظاهري علم پڙهيل نه هجي، اهو عالم آهي، پر جيڪو عالم، معرفت حق جو بهرو نٿو رکي سو (اصل ۾) جاهل آهي، چاڪاڻ ته حق تعالي جي معرفت جو دارومدار عقل ۽ علم تي نه آهي. معرفت لاءِ اهي ٻئي علتون ۽ ٻئي سبب ضروري نه آهن. امام اعظم رح کان مروي آهي ته:

لَوْ لَمْ يَبْعَثِ اللهُ رُسُلًا لَوَجَبَ عَلَى الْعُقَلَاءِ الْاِسْتِدْلَالُ بِالْاٰيَاتِ عَلٰى مَعْرِفَةِ عُقُوْلِهِمْ

[جيڪڏهن الله تعالي رسولن کي نه ٻ موڪلي ها، تڏهن ٻ علقمندن تي واجب هو ته پنهنجن عقلن جي ذريعي الله تعالي جي نشانين مان سندس معرفت حاصل ڪن.]

ڄاڻڻ گهرجي ته گهٽا مؤمن، ظاهري علمن ۽ عقلمنديءَ ۾ ڪو بهرو نٿا رکن، پر معرفت جي علم ۾ وڌيون وڌيون موشگافيون ۽ وڏا وڏا بحث ڪندا آهن ۽ گهٽا ڪافر ۽ مؤمن اهڙا آهن، جيڪي ٻين علمن کان محروم آهن، پر پنهنجي عقلمندي ۽ سمجهداريءَ سبب اهڙا هوشيار آهن

www.maktabah.org

جو سندن بصيرت ۽ بصارت جو ڪو ڇيهه نه هوندو آهي. اهي ماڻهن جي سعادتمندي ۽ بدبختي جو حال معلوم ڪري ونندا آهن ۽ گهٽن واقعن جي واقع ٿيڻ کان اڳ ئي انهن جي ڄاڻ رکندا آهن. پر تڏهن به کين معرفت خدا جو ڀهرو نصيب نه هوندو آهي. جيئن شاعر چوي ٿو:

بيت

در معرفت خدا، براهمين حكيم چون جادها است، درچراگاه دواب
كه معرفت حق، موقوف بر كرم و فضل خدا است

[خدا تعالي جي معرفت ۾ فلسفين جا دليل جڙ ته جانورن جي جوءِ ۽ چرڻ جي جاءِ ڏانهن رستا آهن. ڇاڪاڻ ته حق تعالي جي معرفت حاصل ڪرڻ جو دارومدار سندس فضل ۽ باجهه تي آهي.]

ذٰلِكَ فَضْلُ اللّٰهِ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ (1)

[اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهي ٿو عطا ڪري ٿو.]

يعني ان جو سبب فقط الله تعالي جو فضل آهي.

بيت

مگر لطف توام دست بگيرد ورنه ـ كور دگر گنگ واقلا در چاه تو

[اها الله جي مهربان ذات توسان گڏ آهي. جيڪا تنهنجي دستگيري ڪري ٿي. نه ته انسان ڇا آهي؟ ڪو انڌو، ڪو گونگو، ڪو ٻوڙو آهي، جيڪو کوهه ۾ هجي.]

امير المؤمنين علي ڪرم الله وجهه کان معرفت جي باري ۾ پڇيو ويو. فرمايائين ته:

عَرَفْتُ اللّٰهَ بِاللّٰهِ وَعَرَفْتُ مَا دُوْنَ اللّٰهِ بِنُوْرِ اللّٰهِ (2)

---

(1) سورة المائدة آيت: ۵۴

(2) ان قول جو ماخذ معلوم نه ٿي سگهيو. البته بايزيد بسطامي رح جي حوالي سان ساڳيو قول حلية الاولياء ص ۳ ج ۱۰ ۾ آهي. فيض القدير ص ۱۸۱ ج ۶ ۾ آهي ته سيدنا ابوبڪر صديق رضه کان پڇيو ويو ته توهان پنهنجي رب کي ڪهڙي شيءِ سان سڃاتو؟ فرمايائين ته: عرفت ربي بربي (مون پنهنجي رب کي پنهنجي رب سان سڃاتو) علي ڪرم الله وجه کان پڇيو ويو ته توهان پنهنجي رب کي ڪيئن سڃاتو؟ فرمايائين ته

www.maktabah.org

[مون الله کي، الله سان ۾ غير الله کي، الله جي نور سان سجاتو.]

يعني پاڻ ائين نہ فرمايائون تہ مون الله کي پنهنجي علم جي وسيلي سجاتو. حالانڪ سندس باري ۾ نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

أَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَعَلِيٌّ بَابُهَا (1)

[آءٌ علم جو شهر آهيان ۽ علي ان جو دروازو آهي.]

الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَحَشَرْنَا عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾ (2)

[۽ جيڪڏهن اسان انهن ڏانهن فرشتا نازل ڪريون ها ۽ ساڻن مئا ٻہ ڳالهائين ها ۽ سندن سامهون هر شيءِ کي گڏ ڪريون ها، تڏهن بہ اهي ايمان نہ آڻين ها، مگر هي تہ الله تعالي گهري ۽ پر انهن مان گهڻا جهالت جون ڳالهيون ڪن ٿا.]

معلوم ٿيو تہ الله تعالي جي معرفت جو اصل سبب سندس مشيت ۽ رضامندي تي آهي، نڪي انسان جي علم تي ۽ نڪي سندس دانائي تي. هائو! اهل السنة والجماعة وٽ عقلمندي ۽ هوشمندي، معرفت جو سبب ضرور آهي، پر نہ عنايت الهي ۽ فضل حق جو سبب. (عام طرح) عقلمند انسان، انڌو ۽ پنهنجي علم ۾ حيران ۽ جاهل هوندو آهي. ڪٿي جو اهو الله تعالي کي سجاڻي. ڇاڪاڻ تہ عقلمندن مان، ڪنهن بہ الله تعالي جي حقيقت نہ سجاتي آهي، بلڪ جيستائين الله تعالي دستگيري نٿو فرمائي ۽ ٻانهي جي دل جي ڳنڍ کي نٿو کولي، انهيءَ وقت تائين طالب

جنهن شيءِ سان مون پنهنجي نفس جي معرفت حاصل ڪئي، ان سان رب جي معرفت حاصل ڪئي. الله تعالي کي حواسن يعني عقل ۽ علم وغيره جي ذريعي نٿو سجاڻي سگهجي.

(1) مستدرک علي الصحيحين ص ١٣٧- ١٣٨ ج ٣- معجم الکبير ص ٦٥ ج ١١- فيض القدير ص ٣٦ ج ١- لسان الميزان ص ٤٢٢- ٤٣٢ ج ١- تهذيب التهذيب ٢٨٥- ٢٨٦ ج ٦- کشف الخفاء ص ٢٣٥- ٢٣٦ ج ١.

(2) سورة الانعام آيت: ١١١

www.maktabah.org

پنهنجي مطلوب کي حاصل نٿو ڪري سگهي. (گهٽو ڪري) عقليت ۽ دليلن جي موجودگي ۾ هدايت جو امڪان نه هوندو آهي، ان جو دليل قرآن مجيد جي هي آيت آهي:

وَلَوْ رُدُّوْا لَعَادُوْا لِمَا نُهُوْا عَنْهُ [1]

يعني جڏهن ڪافر دوزخ جي سامهون بيهي پڇتائيندا ۽ چوندا ته ڪاش! اسان کي ٻيهر دنيا ۾ موڪليو وڃي ته پنهنجي رب جي آيتن کي مڃيون ۽ ايمان وارن مان ٿيون. الله تعالي انهن جي باري ۾ فرمايو ته (بفرض محال) جيڪڏهن کين دنيا ۾ موڪليو به وڃي، تڏهن به منع ڪيل (گناه جا ڪم) ضرور ڪندا. (ياد رکو ته) جسم ۾، حياتي ساهه ۽ روح سان آهي ۽ دل ۾ پڻ زندگي ساهه سان آهي، مگر عقل ۽ دانش ۾ اها سگهه نه آهي جو انساني جسم کي جياري سگهي. پوءِ ٻلا عقل دل کي ڪيئن زنده ڪندو؟ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

أَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَأَحْيَيْنَاهُ [2]

[يا جيڪو مئل هجي، پوءِ اسان ان کي زنده ڪريون ته ڇا اهو ۽ مئل، ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟]

بيت

چون شود دل زنده از دست آنکه او خود مرده است

جزعنا بها لطف و فضل حي لا يموت

[ٻلا ان جي هٿان دل ڪيئن زنده ٿيندي جيڪو پاڻ مئل آهي. اسان ته حياتي لاءِ الله کي ٻاڏايون ٿا. جيڪو سدائين زنده آهي ۽ ڪڏهن نه مرندو.]

دراصل حياتي بخشڻ جو ڪم، الله تعالي فقط پنهنجي هٿ ۾ رکيو آهي. فرمائي ٿو:

نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ فِي النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِي الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا [3]

---

(1) سورة الانعام آيت: ٢٨

(2) سورة الانعام آيت ١٢٢

(3) سورة الانعام آيت: ١٢٢

www.maktabah.org

[ءِ اسان انهيءَ لاءِ نور جو انتظام ڪيو جنهن سبب ماڻهن ۾ گهمي ڦري ٿو ڇا اهو انهيءَ شخص وانگر آهي، جيڪو اونداهين ۾ اٽيو پيو آهي ءِ ان کان ٻاهر نڪرندڙ نه آهي؟.]

يعني مؤمنن جي دلين جي روشني، الله تعالي جي ذات آهي، جنهن جي باري ۾ ٻئي هنڌ قرآن مجيد ۾ هن طرح ارشاد فرمايو ويو آهي:

أَفَمَن شَرَحَ اللَّهُ صَدْرَهُ لِلْإِسْلَامِ فَهُوَ عَلَىٰ نُورٍ مِّن رَّبِّهِ (1)

[ڇا پوءِ جنهن جي سيني کي الله تعالي اسلام لاءِ کولي ڇڏيو ءِ پوءِ اهو الله جي طرفان نور تي آهي.]

هتي ايمان ءِ يقين جي روشني مراد آهي. جيڪا الله تعالي پنهنجي هٿ ۾ رکي آهي. پڻ فرمائي ٿو ته:

خَتَمَ اللَّهُ عَلَىٰ قُلُوبِهِمْ وَعَلَىٰ سَمْعِهِمْ ۖ وَعَلَىٰ أَبْصَارِهِمْ غِشَاوَةٌ (2)

[الله تعالي سندن دلين تي مهر هنئي ءِ سندن اکين ءِ ڪنن تي پردا آهن.]

پڻ (نبي ﷺ جن کي) حڪم فرمايو ويو ته:

وَلَا تُطِعْ مَنْ أَغْفَلْنَا قَلْبَهُ عَن ذِكْرِنَا (3)

[ءِ جنهن جي دل کي، اسان پنهنجي ياد کان غافل ڪري ڇڏيو آهي، تنهن جي تابعداري نه ڪر.]

معلوم ٿيو ته دل جو ڪشف يا قبض، يعني ان کي کولڻ يا بند ڪرڻ، الله تعالي جي ئي وس ۾ آهي. ٻيو ڪو هدايت ڏيندڙ ءِ دستگيري ڪندڙ نه آهي. پڻ فرمائي ٿو:

وَمَن يُضْلِلِ اللَّهُ فَلَن تَجِدَ لَهُ سَبِيلًا ﴿4﴾

[ءِ جنهن کي الله گمراه ڪري، ان لاءِ تون ڪا واٽ نه لهندين.]

ٻئي هنڌ آهي ته:

---

(1) سورة الزمر آيت: ٢٢
(2) سورة البقرة آيت: ٧
(3) سورة الكهف آيت: ٢٨
(4) سورة النساء آيت: ٨٨

www.maktabah.org

يُضِلُّ مَنْ يَّشَآءُ وَيَهْدِيْ مَنْ يَّشَآءُ (5)

[الله جنهن کي چاهي ٿو گمراه ڪري ٿو ۽ جنهن کي چاهي ٿو هدايت ڏئي ٿو.]

ظاهر آهي ته مخلوق مان، ڪو الله تعالي جي مشيت هيٺ، پاڻ کي نٿو سڃاڻي سگهي ته پوءِ پلا خدا تعالي کي ڪيئن سڃاڻي سگهندو؟ بندي کي ايتري سگهه، طاقت ۽ قدرت مورڳو آهي ئي ڪو نه. سواءِ ان جي جو الله تعالي سڏي وات وٺائي. قرآن مجيد ابراهيم عليه السلام جو قول نقل فرمائي ٿو ته:

لَئِنْ لَّمْ يَهْدِنِيْ رَبِّيْ لَاَكُوْنَنَّ مِنَ الْقَوْمِ الضَّآلِّيْنَ ﴿٧٧﴾ (1)

[جيڪڏهن الله تعالي مون کي هدايت جي وات نه وٺائيندو ته ضرور مان گمراهن مان ٿيندس.]

جڏهن وڏن وڏن نبين سڳورن جو حال اهو آهي ته پوءِ معلوم ٿيو ته دلين جو ڪولڻ، الله تعالي جي غيب جي خزانن مان هڪ خزانو آهي.

اي عزيز! معرفت اها نه آهي ته ڪو ماڻهو حق تعالي جي هستيءَ کي (دليلن سان) ثابت ڪري. بلڪ معرفت اها آهي ته، هر شخص پنهنجي نفي ڪري. ساڳئي طرح ڪرامت اها نه آهي ته ڪنهن دليل جي ذريعي خالق اڪبر جي وجود کي ثابت ڪري. بلڪ ڪرامت اها آهي ته الله تعالي پنهنجي نور سان دل کي منور ڪري، جنهن لاءِ عقلي ۽ نقلي دليلن جي حيثيت قال ۽ قيل کان وڌيڪ جي نه آهي. عقلي دليل حال کان سواءِ ڪارائتو ۽ اثرائتو نه آهي، ڇاڪاڻ ته، عقل جيڪا به ڳالهه ثابت ڪندو معرفت ان جي نفيءَ جي تقاضا ڪندي. چيو ويو آهي ته:

اَلْعَقْلُ آلَةٌ يُعْرَفُ بِهَا حُسْنُ الْاَشْيَاءِ وَقُبْحُهُنَّ

[عقل اهڙو اوزار آهي، جنهن سان شين جي چڱائي ۽ خرابي ڄاتي، سڃاتي ويندي آهي.]

---

(5) سورة النحل آيت: ٩٣

(1) سورة الانعام آيت: ٧٧

www.maktabah.org

جڏهن تہ معرفت حق، اهڙي شيءِ نہ آهي، جنهن کي عقل پنهنجي دائري ۾ آڻي سگهي. گهٽا ماڻهو علم جي وسيلي شين جي معلومات حاصل ڪندا آهن. جيئن چيو ويو آهي تہ علم، خدمت جا آداب سکڻ لاءِ حاصل ڪيو ويندو آهي. معلوم ٿيو تہ حق تعاليٰ جي معرفت، الله تعاليٰ جي مشيت ۽ مريد مطلق جي ارادي کان سواءِ ممڪن نہ آهي.

اي طالب! ڄاڻ تہ حقيقت ۾ حق تعاليٰ کان سواءِ ٻي ڪا شيءِ نہ آهي، جيتوڻيڪ بظاهر طالب ۽ مطلوب جي صورت جدا جدا نظر ايندي آهي، پر ٻنهي جو وجود هڪ ئي آهي. ڇاڪاڻ تہ اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن سڀ ڪجهہ اهو الله تعاليٰ آهي. ملا حسين چوي ٿو.

بالله همه اوست، ثم بالله همه اوست

[الله جو قسم! سڀ ڪجهہ اهو ئي آهي، وري الله جو قسم! سڀ ڪجهہ اهو ئي آهي.]

يعني الله تعاليٰ جي مشيت ۽ ارادي کان سواءِ ڪجهہ نٿو ٿئي، نہ تہ ڪير آهي، جيڪو الله تعاليٰ جي معرفت جي لازوال ۽ بي بها دولت کي حاصل ڪرڻ نہ گهري؟ ساڳي طرح جيڪڏهن الله تعاليٰ نہ گهري تہ ڪير آهي، جيڪو ان جو طالب ٿئي ۽ سندس معرفت ۽ وصال حاصل ڪري سگهي؟ اها الله تعاليٰ جي حڪمت ۽ يا فاعل مختار جو فعل آهي ۽ بس جيئن فرمائي ٿو:

إِنَّ اللَّهَ يَفْعَلُ مَا يُرِيدُ ﴿١٤﴾ (1)

ٻئي هنڌ آهي تہ:

إِنَّ اللَّهَ يَحْكُمُ مَا يُرِيدُ ﴿١﴾ (2)

[يعني الله جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو ۽ جنهن ڳالهہ جو ارادو ڪري ٿو اها ئي ٿئي ٿي.]

ڇاڪاڻ تہ سندس فعل حڪمت ۽ دانائي کان خالي نہ هوندو آهي. جيڪڏهن الله تعاليٰ سيني کي پنهنجي محبت، پنهنجي معرفت،

(1) سورة الحج آيت: ١٤
(2) سورة المائده آيت: ١

www.maktabah.org

پنهنجي ڪرامت ۽ شرافت عطا فرمائي ته بيشڪ ان تي وس وارو آهي، ڇاڪاڻ ته دنيا ۽ دنيا وارن جو انتظام سندس ئي هٿ ۾ آهي. انهيءَ ڪري نبي سڳورا، اولياءَ الله، پڻ ڪي عام ۽ ڪي خاص ماڻهو پنهنجي پنهنجي جاءِ تي پنهنجي پنهنجي ڪم ۾ خوش ۽ مشغول هوندا آهن ۽ جنهن ڪم لاءِ انهن کي خلقيو ويو آهي، ان جي لاءِ پاڻ پتوڙيندا آهن. حديث ۾ آهي ته:

كُلٌّ مُيَسَّرٌ لِمَا خُلِقَ(1)

[جيڪو جنهن ڪم لاءِ خلقيو ويو آهي، ان کي ان جي توفيق ڏني ويندي آهي.]

يعني جنتي آهي ته الله تعالي جي توفيق سان جنتين وارا ڪم ڪندو آهي، دوزخي آهي ته دوزخين وارا ڪم ڪندو آهي. معرفت معني هدايت آهي، جيڪا الله تعالي پانهن کي عطا فرمائيندو آهي. ان جا ٻه قسم آهن: هڪ استدلالي يعني علمي ۽ ٻيو شهودي يعني صوري يا حالي، استدلالي علم جي باري ۾ الله تعالي فرمائي ٿو ته:

سَنُرِيهِمْ اٰيَاتِنَا فِي الْاٰفَاقِ وَفِيٓ اَنْفُسِهِمْ (2)

[سگهوئي انهن کي اسان پنهنجيون نشانيون ڪائنات ۾ ۽ پاڻ ڏيکاريندا سون ۽ سندن جانين ۾ پڻ.]

اهو ئي علماءِ راسخين جو درجو آهي، اهو علم خلق ۾ غور فڪر ڪرڻ سان حاصل ٿيندو آهي، ڇاڪاڻ ته علماءِ راسخين مان کي شين

---

(1) جڏهن هيءَ آيت نازل ٿي ته فمنهم شقي و سعيد (پوءِ انهن مان کو بدبخت آهي ته کو نيڪ بخت) (سوره هود آيت: ۱۰۵) عمر رضي الله عنه عرض ڪيو ته اي الله جا رسول ﷺ! پوءِ ڇا اسان الله تعالي جي لکئي تي پروسو ڪري ويهي نه رهون؟ ارشاد فرمايائون ته اي عمر! هر هڪ شخص کي انهيءَ عمل جي توفيق ملندي آهي، جنهن جي لاءِ ان کي خلقيو ويو آهي: قرطبي ص ۹۸ ج ۹، ابن جرير ص ۱۱۷ ج۱۲، ابن ڪثير ص ۴٦۱ ج ۲، مسلم حديث: ۲۴۴۹، بخاري حديث: ۷۱۱۲ ترمذي ص ۲۸۹ ج ٦، ابن حبان ص ۴۴ ج ۲، مجمع الزوائد ص ۱۸۸ ج ۷، ابوداؤد ص ۲۲۸ ج ۴).

(2) سوره فصلت آيت:۵۳

www.maktabah.org

کي ڏسي عبرت ۽ هدايت ونندا آهن ۽ اها معرفت تحقيقي آهي. پوءِ جيڪو شخص تحقيق ڪندو تنهن کي ڄجهه مان ڪشف ٿيندو. جنهن سان ظاهري ۽ باطني طرح الله تعالي جي قدرت پڌري ٿيندي آهي تہ سندس خالق الله تعالي ئي آهي ۽ اها ڄاڻ الله تعالي جي قدرت ڪامله، سندس ربوبيت، الوهيت، حقانيت جي نشاني ثابت ٿيندي آهي، جنهن سان اخلاقن جي تهذيب ٿيندي آهي ۽ پڙ ان سان عالم مَلَڪوتيءَ جي حاصلات بہ ٿيندي آهي. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

لَوْلَا اَنَّ الشَّيٰطَانَ يَجْثِمُ عَلٰى قُلُوْبِ بَنِيْ آدَمَ لَنَظَرُوْا اِلٰى مَلَكُوْتِ السَّمٰوٰتِ

[جيڪڏهن شيطان اولاد آدم جي دلين تي قبضو ڪري نہ ويهي ها تہ ضرور اهي آسمان جي ملڪوتي شين کي ڏسن ها.]

۽ فرمايو ويو آهي تہ جنهن جي باطن ۾ معرفت ۽ مشاهدي جو روح نٿو ڦوڪيو وڃي، اهو انڌو آهي. ان سلسلي ۾ الله تعالي فرمائي ٿو:

وَمَنْ كَانَ فِيْ هٰذِهٖٓ اَعْمٰى فَهُوَ فِي الْاٰخِرَةِ اَعْمٰى وَاَضَلُّ سَبِيْلًا ﴿٧٢﴾ (1)

[۽ جيڪو شخص هن دنيا ۾ انڌو آهي، سو آخرت ۾ بہ انڌو ۽ سڀ کان وڌيڪ گمراه هوندو.]

تنهن ڪري حق جي معرفت کي دليلن جي ذريعي معلوم ڪرڻ گهرجي، پر ويساهہ رکڻ گهرجي تہ انهن صفتن ۽ نشانين مان الله تعالي جي توفيق کان سواءِ عبرت ۽ هدايت جو ملڻ ممڪن نہ آهي، جيئن مٿي قرآن ڪريم جي حوالي سان هي مضمون گذري چڪو تہ سگهوئي کين اسان پنهنجيون نشانيون ڏيکارينداسون، ڪائنات ۾ بہ ۽ سندن جانين ۾ پڻ.

ڄاڻڻ گهرجي تہ نفس ڏسڻ، ٻڌڻ، ڇاڻڻ، ڳالهائڻ، چکڻ ڇهڻ، سنگهڻ جي قوتن جي مجموعي جو نالو آهي. نفس ۽ روح ۽ دل وغيره سڀ الله تعالي جا عطا ڪيل آهن، انهيءَ ڪري ڇيو ويو آهي تہ:

بيت

---

(1) سوره بني اسرائيل آيت: ٧٢

www.maktabah.org

ديده نہ داري كه بخود درنگري
ورنہ سرايت قدرت ما در اوست

[توکي اکيون نہ آهن نہ تہ پنهنجي اندر ۾ ئي ليئو پائي ڏسين ها، تہ اسان جي قدرت تہ سندس وجود جي رڳ رڳ ۾ سمايل آهي.]

جيڪڏهن تون پنهنجي خودي يعني خودپرستيءَ ۽ نفس پرستيءَ کي ڇڏي ڏيندين تہ الله تعالي تائين پهچي ويندين. جيڪو حڪم فرمائي ٿو تہ پنهنجي نفس کي ڇڏي ڏي، پوءِ مون وٽ اچ! جيڪڏهن تون پاڻ کي سڃاڻندين تہ پوءِ تنهنجو وجود، الله جو وجود ٿي ويندو.

بيت

عارف آنست كه از خلق بكلي بگذشت
وز خود بخدا خويشتن از خود بگذشت

[عارف اهو آهي، جيڪو مخلوق کان مڪمل نڪري وڃي، يعني مخلوق کي ڇڏي، بلڪ پنهنجي خدا جي لاءِ، پاڻ کي بہ ڇڏي ڏي، يعني پنهنجي وجود جي نفي ڪري.]

جيڪڏهن ان جي لاءِ ظاهري دليل طلب ڪندين تہ پنهنجن هٿن ۽ پنهنجن پيرن کي ڏس. جيڪي الله تعالي جوڙيا آهن ۽ جيڪڏهن تنهنجي لاءِ معرفت جي دري کلي وڃي تہ تون چا تَنَ، بَدَن، جسم ۽ روح بلڪ هر هڪ شيءِ ۾ الله تعالي عز و جل کي لهندين. پر حيف! هزار پيرا تو تي حيف آهي، جو اهڙي عظيم نعمت ۽ سعادت کان محروم رهجي ويو آهين ۽ عالم سُفلي جي قيد ۾ جڪڙجي پيو آهين ۽ هي جهان، جيڪو درحقيقت عدم ۽ فنا جو جهان آهي، ان کي سچ ڪجهہ سمجهي، تو انهيءَ عالم علويءَ کي ڇڏي ڏنو جيڪو دراصل عين وجود آهي ۽ حيران ۽ پريشان ٿيڪندو رهين ٿو.

معرفت ۽ ان جا مرتبا

ڄاڻڻ گهرجي تہ حالات ۽ حوادث جي آئيني ۾ مجمل شين کي تفصيل سان ڄاڻڻ ۽ سڃاڻڻ معرفت آهي، يعني هن حقيقت تائين پهچڻ

www.maktabah.org

تہ هر شيءِ جو حقيقي خالق ۽ هر فعل جو فاعل مطلق، يعني ان کي جو حقيقي ڪندڙ حق تعاليٰ آهي، تنهن کي تون هيڪڙائي جي اجمالي صورت کي تفصيل سان ڏس. جيئن توحيد يعني هيڪڙائي جو علم رکندڙ شخص، واقعن ۾ حالتن جي آئيني ۾ خدا تعاليٰ جي شان ربوبيت، سندس الوهيت ۽ سندس قدرت کي تفصيل سان ڏسندو آهي. يعني نفعي ۽ نقصان جو مالڪ، بخشش ڪندڙ منع ڪندڙ دل تي قبض ۽ بسط جي ڪيفيت آڻيندڙ ان کي ئي سمجهه ۽ سندس ٻين سيني صفتن کي پنهنجي دل جي آئيني ۾ ڏس ۽ سڃاڻ. اهڙي شخص کي بغير توفيق جي "عارف" سڏيندا آهن، پر جيڪڏهن اهڙي شخص جي دل ۾ ڪنهن وقت غفلت اچي وڃي، وري هڪدم واسطي ۽ رابطي سان الله تعاليٰ کي فاعل مطلق سمجهي تہ ان کي عارف نہ پر "صوفي" چوندا آهن. جيڪڏهن سندس دل، الله تعاليٰ کان بلڪل غافل رهي، مگر پنهنجن ڪمن ۽ حالتن جي اثرات هيٺ ڪنهن نہ ڪنهن واسطي يا رابطي سان وري رب ڪريم کي ياد ڪري تہ ان کي "متعارف" چوندا آهن. اهڙي شخص کي ساهي، لاهي، يعني سست ۽ لهولعب ۾ مشغول ۽ "ڪجهو مشرڪ" ٻہ چوندا آهن. سندس حالت هيءَ هوندي آهي تہ مثلاً جڏهن توحيد جي معنيٰ بيان ٿيندي آهي تہ پاڻ کي ان ۾ غرق سمجهندو آهي. ڪڏهن انڪار ۽ اعتراض ڪندو آهي ۽ چوندو آهي تہ اهي حال ۽ قال جون ڳالهيون تنهنجي ذاتي سوچ ۽ فڪر جو نتيجو آهن ۽ انهيءَ موضوع تي چڙي پوندو آهي ۽ نہ ڄاڻندو آهي تہ سندس اها رنجش، سندس منڪر قول جو نتيجو آهي. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن موحد هجي ها تہ هرگز اهڙيون منڪر ڳالهيون نہ ڪري ها ۽ نہ ئي (شريعت ۽ طريقت جي ڳالهين) تي رنج ٿئي ها، مگر سندس انهيءَ انڪار کي پڙ حق جي طرفان ڄاڻجي ۽ سڃاڻجي (۽ ان تي صبر ڪجي.)

معرفت جو پهريون درجو هي آهي تہ، پنهنجي اندر جيڪو ٻہ اثر لهي، ان کي فاعل مختار جي طرفان سمجهي. ۲- پنهنجي اندر جيڪو ٻہ اثر لهي، ان کي فاعل مطلق جل شانه جي طرفان سمجهي ۽ ڄاڻي تہ اهو

www.maktabah.org

ڪم سندس ڪهڙي صفت جو اثر آهي؟ (مثلاً ڪنهن تي عذاب اچي تہ سمجهي تہ الله تعالي جي شان قهاريءَ جو نتيجو آهي.) ٣- الله تعالي جي هر صفت جي تجلي ڏسي. سندس مراد ۽ مقصد کي سمجهي وڃي (مثلاً نيڪ شخص تي مصيبت اچي تہ سمجهي تہ الله تعالي کيس آزمائي رهيو آهي.) ۴- علم الهي جي صفت کي وري وري پنهنجي نفس جي معرفت جي صورت ۾ سجاڻي ۽ پنهنجي وجود کي علم ۽ معرفت جي دائري کان خارج سمجهي. شيخ جنيد رح کان پڇيو ويو تہ معرفت ڇا آهي؟ فرمايائين تہ جڏهن توکي علم حاصل ٿئي، تڏهن پاڻ کي اڻ ڄاڻ سمجهہ. عرض ڪيو ويو تہ وڌيڪ تشريح فرمايو. فرمايائين تہ خدا تعالي جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ ڄاتل سجاتل شين جو شعور حاصل ڪرڻ. جڏهن قرب جا درجا وڌندا ويندا تہ عزت ۽ عظمت ۾ بلندي ايندي ويندي آهي، پر علم وڌندو ويندو تہ جاهليت بہ وڌندي ويندي. الله تعالي حڪم فرمائي ٿو:

وَقُلْ رَّبِّ زِدْنِي عِلْمًا (1)

[يعني تون دعا گهر تہ اي منهنجا رب! منهنجي علم ۾ واڌارو فرماءِ.]

عارف جي اها جيڪا معني بيان ٿي، ان مان معلوم ٿيو تہ معرفت بہ هڪ علم آهي. غرض تہ جنهن کي الله تعالي جي معرفت حاصل هوندي آهي، اهو سدائين الله پاڪ جي ذات ۽ صفات ۾ حيران رهندو آهي. انهيءَ حالت کي تقرير ۽ تحرير جي دائري ۾ آڻڻ ممڪن نہ آهي. مختصر ائين سمجهو تہ معرفت کان سواءِ علم ناممڪن آهي ۽ علم معرفت کان سواءِ وبال آهي. اها ڳالهہ بہ معرفت جي دليلن مان آهي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالي سدائين زنده، قائم رهندڙ ڄاڻندڙ ڏسندڙ قدرت رکندڙ طاقتور ڳالهائيندڙ آهي ۽ سڀ جهان ۽ جهان وارا سندس محتاج آهن ۽ سڀ شيون سندس خلقيل آهن. انهن کي "ثبوتي صفتون" چوندا آهن. الله تعالي سيني ڪمزورين ۽ ڪوتاهين کان پاڪ آهي. ان لاءِ نہ ڪو مثال آهي ۽ نہ ڪو نمونو. نہ وري ان جي باري ۾ چو ۽ ڇا سان سوال ڪري سگهجي ٿو. انهن کي سلبي ۽ تنزيهي صفتون چئجي ٿو. لفظ

(1) سوره طه آيت:١١٤

www.maktabah.org

"الله" سندس ذاتي اسم آهي، جنهن ۾ ڪمال واريون سموريون صفتون جمع آهن ۽ منجهس نقصان جي ڪا به صفت نه آهي.

شيخ عبدالرزاق قدس الله سره چوي ٿو ته، اي منهنجا پاڻا الله توکي توفيق ڏي ۽ پنهنجي معرفت ۽ محبت عطا ڪري، جاڻ ته محبت جا به قسم آهن. استدلالي ۽ وجداني. استدلالي محبت هيءَ آهي ته آسمانن ۽ زمينن ۽ انهن ۾نهي ۾ جيڪا به مخلوق آهي، تن ۾ غور ۽ فڪر ڪري ته ضرور ڪيس، الله عليم، داناءَ، جي هر ڪاريگري ۾ ڪا نه ڪا نشاني نظر ايندي. ان جي نتيجي ۾ الله تعالي کي سڃاڻندو. جيتوڻيڪ اها معرفت به ضروري آهي ۽ مؤمن، ان کان انڪار به نه ٿو ڪري سگهي. پر سندس ايمان جو دارومدار ان تي نه آهي، ڇاڪاڻ ته اها عام معرفت ۽ حقيقي معرفت نه آهي، بلڪ ايمان جو دارومدار غيب تي آهي. ظاهري شين جي مشاهدي تي نه آهي. (مثلاً الله تعالي ۽ سندس پاڪ پيغمبرن ۽ فرشتن ۽ نبين سڳورن کي نه ڏسڻ جي باوجود، انهن کي مڃڻ) ان ڏس ۾ چيو ويو آهي:

بيت

زهي نادان که او خورشيد تابان
به نور شمع جويد در بيابان

[اهو شخص ڪيڏو نادان آهي، جيڪو برپٽ ۾ ڏيو ٻاري چمڪندڙ سج کي تلاش ڪري ٿو.]

رهي خاص معرفت، جيڪا حقيقي وحدانيت آهي، سا هيءَ آهي ته عارف رياضتن ۽ مجاهدن جي ذريعي، پنهنجي وجود جي لباس کان جدا ٿئي، دل ۽ زبان سان سدائين الله جو ذڪر ڪري، پنهنجي شيخ جي رهنمائي هيٺ انهيءَ طريقي تي قائم دائم رهي ۽ فنا کان بقا جي منزل ڏانهن روان دوان رهي. تانجو الله تعالي سندس صفتن ۽ نالن تان (ظاهري ۽ مصنوعي) لباس لاهي ڏسي. تڏهن اهو حق کي حق سان سڃاڻندو. ان حقيقت کي نبي ڪريم ﷺ جن هن طرح بيان فرمايو آهي ته مون پنهنجي رب کي، پنهنجي رب سان سڃاتو. جيڪڏهن منهنجو رب نه هجي ها ته پنهنجي رب کي نه سڃاڻان ها. اهو شهودي ۽ لازمي معرفت جو

www.maktabah.org

درجو آهي. الله تعالي فرمائي ٿو:

اَوَلَمْ يَكْفِ بِرَبِّكَ اَنَّهٗ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿۵۳﴾ (1)

[چا تنهنجي رب جي ربوبيت لاءِ اها ڳالهه ڪافي نه آهي ته اهو هر شيءِ تي شاهد، يعني ان کي ڏسندڙ آهي.]

اهو سو فيصد بقا جو درجو آهي، جاڪاڻ ته اتي پهچڻ کان پوءِ الله تعالي جو مشاهدو ٿيندو آهي. جيئن بعض مشائخ رحمهم الله فرمائين ٿا ته مون هر شيءِ کان اڳ، الله کي ڏٺو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمائي ٿو ته مون جيڪا به شيءِ ڏٺي، ان کان اڳ الله کي ڏٺو.

اهو عرفان، ايقان ۽ احسان جو مقام آهي. اتي پهچڻ کان پوءِ عارف هر شيءِ کي ڏسي، سڃاڻندو آهي. پر ڪيس ڪا شيءِ نه سڃاڻندي آهي. ڇيو ويو آهي ته عارف جي قدر قيمت سندس معرفت مطابق هوندي آهي ۽ معرفت الله تعالي،حي، قيوم جي اسرارن مطابق ملندي آهي. الله تعالي هڪ نبيءَ ڏانهن وحي ڪئي ته ڇا تو کي معلوم آهي ته منهنجي معرفت جي معني ڇا آهي؟ انهيءَ ڇيو ته نا! الله تعالي فرمايو ته سدائين پنهنجي قلب کي منهنجي مشاهدي سان زنده رک. احمد بن عاصم رح چوي ٿو ته ڪنهن شيءِ جي رغبت نه رک، مگر جيڪي مولي تعالي کي سڃاڻي ۽ پاڻ کي مئن ۾ شمار ڪر. تانجو عارفن واري معرفت حاصل ڪرين، پر هتي تصديق واري معرفت مراد ۽ مقصود نه آهي. ابومحمد واسطي رح چوي ٿو ته معرفت اها آهي، جنهن جي شاهدي علم جا حاسد ڏيندا آهن ۽ ان ۾ پلائي کان سواءِ ڪجهه نه هوندو آهي. سهل تستري رح چوي ٿو ته عارف جي ذات هيءَ آهي ته نفس کي خراب ڪمن کان پاڪ ڪري، پوءِ مقصد حاصل ڪرڻ جي لاءِ الله تعالي ڏانهن رجوع ڪري ۽ فرضن، واجبن، سنتن ۽ شرعي آداب جو لحاظ ڪندي، ديني ڪمن تي هلي ۽ شريعت جي منع ڪيل ڪمن کان پري رهي. سهل تستري رح کان معرفت جي باري ۾ پڇيو ويو. چيائين ته جيڪڏهن هر شيءِ کي وساري، الله تعالي سان تعلق جوڙين ۽ پنهنجن عملن ڏانهن نه ڏسين ته تون

(1) سوره فصلت آيت ۵۳

www.maktabah.org

كامل عارف آهين. عبدالله بن مبارڪ رح فرمائي ٿو تہ آخرت ۾ ڏسڻ کان اڳ ڪنهن شيءِ تي تعجب نہ ڪر تہ جيئن توکي دنيا ۾ معرفت حاصل ٿئي، ڇاڪاڻ تہ جيئن دنيا ۾ الله تعالي کي ڏسڻ کان سواءِ (نور بصيرت سان) سڃاتو وڃي ٿو ساڳيءَ طرح آخرت ۾ اکين سان سندس ديدار نصيب ٿيندو. فرمايو ويو آهي تہ:

لَا تُدْرِكُهُ الْأَبْصَارُ وَهُوَ يُدْرِكُ الْأَبْصَارَ وَهُوَ اللَّطِيفُ الْخَبِيرُ ﴿١٠٣﴾ (1)

[ان کي (هن دنيا ۾) اکيون ڏسي نٿيون سگهن، پر اهو اکين کي ڏسي سگهي ٿو ۽ اهو الله لطيف ۽ خبير آهي.]

ٻئي هنڌ آهي:

قَدْ جَاءَكُمْ بَصَائِرُ مِن رَّبِّكُمْ فَمَنْ أَبْصَرَ فَلِنَفْسِهِ وَمَنْ عَمِيَ فَعَلَيْهَا وَمَا أَنَا عَلَيْكُم بِحَفِيظٍ ﴿١٠٤﴾ (1)

[توهان وٽ توهان جي رب وٽان روشن نشانيون اچي چڪيون، پوءِ جنهن بصيرت کان ڪم ورتو، اُنهيءَ پنهنجي نفس لاءِ، بصيرت حاصل ڪئي ۽ جيڪو انڌو رهيو، اُن جو وبال مٿس آهي ۽ آءٌ توهان تي نگران نہ آهيان.]

ڪي عارف چون ٿا تہ معرفت جي آخري منزل "معيت" آهي يعني هميشه الله جي ياد ۾ مشغول هجي. ذوالنون مصري رح چوي ٿو تہ معرفت جي حقيقت اها آهي تہ الله تعالي سندس لطيف نوراني ڪيفيتن جي ذريعي پنهنجن اسرارن ۽ رازن کان واقف ڪري. شبلي رح چوي ٿو تہ هميشه حيرت ۾ رهڻ معرفت آهي. بايزيد بسطامي چوي ٿو تہ معرفت هيءَ آهي تہ مخلوق جي چرپر کي، الله تعالي جي ذريعي سڃاڻي. گهٽ ڳالهائي ۽ هميشه حيرانگيءَ ۾ رهي. پڻ شيخ شبلي رح چوي ٿو تہ معرفت هيءَ آهي تہ الله جي معرفت حاصل ڪري ۽ پاڻ کي عاجز ڄاڻي. صديق اڪبر رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ: جنهن شخص الله عزوجل کي سڃاتو، تنهن کي

(1) سورة الانعام آيت: ١٠٣

(1) سورة الانعام آيت ١٠٤

www.maktabah.org

نہ کا ڳٽتي ٿيندي ۽ نہ کا وحشت ٿيندي. ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها جي روايت ۾ آهي تہ نبي ﷺ جن فرمايو:

إِنَّ دِعَامَةَ الْبَيْتِ أَسَاسُهُ وَإِنَّ دِعَامَةَ الدِّيْنِ الْمَعْرِفَةُ بِاللهِ وَالْيَقِيْنُ وَالْعَقْلُ الْقَامِعُ قَالَتْ وَمَا الْعَقْلُ الْقَامِعُ قَالَ الْكَفُّ عَنْ مَعَاصِيَ اللهِ وَالْحِرْصُ عَلٰى طَاعَةِ اللهِ [2]

[گهر جو ٿنب ان جو بنياد ۽ دين جو ٿنب الله جي معرفت آهي، ۽ يقين ۽ عقل قامع آهي. عرض ڪيائين تہ "عقل قامع" ڇا آهي؟ فرمايائون تہ الله جي نافرمانين کان باز رهڻ ۽ الله جي اطاعت جو حرص رکڻ.]

ڄاڻڻ گهرجي تہ دين جون ڳالهيون ڪي اصولي آهن تہ ڪي فروعي آهن. ان جو اصل هي آهي تہ سيني شين جي معرفت حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ الله تعالي جي معرفت حاصل ڪري ۽ الله جي معرفت، بين سيني شين جي معرفت کان اهم ۽ مقدم آهي. الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

فَاعْلَمْ أَنَّهُ لَآ إِلٰهَ إِلَّا اللهُ وَاسْتَغْفِرْ لِذَنْبِكَ [1]

[پوءِ پڪ ڄاڻ تہ الله کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي.]

استغفار جو قديمي علم حاصل ڪرڻ، فروعي معرفت آهي. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو تہ:

إِنَّنِيْٓ أَنَا اللهُ لَآ إِلٰهَ إِلَّآ أَنَا فَاعْبُدْنِيْ [2]

[يعني الله تعالي موسيٰ عليه السلام کي ڪوه طور تي سڏي فرمايو تہ مون کان سواءِ ڪو معبود نہ آهي. پوءِ منهنجي ئي عبادت ڪر.]

قديمي عبادت جي معرفت حاصل ڪرڻ پڙ ان جي فرع آهي. جيڪڏهن پڇيو وڃي تہ لغت ۾ معرفت ڇا کي چئجي؟ ان جو جواب هي آهي تہ لغت ۾ عرف يعني عام ماڻهن جي ڄاڻ کي "معرفت" چئبو آهي.

---

(2) مختصر لفظن ۾ اها حديث "الفردوس بماثور الخطاب" ۾ آهي. ڏسو: ص ۲۲۲ ج ۲ حديث: ۳۰۷۷.

(1) سوره محمد آيت: ۱۹

(2) سوره طه آيت: ۱۴

www.maktabah.org

"العرف" اسم معرفه آهي ۽ ان جي نڪره به ايندي آهي. صوفين جي اصطلاح ۾ معرفت اهڙو علم آهي، جنهن ۾ ڪنهن قسم جي شڪ، شبهي جي گنجائش نه آهي. بشرطيڪ اهڙي شخص کي الله جي ذات ۽ صفات جو علم حاصل هجي. ڪي ماڻهو پڇندا آهن ته ڪهڙي معرفت ذاتي آهي ۽ ڪهڙي معرفت صفاتي آهي؟ ان جو جواب هي آهي ته ذات جي معرفت هيءَ آهي ته ماڻهو ڄاڻي ته بيشڪ الله موجود آهي. اڪيلو آهي، فرد آهي ۽ ذات آهي ۽ هي ته الله اهڙي شيءِ آهي، جيڪا پنهنجي نفس سان قائم آهي. ان کي ڪنهن به شيءِ سان مشابهت نٿي ڏئي سگهجي. ڄاڻڻ ته اهو بي مثل، بي چون، بي چگون، بي شبه ۽ بغير نموني جي آهي. يعني ان جي باري ۾ نه ڇو ۽ ڇا سان سوال ڪري سگهجي ٿو نه ان جي ڪنهن سان مشابهت قائم ڪري سگهجي ٿي ۽ نه ئي سندس کو نمونو مثال ۽ مادل آهي. سندس صفاتي معرفت هيءَ آهي ته، تون ڄاڻين ته الله رب آهي. خالق آهي، زنده، ڄاڻندڙ قدرت رکندڙ ٻڌندڙ ڏسندڙ آهي. جيڪي چاهي ٿو سو ڪري ٿو. عارف مطلق کي گهرجي ته انهيءَ معنيٰ تي ئي يقين رکي ۽ ان تي ثابت قدم رهي.

مثنوي

قيمت انسان همه از عرفان بود
جوهر اشياءِ نگر ايقان بود
آدمي را معرفت يزدان خوش است
معرفت حق هر که را دل زنده کرد
هرکه عارف گشت از مردان بود
راه در نظر نيست چيزي ما سواه
ما سوي الله از دل شان دور گشت
از خدا دل و جان شان معمور گشت
واجب و ممکن مفيد جزو و کل
ماجد و موجود مطلق گردد حل
خلق از خالق نمي باشد جدا
نفس خود بگذار تايابي خدا

www.maktabah.org

آنکه نفس اماره را بگذاشته
بي شک و بي شبه حق را يافته
هر که را حق راه نمود سوئ خود
بهر او پرده کشيدست از روئ خود
بنده نا چيز بي قدر توام
صاحب اميد بر قدر تُو اَم

[انسان جي قيمت سندس معرفت جي ڪري آهي. شين جو جوهر ڏسي انهن کي يقين ٿيندو آهي (ته الله موجود آهي) ماڻهو کي الله تعالي جي معرفت سان خوشي ٿيندي آهي. جنهن کي به حق تعالي جي معرفت حاصل ٿيندي آهي، اهو زنده جاويد ٿي ويندو آهي. اُهو ڄاڻندو آهي ته قول، فعل بندو ڪري ٿو (پر فاعل حقيقي الله جي ذات آهي)، جيڪو شخص عارف ۽ مردان راه مان آهي، تنهن جي نظر ۾ الله کان سواءِ ڪا به شيءِ نه آهي. الله کان سواءِ ان جي دل خالي هوندي آهي. سندن دل ۽ جان الله سان پريل هوندي آهي. الله تعالي واجب الوجود آهي ۽ ممڪن، مقيد، جزو ڪل سڀ کي پيدا ڪندڙ آهي ۽ مخلوق ۾ هيڪڙائي قائم آهي. خالق، مخلوق کان جدا نه آهي. نفس کي ڇڏي ڏي ته جيئن الله کي لهين. جيڪو به پنهنجي نفس کي ڇڏي ڏيندو يقين ڄاڻ ته اهو الله جي ذات کي لهندو. جنهن کي حق تعالي پنهنجي راه ڏيکاري ٿو. ان لاءِ پنهنجي منهن جا پردا سرڪائي ٿو. آءٌ بي مُلهه (حقير) تنهنجو ٻانهو آهيان. تنهنجي بي انتها مهرباني‌ءَ جي اُميد رکان ٿو.]

اي عقلمند عزيز! حق تعالي هر هنڌ ۽ هر شيءِ ۾ موجود ۽ حاضر ناظر آهي. پر پنهنجي لطافت، عظمت ۽ جلال جي ڪري ڳجهو آهي، جيتوڻيڪ اهو ئي ظاهر ۽ اهو ئي باطن آهي. پر پنهنجي قدرت ڪامله ۽ بي مثال دانائي سبب پاڻ کي پنهنجن مشتاقن ۽ عاشقن کان ڳجهو رکي، کين شوق، ذوق ۽ چاهت جي انتظار ۾ رکي ٿو.

غزل

فرياد ز اغماز تو اي مايهء ظرافت
صد پرده پيش کردي باين همه لطافت

www.maktabah.org

بنما رخ چون ماهئ تسكين كند
جانها كه لب رسيده است از انتظارت
از حسن تو كه پرده دارند قبا كرده
هر مرده شود زنده اين چنين سلامت
از رُوئ مهر درخشان هر ذره ماه گردد
آري عجب نه باشد هست اين چنين جمالت
شهد و سكر بريزد از كام من بجانم
گر ملهم شرح شيرين[1] شود حكايت
پروانه وار تن زن "فقري" بسوز عشقش
تا گِل شوي چون شمع در انجمن جلالت

[تنهنجي چشم پوشي سبب فرياد كريان ٿو ته اي حسن جا شاهكارا! انهيءَ لطافت يعني حسن ۽ جمال جي باوجود سوين پردن ۾ لكل آهين. مڃي وانگر تڙپي رهيو آهيان. مون كي پنهنجو منهڙو ڏيكار ته جيئن جان كي سكون ملي. جيكا تنهنجي انتظار ۾ نڙي تائين پهچي چكي آهي. تنهنجي حسن جا متوالا. لاش ٿي چكا آهن. پردو پري كر ته جيئن اهي جيئرا سلامت ٿين. تنهنجي منهن جي روشن چنڊ. ذري ذري كي چنڊ كري ڇڏيو آهي. هائو! ان ۾ كو شك نه آهي ته تنهنجي حسن ۽ جمال جو اهو ئي حال آهي. جڏهن آءٌ پردي ۾ ويٺل "شيرين" جي حكايت ٻڌندو آهيان ته منهنجي وات مان منهنجي اندر ماكي ۽ مناڙ داخل ٿيندي آهي. اي فقيرا! سندس عشق ۾ پرواني وانگر پنهنجي جسم كي عشق جي باه ۾ قربان كري ڇڏ ته جيئن، سياڻي سندس جلال جي انجمن ۾ سڙي ركَ ٿي پوين.]

اي منهنجا عزيزا! نفس انساني، جيكا دراصل انسان جي ذات آهي، اهو ان كي اهڙن كمن جو حكم كندو آهي، جو عام ۽ خاص ماڻهو لاءِ ان كان منهن موڙڻ ممكن نه هوندو آهي. سندس مقصد هوندو آهي ته جيئن، ان كي الله تعالي جي ذات حَيٌ قيوم كان پري كري. انسانن كي نفس جي انهيءَ غلبي جي

(1) مشهور ايراني بادشاه كسري جي ملكه جو نالو، جنهن جو عاشق فرهاد كوهكن هو.

www.maktabah.org

ڪري ئي "انفس" سڏيو ويو آهي. تانجو سلطان الانبياءِ عليه افضل الصلوات و اڪمل التحيات کي ب چوٽو پيو ته ڪاش! محمد جو رب ان جي نفس کي پيدا نه ڪري ها. نفس انساني وجدان ۾ آهي. جيئن ظاهر ۾ باطن ۾ الله تعالي کان سواءِ ڪا ب شيءِ موجود نه آهي. تيئن نفس جي ذات ب (اڳ ۾) نه هئي. پر اي سمجهدار عزيز! هتي هڪ عظيم نُڪتو آهي. منهنجي ۽ تنهنجي ذات کي جيڪو وجود عطا ٿيو آهي. اهو هن معني ۾ بلڪل غير حق ب نه آهي ته ان تي ب لاشيءِ ۽ غير الله جو اطلاق ٿئي. پر "لاشيءِ" جو مطلب آهي ته ڪا ب شيءِ ڪو ب وجود. ڪو ب نفس. پنهنجي سر پاڻ پيدا نه ٿيو آهي. چاڪاڻ ته فرمايو ويو آهي ته الله کان سواءِ نه ڪنهن جون صفتون هيون ۽ نه ڪنهن جي ذات هئي.

ڄاڻڻ گهرجي ته "صفات" مان "انفس" يعني ساه ۽ وجود مراد آهن ۽ "ذات" روح کي چئبو آهي ۽ حق جي سڃاڻ رکندڙ يعني اهل نظر ۽ اهل دل وٽ اهي ٻئي شيون هڪ آهن.

بيت

هر دو يک چيز است بنگر اين همه ذات وصفات
گرچه در صورت صفات آمد و بي معناش ذات
دل ظهور و در بطون نبود بغير از ذات پاک
ليک چون ديدم نه ديدم جز سکون کائنات
صورت و معني نه ديدم بجز يک ذات حق
جمله واحد وجود آمد همه ذات و صفات آمد
که بصورت در جهان ذات و صفات آمد
نيک بنگر تا به بيني جمله يک پاک ذات
همه صفات و ذات و نفس و روح را بنگر که
چون اين همه يک شيءِ آمده در نظر کامل صفات

[غور سان ڏس! اها ذات ۽ صفات هڪ ئي شيءِ آهي. جيتوڻيڪ صفتن جي صورت ۾ ظاهر ٿيون آهن. ذات جي نه ڪا معني آهي ۽ نه مثال. ظاهر هجي يا باطن. الله جي ذات پاڪ کان سواءِ ڪجهه ب نه آهي. پر جڏهن غور سان ڏسان ٿو ته ڪائنات ۾ سڪون کان سواءِ ڪا ب شيءِ نظر نٿي اچي. صورت هجي يا معني. الله جي ذات کان سواءِ

www.maktabah.org

ڪجهہ بہ نہ آهي. جيڪي بہ وجود (توڪي نظر اچن ٿا) سي سڀ الله تعالىٰ جي ذات ۽ صفات مان ظاهر ٿيا آهن. ڇاڪاڻ تہ ان جي ذات ۽ صفات جهان جي صورت ۾ آيون آهن. غور سان ڏسندين تہ توڪي سيني شين ۾ هڪ پاڪ ذات نظر ايندي. سموربن صفتن، ذات، نفس ۽ روح کي ڏسجي تہ ڪامل صفتن واري انسان کي معلوم ٿيندو تہ ڪيئن اهي سڀ شيون هڪ شيءِ (الله) مان (وجود ۾) آيون آهن.]

نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمائڻ تہ ڪاش! محمد ﷺ جو رب منهنجي نفس کي پيدا نہ فرمائي ها، يعني منهنجي ذات جنهن کي "نفس" جي نالي سان پڪارجي ٿو ڪاش اهو باطن مان ظاهر نہ ٿئي ها. اها علت، اها ذات، اها حيرت ۽ اها ڳجهي حقيقت ظاهر نہ ٿئي ها. جيئن شاعر چوي ٿو تہ:

بيت

اي ڪاش! نہ بودي عراقي
که ز تو است جمله باقي

[اي ڪاش! عراقي پيدا ئي نہ ٿئي ها، ڇاڪاڻ تہ سڀ باقي شيون تو مان ئي آهن.]

يعني ڪاش! اسان جو هي نفس وجود ۾ نہ اچي ها، جو فقط منهنجي ذات جو نالو آهي، ورنہ آءٌ (سندس) ذات آهيان.

رباعي

اين نفس ذات ما همه ست
فرياد فرياد، صد هزار فرياد
که نفس نه بوده، ذات مطلق بودم
بامن هم عين ذات حق بودم

[هيءَ نفس اسان سيني جي ذات آهي. فرياد آهي. هزارين ڀيرا فرياد آهي! جيڪر نفس نہ هجي ها تہ آءٌ ذات مطلق هجان ها، آءٌ بہ عين ذات حق هجان ها.]

اي منهنجا عزيز! ڄاڻ تہ الله تعالىٰ پاڻ کي بہ "نفس" سڏيو آهي، سندس ارشاد آهي تہ:

وَإِذْ قَالَ اللَّهُ يَا عِيسَى ابْنَ مَرْيَمَ ءَأَنتَ قُلْتَ لِلنَّاسِ اتَّخِذُونِي وَأُمِّيَ إِلَٰهَيْنِ

www.maktabah.org

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ قَالَ سُبْحٰنَكَ مَا يَكُوْنُ لِيْٓ اَنْ اَقُوْلَ مَا لَيْسَ لِيْ بِحَقٍّ اِنْ كُنْتُ قُلْتُهٗ فَقَدْ عَلِمْتَهٗ تَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِيْ وَلَآ اَعْلَمُ مَا فِيْ نَفْسِكَ اِنَّكَ اَنْتَ عَلَّامُ الْغُيُوْبِ ﴿١١٦﴾ (1)

[ءِ جڏهن چوندو الله، ته اي عيسيٰ پٽ مريم جا! ڇا ماڻهن کي تو ڇيو هو ته مون کي ءِ منهنجي ماءُ کي ٻه معبود مقرر ڪريو؟ چوندو ته تون پاڪ آهين. مون کي حق نه آهي ته اها ڳالهه چوان جنهن جو مون کي حق نه آهي. جيڪڏهن مون اها ڳالهه چئي هجي ها ته پڪ توکي ان جو علم هجي ها. بيشڪ تون ڳجهن جو ڄاڻندڙ آهين.]

پڙ هن آيت مان معلوم ٿيو ته نفس، ذات کي ءِ ذات جسم کي ٻه چئبو آهي، تنهن ڪري نفس عين جسم آهي. والله اعلم بالصواب.

(1) سوره المائده آيت: ١١٦

www.maktaban.org

باب اٽويهون

فتح بابت عشق ۽ محبت

جاڻڻ گهرجي تہ پنهنجي جهانن جي خالق، الله تعالي مخلوق کي عشق، محبت ۽ معرفت لاءِ پيدا ڪيو آهي. جيئن فرمايو ويو آهي تہ:

كُنْتُ كَنْزًا مَخْفِيًا فَاَحْبَبْتُ اَنْ اُعْرَفَ فَخَلَقْتُ الْخَلْقَ لِاَجْلِيْ (1)

[مان گجهو خزانو هيس، پوءِ مون پنهنجي لاءِ مخلوق کي خلقيو تہ جيئن آءٌ سڃاتو وڃان.]

عاشق ۽ محب ان کي چوندا آهن جيڪو محبت ۽ عشق جي انتها تي هجي. هاڻي عاشق خدا تعالي ۽ معشوق محمد مصطفيﷺ آهي. يا معشوق خدا تعالي ۽ عاشق محمد مصطفيﷺ آهي يا معشوق مخلوق ۽ عاشق خدا تعالي آهي، يا معشوق خدا تعالي ۽ عاشق انسان آهي. ڇاڪاڻ تہ اها محبت ۽ عشق، الله تعالي جي طرفان انسان وٽ امانت آهي ۽ انهيءَ امانت جو بار ڪٽندڙ انسان کان سواءِ ڪا بي مخلوق نہ آهي. جيئن قرآن مجيد ۾ ان مضمون کي هن طرح بيان فرمايو ويو آهي تہ:

اِنَّا عَرَضْنَا الْاَمَانَةَ عَلَى السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَالْجِبَالِ فَاَبَيْنَ اَنْ يَّحْمِلْنَهَا وَاَشْفَقْنَ مِنْهَا وَحَمَلَهَا الْاِنْسَانُ (2)

[بيشڪ اسان امانت کي آسمانن ۽ زمين تي پيش ڪيو. انهن جي ڪڙ کان انڪار ڪيو، پوءِ ان کي انسان کنيو.]

---

(1) هيءَ حديث صوفي صاحبن جي ڪتابن ۾ عام ملي ٿي پر حديث جي ڪنهن ڪتاب ۾ نٿي ملي. ابن تيميه، زرڪشي ۽ سخاوي فرمائي ٿو تہ: ان حديث جو بنياد نہ آهي. (المصنوع ص ۱۴۱ ج ۱) ساڳي ڳالهہ حافظ ابن حجر "اللالي" ۾ ۽ علامہ سيوطي تدريب الراوي ۾ بہ چوي ٿو. ملا علي قاري چوي ٿو تہ معنوي اعتبار سان اها ڳالهہ صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالي فرمائي ٿو تہ: وما خلقت الجن والانس الا ليعبدون. مون جنن ۽ انسانن کي رڳو پنهنجي عبادت لاءِ پيدا ڪيو آهي (ڪشف الخفاء ص ۱۷۳ ج ۲) ڪشف الظنون ص ۱۰۴۰ ج ۲ ۾ آهي تہ ان "حديث" جي تشريح ۾ شيخ بالي صوفي (جنهن جو سن وفات ۹۵۰هـ ڪان پوءِ آهي) هڪ ڪتاب لکيو آهي ۽ مخالفن جو رد لکيو آهي.

(2) سورة الاحزاب آيت: ۷۲

www.maktaban.org

اي منهنجا عزيزا! عاشق لاءِ معشوق جي گفتگو، حسن ۽ جمال، ڪرشمي، ڪمال، ناز انداز جي محبت ۾نهي جي درميان رابطي ۽ وابستگي جو وسيلو ۽ ذريعو آهي. جنهن جي ڪري عاشق جي دل ۾، معشوق سان ميل جول، شوق، ذوق، عقيدتمندي ۽ نيازي مندي وڌندي آهي. تانجو عاشق ۽ معشوق ۾نهي ۾ قربت قائم ٿيندي آهي. ان ڏس ۾ مولانا جامي چوي ٿو ته:

مثنوي

از من اگر بر سينه داغيست
نه پنداري كزان داغم فراغيست
مرا هم دل بدام تست دربند
داغ عشق تو هستم نشانند

[جيڪڏهن منهنجي سيني تي محبت جو داغ آهي ته توکي ڪهڙي ڄاڻ ته مون کي ان داغ جي ڪري (هن قسم جي داغن کان) فراغت حاصل ٿي چڪي آهي. منهنجي دل تنهنجي ڄار ۾ قائل آهي. مون ۾ تنهنجي عشق جي داغن جا نشان موجود آهن.]

جيئن ته عشق، عاشق ۽ معشوق جي درميان وصل ۽ اتحاد جو وسيلو وڏي رمز آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن انسان سعادتمند هوندو ته سندس عشق ان کي معشوق سان ملائيندو ڪيس فيض ۽ بهرو عطا ڪندو ۽ جيڪڏهن خدا تعالي جي ڪرم نوازي سندس شامل حال هوندي ته، انهيءَ وات تي ڪيس پنهنجي پاران نور جي لاٽ ۽ شمع عطا فرمائيندو آهي.

"بيت"

دلم با عشق تو منور است
ديدم از شوق با ديگر نيست
باش چون ماهي سمندر سان
كه آتش عشق آب حيات ست
عاشقان را نظر بران عارض
خوشتر از لاله زار رضوانست

www.maktabah.org

من همين نكته كرده ام تحقيق
از تریاق به زهر جانانست
در طلب با خود گدا بودن
بهره از مملكت سليمان است
زهر معشوق عاشق را خوش تر
از صد هزار درمان است
دولت يار فيض در فيض است
گر بدارين كرم ارزان ست
پند به پذير اي عزيز بجان!
غير دلداري جمله خسران است
"فقري" از بهر سود خويش بجان
باش قربان گر تُرا جان ست

[منهنجي دل، تنهنجي عشق سان منور آهي. توكي شوق سان ڏٺم تہ هاڻي ڪنهن ٻئي سان (محبت) نہ آهي. سمنڊ جي مڇيءَ وانگر ٿيءُ ، چاڪاڻ تہ عشق جي ٻاھ آب حيات آهي. عاشقن جي نگاه باغ جي انهيءَ مالڪ جي رُخسار تي آهي، جيڪو گلاب کان بہ سهڻو آهي. آءٌ تحقيق ڪري، انهيءَ نُڪتي تي پهتو آهيان تہ محبوب جو زهر بہ دوا دارونءَ کان وڌيڪ چگو آهي. پنهنجي يار جي طلب ۾ گدائي اختيار ڪرڻ، سليمان عليه السلام جي مملكت جو بهرو آهي. معشوق جو زهر بہ عاشقن لاءِ سوين، هزارين دوائن ۽ دارن کان وڌيڪ بهتر آهي. يار جي محبت جي دولت جو فيض مٿان فيض آهي. بشرطيڪ تنهنجي ٻاجهہ ٻنهي جهانن ۾ سستي هجي. اي منهنجي کان جا عزيز! نصيحت کي قبول ڪر تہ دلدار کانسواءِ سڀ ڪجهہ سراسر نقصان آهي.] اي فقيرا جيستائين تنهنجي جيءَ ۾ ساه آهي پنهنجي ذات جي پلائيءَ لاءِ (مٽس) قربان ٿي وڃ! جيڪو بہ عشق کان مجبور ٿي دوست جي دامن کي نہ چنبڑندو ٻنهي جهانن ۾ نامراد ٿيندو. چاڪاڻ تہ عاشق جي مراد ۽ مقصود معشوق جي وصال کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي.

www.maktabah.org

بيت

دامنت از دست خود بگذاشتم
بر مراد دست دوست كي داشتم
در ضمير من نگنجد غير دوست
زانكه جز دلبر نه دلبر داشتم

[تنهنجي دامن كي هٿ كان ڇڏي ڏيان ته دوست جي وصال جي منزل كي كيئن پهچندس؟ منهنجي دل ۾ دوست كان سواءِ كنهن جي به گنجائش نه آهي. ڇاكاڻ ته دلبر كان سواءِ كو دلبر نٿو ركان.]

عشق اهڙي باه آهي، جنهن ۾ "غير" جو گاه گند سڙي ويندو آهي ۽ معشوق كانسواءِ كجهه باقي نه بچندو آهي.

"بيت"

برد از من دين جان و دل هنوز
سوخت مغز و استخوان و دل هنوز
گرچه گل گشتم سراپا همچون شمع
خليد خار گلرخان در دل هنوز
سوخته خاكسترم بر نار داد
آتش عشق بتان در دل هنوز
گفته او نغمه منصور را ز من
هست مخفي همچنان در دل هنوز
عشق همين تقاضا كرد كه "انا" هستم
شيوه وحدت نهان در دل هنوز

[منهنجو محبوب، منهنجي جان ۽ دل به كٹي ويو هاڻي ته (سندس عشق ۾) منهنجو مغز هڏيون ۽ دل جان به سڙي پچي رهيا آهن. جيتوڻيڪ شمع وانگر هري سڙي وسامجي ويو آهيان. پر ايڏا دلبر جي در جو ڪُنيو منهنجي دل ۾ چپي رهيو آهي. باه ۾ سڙي رک ٿي ويو آهيان پر بتن جي عشق جي باه ايڏا دل ۾ هري رهي آهي. منصور حلاج جا قول ۽ نغما منهنجي دل جا راز آهن، جيڪي ساڳي طرح دل ۾ ڳجها آهن. جنهن

www.maktabah.org

کي الله سان عشق هوندو آهي. ان جي تقاضا آهي ته منصور حلاج وانگر "انا الحق" جو نعرو هڻان.]

عشق جو شراب پيئڻ سان مستي ۽ بيهوشي، ٻئي نصيب ٿيندڙيون آهن. عشق جي ڪري ماڻهو هن جهان کان مست ۽ بيهوش ٿي ويندو آهي ۽ هُن جهان جي آگاهي حاصل ٿيندي آهي.

بيت

معيت و هوشياري من ازباده مستانه خويش
که بخوردم من بي خود از خمخانه خويش
چشم گريان، دل بزبان، لب خندان ديدم
مختلف حال بسي از دل ديوانه خويش
قبله همت ما گشت چو ابرو جانان
يافتم صاحب کعبه از مست خانه خويش
سر مخفي که نهان است بصد پرده راز
گشت معلوم مرا لا زوال فرزانه خويش
گرچه مطلوب شدم از طلب ليک هنوز
دارم آغاز طلب کوي جانانه خويش
غير حق نيست چو فهميدم در وادي عشق
خودشمع و گلشن و گل، بلبل، پروانه خويش
مدت گوهر مقصود برون مي جستم
خوش عاقبتم که آنرا ز دروازه خويش يافتم
آنچه مي جستم از غير خود آخر بنگر
يافتم آن همه دولت از کاشانه خويش
گنج بيحد که در دولت خانه عظمي است
يافته "فقيري" از قلب ويرانه خويش

[پنهنجي مستي واري پيالي جي ڪري ڪڏهن مون کي دلبر جو ساڻ نصيب ٿيندو آهي ۽ ڪڏهن هوشياري نصيب ٿيندي آهي. پنهنجي ديواني ۽ مست دل جي حال جي ڪري اڪثر ڳوڙها ڳاڙيندڙ اکيون ۽ پنهنجي دل، چپن تائين مسڪرائيندي ڏٺم. اسان جي همت جو قبلو يار

www.maktabah.org

جا پروون آهن. آءُ ته پنهنجي مست خاني ۾ ڪعبي واري يعني الله کي لهان ٿو. اهو راز جيڪو سوين پردن ۾ پوشيده آهي. سو مون کي پنهنجي لازوال عالم و بزرگ (مرشد) جي وسيلي سان معلوم ٿيو. جيتوڻيڪ طلب سبب آءُ مطلوب آهيان پر پنهنجي دلبر جي گهٽيءَ جو شروعاتي طالب آهيان. جڏهن عشق جي ماڻڀءَ کي سمجهيم ته معلوم ٿيو. حق تعالي کان سواءِ ڪو به نه آهي. اهو پنهنجي لاءِ پاڻ ئي شمع به آهي ته باغ بهار به، ته گل به، ته بلبل به، ته پروانو به آهي. مدت کان گوهر مقصود باهر تلاش ڪري رهيو هيس. منهنجو پاڻ پلو آهي جو ان کي پنهنجي دروازي تي لڌم. جيڪا شيءِ پنهنجي غير ۾ ڳولي رهيو هيس. آخرڪار اها سموري دولت پنهنجي ئي گهر ۾ ملي وئي. اُهو بيحد خزانو جيڪو عظيم دولت خاني ۾ آهي، سو هن فقير پنهنجي دل جي ويراني ۾ لڌو آهي.]

عشق جي تعريف

عشق، الله تعالي جي مهرباني ۽ ذات آهي، جنهن جي ڪري باطل جو بريٽ يعني دل ۽ ضمير گلشن وانگر ٿي ويندو آهي. يا وري عشق ابراهيم عليه السلام جي باه وانگر آهي. جنهن کي الله تعالي پنهنجي ٻانهي لاءِ گل گلزار ۽ جان جي سلامتي جو سبب ڪندو آهي. جنهن جي ڪري ٻانهي کي ٻنهي جهانن جي ڪاميابي ملندي آهي ۽ جڏهن اها نوراني ڪيفيت قلب ۾ روشن ٿيندي آهي ته ڪيس تروتازگي ۽ حياتي بخشيندي آهي ۽ روح کي راحت ملندي آهي يا وري عشق باه به آهي ته نور به آهي.

بيت

شعله آتش عشق در خرمن من
صد گل بجهت بگشفت در گلشن من

[جڏهن منهنجي وجود جي ديئر ۾ عشق جو شعلو ٻري ٿو ڇڏ ته منهنجي دل جي باغ ۾ سوين خوشبودار گلن قلن وارا وڻ هر طرف پيدا ٿين ٿا.]

يا وري عشق کي خليل الله عليه السلام وانگر ڏس. جنهن لاءِ هن ڏرتي تي نمرود جي مچايل باه جنت نظير ٿي وئي. يا سمجهو ته عشق

www.maktabah.org

اهڙي باه آهي. جيڪا سمورن حجابن کي ساڙي رک ڪري ڇڏي ٿي. جنهن جي دل ۾ عشق هوندو آهي. ان جي اندر ۾ الله کان سواءِ ڪا به شيءِ باقي نه رهندي آهي. پوءِ ان جي حالت سڄ جي روشنيءَ وانگر هوندي آهي. جنهن جا ڪرٽا نڪرندا آهن تہ پوري جهان کي منور ڪندا آهن ۽ سوز ۽ گداز پيدا ڪندا آهن. چيو ويو آهي تہ نافرمانن کي قيامت جي ڏينهن دوزخ جي باه ۾ ساڙيو ويندو. پر دوزخ کي محبان خدا جي عشق جي باه جي ذريعي عذاب ڏنو ويندو. بلڪ بهشت ۾ به سندن ئي عشق جي ڪري گرمي ۽ سوز ۽ ساز هوندو ۽ منجهن اها تاثير الله تعالي سان محبت ۽ عشق جي سبب پيدا ٿيندي.

بيت

چه آتش است ندانم که عشق مي گويند
نار و نور جمله شعله است ازان آتش

[جنهن شيءِ کي عشق چئجي ٿو اهو چا آهي؟ مون کي خبر نه آهي. دوزخ جي باه ۽ جنت جو نور به ان عشق جو ئي هڪ شعلو آهي.]

هڪ پيري شيخ بهاءُ الدين زڪريا رح عشق جي حالت ۾ فرمايو تہ جڏهن عاشق دل مان آهه ڪيندو آهي تہ جيڪا به باه هوندي آهي سا وسائجي ويندي آهي. چاڪاڻ تہ اهڙن محبن جي دل مان هر شيءِ سڙي فنا ٿي چڪي هوندي آهي. سواءِ هڪ خدا تعالي جي ذات پاڪ جي محبت جي.

بيت

فرياد که فرياد در دهانم سوخت
بر داغ جگر سوز نهادم مرهم
از غايت سوزي دل درمانم سوخت
اين آتش عشق دل سوزان که مراست
بنگر که جگر و دل هم غير الم سوخت
بس آتش دلدار که در دل دارم
جز دلبر از بر من مي دانم سوخت
از غايت آتش دو جهان سوز مرا بين
هم اينم هم آنم جانم سوخت

www.maktabah.org

[فرياد، فرياد ڪندي منهنجو منهن ۾ سڙي چڪو آهي، جگر تي سوز جو جيڪو داغ آهي، ان تي مرهم رکان ٿو. عشق جي هيءَ جيڪا باه منهنجي اندر ۾ آهي، ان جي سوز جي سختي سبب منهنجي دل ۾ سڙي وئي آهي. پنهنجي وجدان ۾ دلبر جي محبت جي باه رکان ٿو. ان جي ڪري منهنجي جگر ۾ منهنجي دل بغير رنج ۽ غم جي سڙي پچي رهي آهي. دلبر کان سواءِ منهنجي اندر جيڪي ڪجهه هو سو سڀ سڙي رک ٿي ويو آهي. انهيءَ باه جي سختي ۾نهي جهانن کي ساڙي ڇڏيو آهي. مون کي ڏس! آءٌ سڀ ڪجهه هي آهيان ۽ سڀ ڪجهه اهو آهيان، چاڪاڻ ته منهنجو سڀ ڪجهه سڙي رک ٿي ويو آهي.]

يا وري عشق اهڙي باه آهي، جنهن سان ٻئي جهان باغ بهار ٿي ويندا آهن. ڪنهن ڏاڍو سڻو چيو آهي ته:

نار چون نور الله، الله نور السماوات والارض گشته

بهرجا که بنگرم، آتش است

[جيڪا ۾ باه آهي اها الله جو نور آهي. چاڪاڻ ته فرمائي ٿو ته:

اللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ (1)

[الله آسمانن ۽ زمينن جو نور آهي.]

تنهن ڪري جتي ڏسان ٿو مون کي باه ئي باه نظر اچي ٿي.

بيت

بنار عشق جهان معدن آتش افتاده است

که در زمين وزمان خرمن آتش افتاده است

[عشق جي باه جي ڪري، جهان باه جو سرچشمو آهي. تنهن ڪري زمين هجي يا زمانو هجي، هر هنڌ باه جا مچ نظر اچي رهيا آهن.]

عاشقن جي آهُن ۽ دانهن سبب زمين سڙي چڪي آهي. جتي ۾ نهاريان ٿو باه پڙڪي رهي آهي. هن دنيا جي عاشقن جي رئندڙ دلين جي سوز کي ڏس ته ان جي ڪري برپٽ هجي يا سمنڊ، سڀ رت ۾ ٻڏا پيا آهن

(1) سورة النور آيت:٣٥

www.maktabah.org